
سندر رامائڻ

شري ديپچندر ٽلوڪچند

سنڌي ساهتيہ سميتي

سنت مادل هاءِ سڪول بلڊنگ

١٣ ڪينيڊي برج بمبئي ۽ ١-٣٠





No. 1831 श्री रामचन्द्रजी S.S.B.

سنڌي ساهتيه مالها - پستڪ نمبر ١٣.

سال پيو

[١٩٦١ — قيمت هڪ روپيو — چاپو ٻيو]
پڪو جلد ١-٣٠

Printed by Shri Radhakrishin Prabhdas at the
Amar Bharat Press, Ajmer.
&
Published by Shri Hari Sunder Rupchand
for Sindhi Sahitya Samiti, Bombay-7.

ٻه اکر

راماڻ هندن جو هڪ نيتي مريادا جو مکيه شاستر
ـي، اُنجو مختصر بيان ڪهاڻين دواران سندر نموني ۾
ـ ديپچندر تلوڪچند مهرباني ڪري سنڌ ۾ لکي
ـنو هو جو اُتي ڪوڙيمل ساهتيه منڊل حيدرآباد
ـران دان وٽي سستو ڪري ڇپايو ويو هو. پستڪ عام ۾
ـبول پيو، ڪن سڪولن جي باني ڪارن سڪولن ۾ درسي
ـڪتاب ڪري رکيو. ٿوري وقت ۾ ٻه ڇاپا کپي ويا، هي
ـيون ڇاپو ڀاءُ ديپچندر سڌاري ڏنو آهي ۽ ٻه نوان باب
ـڻ لکي ڏنا آهن جنهنلاءِ اسين سندس گهڻو ٿورائتا آهيون.
ـي ٽيون ڇاپو سنڌي ساهتيه سڀا بمبئيءَ پاران
ـايع ٿي رهيو آهي، هي پستڪ خاص وديارٿين لاءِ ڇپايو
ـيو آهي. ڪتاب کي شوڀنيڪ بنائڻ لاءِ ٽرنگيون مورتون
ـڻ وڌيون ويئون آهن. ڇپائيءَ ۾ اسين شڪرگذار آهيون
ـري ڌهلرام بصرومل آسواڻي جا جنهن پنهنجي سرڳواسي
ـراتا مکي ڪنديمل جي پوتر يادگيريءَ ۾ هن سندر
ـستڪ لاءِ سهائتا ڏني آهي ۽ ڪجهه ڪاپيون وٽي مفت
ـرهايون آهن. دان ملڻ ڪري پستڪ جي قيمت ٿوري
ـکي ويئي آهي. اسانجي سڪولن جي باني ڪارن کي
ـينتي آهي ته هي سندر راماڻ نيتي سکيا جو پستڪ
ـڪري شاگردن کي پاڙهيو وڃي؛ وديارٿين خواه جيڪي
ـهڻ مفت ورهائيندا تن سان خاص رعايت ڪبي.

شيوا ۾: **هريسندر روپچند**
سيڪريٽري سنڌي ساهتيه سڀا

ر سبب گھڻو مشهور ٿيو آهي. هيءُ ننڍڙو پستڪ گھڻو
ڪري والميڪ رامائڻ جي آڌار تي لکيو ويو آهي.
انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته اهڙي اَملهه پستڪ جو جيترو
ڻو پرچار ٿئي اوترو ٿورو. منهنجي گھڻي تمنا پئي رهي
ي ته والميڪ رامائڻ اڪر به اڪر سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريان
چپجڻ جو ڪو آسرو نه ڏسي، همت وجهڻ ۾ هٻڪ پيئي
ي . سڄي رامائڻ ڇپڻ سان سنڌي اُن مان گھڻو لاڀ
ي سگھندا .
هن نموني رامائڻ لکڻ جو منهنجو ارادو نه هو پر
ڪؤڙي مل سنڌي ساهتيه منڊل جي سيڪريٽريءَ
ري هري سندر روپچند جي چوڻ تي قلم همت ۾ کڻو
و هو، جو سندس منشا هئي ته رامائڻ سليس نموني
ڪي قدر آکاڻين جي روپ ۾ ۽ مختصر هجي، جيئن
بمت ٿوري رکي سگھجي ۽ وديارٿي به سولائيءَ سان
پ وٺي ۽ سمجھي سگھن. سندس منشا پوري ٿي، جو
ن پستڪ جا به ڇاپا ٿوري وقت اندر سنڌ ۾ ئي کپي
ڪا هئا .
ڀارت ۾ اچڻ تي به اهڙي رامائڻ جي ضرورت محسوس
ڪئي ويئي ۽ وري به شري هري سندر سيڪريٽري
سنڌي ساهتيه سڀا، اهو شيوا ڪاريه پاڻ تي هموار ڪيو
هي ۽ سندس مرضيءَ مطابق هن ڇاپي ۾ ڪي ٿوريون
بريون گھيريون ڪيون ويئون آهن. آشا آهي ته ڀارت ۾
سنڌي هن پستڪ جو قدر ڪندا ۽ خاص ڪري
وديارٿين جي ڪچڙين دلين تي اعليٰ اثر وجهڻ لاءِ هن
ي پرچار ۾ مدد ڪندا.
شيوا ۾
چمبر - ١ مارچ ١٩٦١ع
ديپچند ر ٿلوڪچند

مهاڳ

هندن جي ڌرمي پستڪن ۾ رامائڻ هڪ مکيه جاءِ والاري ٿو. **رامائڻ** نه رڳو هندستاني ٻولين ۾ ڇپيل آهي پر دنيا جي مکيه ٻولين ۾ به ترجمو ٿي، انهيءَ پستڪ جهجهو آدر پاتو آهي. رامائڻ هڪ سمنڊ مثل آهي، جنهن ۾ ٽٻيون هڻڻ سان انيڪ ئي بها موتي حاصل ڪري سگهجن ٿا.

هن گرنٿ ۾ نه فقط مريادا پرشوتم **شري رامچندر جو جيون چرتر** ڏنل آهي؛ بلڪ انيڪ شخصيتن جو منجهس بيان اچيتو، جنجي اوچاين ۽ اوڻاين جو دلچسپ نموني چتر چٽيو ويو آهي، اُنهن پڙهڻ سان من تي عجيب اثر ٿئي ٿو. رامائڻ اهو پوتر پستڪ آهي، جو ٻنا ڪنهن ڀيڪ جي ننڍي خواه وڏي جي هٿ ۾ ڏئي سگهجيتو. **منجهس ڏيکاريل شروڻ جي شيوا، رام جي مريادا، سيتا جو ستُ، ڀرت جي ڀائپي، لڪشمڻ جو لاثاني سنجم، هنومان جي ڀڳتي، انگد جي بي ڊپائي ۽ ڀڀيشڻ جي سچائي وغيره آدرش ماڻهوءَ جي من تي ڇڳو چٽ چٽين ٿا.** اهوئي سبب آهي جو هندو رامائڻ کي عزت جي نگاهه سان ڏسن ٿا. هن جڳ جو اعليٰ انسان **مهاتما گانڌي** به رامائڻ جي اڀياس تي زور ڏنو ٿي.

رامائڻ اصل ۾ سنسڪرت ۾ والميڪ رشيءَ جو لکيل آهي، جو ئي اتهاسي نظر کان ٺيڪ آهي. گوسوامي تلسيداس به هندي ڪوتا ۾ رامائڻ لکيو، جو به اعليٰ ڀڳتي رس ۽



سرڳواسي مکي کندومل بصرمل آسواڻي

پرلوڪ پڌاريا ۲۸ فيبروري ۱۹۵۷

اَرپڻ پتر

هي سندر رامائڻ

گهڻي پريم ۽ شرڌا سان

اَرپڻ ڪريان ٿو

پنهنجي مربي سرڳواسي پراڻا

مکي ڪنديمل بصرمل آسواڻي

جي پوتر يادگيريءَ ۾

ٿهلرام بصرمل آسواڻي

جنم ۽ ونش

مکي کنديمل بصرمل آسواڻيءَ جو جنم تاريخ ١٦ ڪتي سنبت ١٩٣٥ برابر نويمبر ١٨٧٨ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. سندس ڏاڏي جو نالو ڀائي چنديرام جيٺمل هو جو ڀائي کنديمل جي جنم وقت حيات هو. ڀائي چنديرام جا اناج، گيهه ڪپڙي وغيره جا ڪارخانا حيدرآباد، لاڙڪاڻو، ٿرپاڪر، ڪراچي، لاڙ ۽ پنجاب جي ڪيترن ئي شهرن ۾ هلندڙ هوا. ڀائي چنديرام کي گهر پٽ ٿيو. پهرئين گهر مان مکي کنديمل جي پتا ڀائي بصرمل جو جنم ٿيو. ڀائي بصرمل کي وري ٻه پٽ ڄاوا، هڪ ڀائي کندومل ۽ ٻيو شري ٿهلرام. شري ٿهلرام اڄ به حيات آهي. شري ٿهلرام بي. اي.، ايل. ايل. بي. پاس ڪئي ۽ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو گهڻائي ورهيه پريزيڊنٽ ٿي رهيو. تنهن ڪانسواءِ هن صاحب ڀائيبند بئنڪ، سنڌ نئشنل بئنڪون ۽ نانڪرام گرلس سڪول برپا ڪيا. راڄنيتي پنگتي ڳالهين ۾ خوب ڀرو ونندو پي رهيو آهي.

ڀائي کنديمل جو ڏاڏو ڀائي چنديرام بلڪل سخي ۽ اُدار دل هو. جيڪڏهن ڪنهن وقت سندس چار ڏوڪر رهجي ويندا هوا ۽ اُنجي حالت سقيم ٿي ويندي هئي ته هو اُنکي اُها رقم معاف ڪري ڇڏيندو هو. سڪرت جي ڪمن ۾ هميشهه اڳرو هوندو هو. جڏهن سنڌ ۾ پهريون ڏيارام جيٺمل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ کليو تڏهن شري چنديرام به اُن ڪاليج لاءِ چڱي رقم ڏني. تارو

ء چڱو ڄاڻو هو.

هندو سنڌي ۾ گرمکي اکر سکي هي صاحب ۱۳ ورهين جي ننڍيءَ ڄمار ۾ پنهنجي ڪراچيءَ جي ڪارخاني تي وڃي رهيو جتي ٻن پلاوٽن ۽ پنهنجن ڀائيوارن سان حساب ڪتاب لاهڻ ۾ اهڙي ته هوشياري ڏيکاريائين جو سڀ واڻيا تي ويندا هوا مگر ڪراچيءَ جي هوا ڪيس ڀانءِ نه پيئي جنهن ڪري لاچار تي حيدرآباد ۾ اچي رهيو. حيدرآباد ۾ سيني ڪارخانن جو حساب ڪتاب رکيل هوندو هو. مکي ڪنديمل جي هوشياري ڏسي سنڌس ڏاڏي ڀائي چنديرام کيس ڀائيوارن ۽ گماشتن سان ليکي لاهڻ جي ڪم تي ڪري رکيو.

مکي چنديرام جي گذرڻ بعد ٿوريئي وقت ۾ ڀائيوارن اٽڪل ست ستر هزار روپين جو ڪارخانن کي گهاٽو رسايو جنهن ڪري لاچار تي ڀائرن کي پاڻ ۾ ورهاست ڪرڻي پيئي جنهن ڪري مکي ڪنديمل جي پتا ڀائي ٻصرمل کي اڌ حصي ۾ چڱيائي ملڪيت پڙ پيئي. سنڌس ڀاءُ پيرومل کي اوتروئي حصو مليو مگر هو ڏڪاڻجي ويو. ڀائي ٻصرمل ننڍيءَ عمر ۾ ۱۹۰۸ع ۾ گذاري ويو. تنهن هوندي به ڀائي ڪندومل ۽ شري نهلرام ۱۹۱۷ تائين گڏ رهندا آيا آخر ۱۹۱۷ع ۾ ٻنهي ڀائرن به ملڪيت جو ورهاڱو ڪيو ۽ هڪ ٻئي کان جدا ٿيا ته به ٻنهي ڀائرن جو پريم لوڙ تائين هلندو آيو. ڀائرن جي ورهاڱي بعد ڀائي ڪندومل سڀ ڪاروبار بند ڪري فقط وياج وٽي جو ڪم ڪندو آيو. هڪ پيري سنڌس چاچو ڀائي پيرومل ڪنهن لهڻيدار

شيخ واري واقع ۾ وڏي مدد ڪئي. تئين ٿهيءَ جي جوانن کي تارو شيخ جي معاملي کان واقف ڪرڻ واجب سمجهان ٿو.

شري تارومل ماکيجاٽيءَ کي زوريءَ مسلمان ڪيو ويو. انهيءَ تي هندن ۾ ڏاڍو تاءُ هو. سال اڌ بعد تارومل وري هندو ٿيڻ لاءِ ڀائي گربخت صاحب جي معرفت (جو اُنوقت وڏو سڌ پرش ۽ يوگي هو جنهنجي وچن واچا ڏاڍي هلندي هئي) عاملن ۽ ڀائيبندن جي پنچاتن کي وري هندو ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو مگر ڪابه هندو پنچات ڪيس هندو ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. اينتريقدر جو آڏواڻيءَ گهٽيءَ جي پنڊت ڌرمياني مل ۽ پنڊت ڏولارام جن ڀائي گربخت صاحب ۽ منشي گدومل جي چوڻ تي ڪيس شڌ ڪري هندو ڌرم ۾ داخل ڪيو تن جا ڄڄمان به ڪاٽي ڦري ويا.

هندو ڌرم ۾ وري داخل ٿيڻ بعد جڏهن شري تارومل جي نياٽيءَ جي ڪارج جو سوال اُٿيو تڏهن ڪابه پنچات سندس مدد ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي پر آفرين هجي مکي چنديرام کي جنهن شري تارومل جي هر طرح مدد ڪري ڪيس پنهنجي پنچات جا براهمڻ ۽ ڀت ۽ دهلاري ڏياري موڪليا ۽ همت ڀريو قدم کڻي پنهنجي همدردي ڏيکاري.

تعليم :- ڪنديمل کي ڀائيبند ڪي ٻي نگ سان تعليم ڏياري ويئي يعني ڪارخانن ۽ ڪوٺين جا حساب ڪتاب رکڻ، ليکا چڪتو ڪرڻ وغيره جي ڪم ۾ ڪيس پڪو ڪيو ويو تنهن هوندي به هن اُنوقت جي پنڊتن جي صحبت ۾ رهي شاستري وديا جو ابياس ڪيو ۽ جوتش وديا جو

اُدار دل ڀائي ڪندومل

ڀائي ڪندومل وياج وٺي جو ڪم ڪندو هو. اهڙا ڪيترائي مثال آهن جن ۾ قرضدار جي ڪٽي پوندا هوا ته اُنهن کان رڳي پنيان ٦-٨ آنه وٺي قصو نباهي ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جي چار چڱا وٽس لنگهي ايندا هوا ۽ اچي چوندا هوس ته فلاڻو ويچارو نياڻين جو پيءُ آهي ته اهڙيون رقمون هو معاف به ڪري ڇڏيندو هو. اهڙا به ڪيترا مثال آهن جن ۾ هن سنڌ ورڪين جي ڏڪاڻجندڙ فرمن کي مدد ڪئي هوندي. جيتوڻيڪ اهڙين فرمن کيس وياج سوڌيون رقمون پهتيون ڪري ڏنيون هونديون.

گجيرائي پنچات جو مکي

ڀائي ڪندومل حيدرآباد گجيرائي پنچات جو مکي هو. هن مکپڻ جي پڳ بلڪل ديانتداري ۽ نياءَ سان هلائي. آڏيءَ مانجهيءَ پنچات جي سڏ تي حاضر. هن پنچات ۾ اٽڪل پنج سؤ کن گهر شامل هوا جن جي پنچائتي سوارٿن جي سڏ تي، پرڻي، مرڻي، لٿيءَ لٿيءَ حاضر رهندو هو. جيڪڏهن ڪو پنج پنچائتي بندي اورانگهي وڏيڪ ڏيتي ليتي هلائيندو هو ته هڪدم اُن تي روڪ وجهندو هو. پنچن جا گهرو تڪرار ڏيتي ليتي يا ملڪيتن جي وراهستن وغيره جا نبيندا هوا ته راجوڻي طرح نبيريندو هو. هو هندو قانون مان به چڱيءَ طرح واقف هو. جيڪڏهن جيڙهي تي جيڙهي شادين جا مقدما ڪورٽن ۾ هلندا هوا ته هندو ڌرم جي قاعدن ۾ چالو رسمن ۾ رواجن مطابق ڪائنس شاهدي ورتي ويندي هئي

جي قرض ڪري قانوني تڪليف هيٺ اچي ويو پائي ڪنديمل ڪسي پنهنجن وڏن جو ننگ پيو ۽ هن جي پاران ساري رقم چڪتو ڪري ڏني.

سچائي ۽ سچيائي

پائي ڪندومل پنهنجي ڪاروبار ۾ بلڪل سچيو ۽ ايماندار هو. ڪيترن ئي آسامين جا ونس لکين روپيه ڏراوت طور پيا هوندا هوا مگر هن ڪڏهن به امانت ۾ خيانت نه ڪئي. سندس سوٽ پائي نئومل ٽيڪچومل آسوائي وقت به وقت ولائت مان ڪيس پيسا ڏياري موڪليندو هو. ورهين پڇاڙان جڏهن هو ولائت مان لٿو ته ڪيس سندس پنجاهه هزار روپيه هڪدم موٽائي ڏنائين. اهڙيءَ طرح ٻين ٻن سڄڻن به ڪيس وڏيون رقمون ڏياري موڪليون ته اُنهن کي پائي پائيءَ تي چاڙهي ڏنائين.

ڪيترن ئي ڏرماڌا ٽرسٽن جو ٽرسٽي ٿي ڪم ڪندو رهيو. هو حساب ڪتاب رکڻ جو پاڻ ته پڪو هو مگر ٻين کي به هدايت ڪندو هو ته پاڻ قرائڻ اهڙوئي خراب آهي جهڙو ٻين کي قرڻ. هو صاحب وهنوار ۾ بلڪل سچو ۽ سڌو سنوانو هو.

پائيبند ڪوآپريٽو بئنڪ برپا ڪرڻ

هن صاحب جي ڪوشش سان پائيبندن جي گهرجن پوري ڪرڻ لاءِ ۱۹۲۸ ۾ پائيبند ڪوآپريٽو بئنڪ کليي جنهنجا پنج سؤ شيئر پاڻ خريد ڪيائين ۽ پنجهتر شيئر پٽن جي نالي خريد ڪيائين. ڪيترائي ورهيه اُن بئنڪ جو ڊائريڪٽر ٿي رهيو.

شواليءَ مان ٽي، سڌو هو مسيٽب هال واري ستسنگ ۾ ويندو هو جتان سڌو پنهنجي ڪوٺيءَ تي اچي نيرن ڪري پنهنجي ڪاروبار کي لڳي ويندو هو. شام جو گڏو بندر طرف به چار ميل پنڌ ڪري جتان موٽي رسوئي ورتائڻ بعد پاڙي جي شواليءَ جي ٿلهي تي ستسنگين سان گڏجي ڪلاڪ ڏيڍ ستسنگ ڪندو هو. سندس گرو گرنٿ صاحب سان ڏاڍو پريم هو ۽ واڻي ڏاڍيءَ للڪار سان پڙهندو هو. ڪيس راڳ جو ڏاڍو شوق هو، پاڻ خود به ڏاڍو سريلو هو. ان ڪانسواءِ جيڪڏهن ٻڌندو هو ته ٻاهران ڪو ودوان يا پنڊت آيو آهي ته اُن جو وياکيان ٻڌڻ لاءِ به ضرور ويندو هو. سندس يادگيريءَ جي طاقت تمام تکي هئي. گرو گرنٿ صاحب جي باڻي ۽ شاهه صاحب جا ڪلام ڪيس ڪنٺ هوا. پاڪستان ٿيڻ بعد به جئپور ۾ شري رام نواس باغ ۾ ستسنگ آرنڀ ڪرائڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. اُن ستسنگ ۾ شهر جي بزرگن ڪانسواءِ گوسوامي برهمانند به شامل ٿيندو رهندو آهي.

سڄي عمر ۾ هن صاحب ٽڪا چانهه واپرائي ٽڪا ٻيڙي چکي. اجاين نشن نشن کان دور هو. هو پڪو سناتني ويچارن جو هو.

ملڪ جي ورهاڱي بعد

۱۹۴۷ع ۾ هندوستان جي ورهاڱي بعد ڀائي ڪندومل پنهنجي ڪٽنب سوڌو لڏي اچي جئپور ويٺو. سنڌ ڏکي ٿي هندوستان آيا هئا سو جيڪڏهن جوش وچان پنڊت جواهرلعل کي يا ڪانگريس کي حرف پئي ڪڍندا

جنهن کي ڪورٽ ٻه وزن ڏيندي هئي.

راڄنيتيءَ ۾ دلچسپي

مکي ڪنديمل جيتوڻيڪ ڪلهي طرح راڄنيتيءَ ۾ ڀرو ڪين ورتو ته ٻه ملڪ جي راڄنيتي ڳالهين ۾ دلچسپي وٺندو هو. ١٩٢٧ ۾ جڏهن بمبئي اسيمبليءَ لاءِ مکي هرڪشنداس ۽ شري جيرامداس دولترام جي وچ ۾ چونڊن جي تيز ڇڪري لڳي ته ٻه مکي ڪنديمل پائيبند هوندي ٻه شري جيرامداس جي حمايت ڪئي. وٽس پائيبند کي ۽ عاملڪيءَ جو حساب ڪونه هو. هو حيدرآباد جي ودوان عامل ديوان چئنراءِ جو ست سنگي هو. سينٽرل ليجسليٽو اسيمبليءَ جي چونڊن وقت ديوان لالچند نولراءِ لاڙڪاڻي واري ۽ ديوان پرمانند سپاهيملاڻيءَ جي ڏاڍي ڪشمڪش لڳي. ديوان پرمانند حيدرآبادي هو. ازانسواءِ حيدرآباد جي مکيه مکيه وڪيلن مکي ڪنديمل تي ڏاڍا زور آندا ته هو ديوان پرمانند کي مدد ڪري مگر مکي ڪنديمل شهر وارن جا وڌل تنگ پاسي ڪري هڪ لائق اُميدوار شري لالچند نولراءِ جي مدد ڪئي. جنهن مان ئي پڌرو آهي ته وٽس حيدرآبادي يا لاڙڪاڻائيءَ وغيره جو ويڇو نه هو.

ست سنگي پائي ڪندومل

حيدرآباد جي هومسٽيڊ هال ۾ روز صبوح جو ستسنگ ٿيندو هو جتي شهر جا ٻرڪ ودوان ۽ بزرگ ايندا هوا. پائي ڪندومل ٻه نت نيم سان اُن ستسنگ ۾ ويندڙ هو. سندس روزانو نيم سويل اُٿي سنان ڪري ٽڪاڻي ۽

سندر رامائن

هئا تہ مکي کندومل اُنهن کي پرپوڙ ڏيندو هو جي انگريزن جي لُٽڻ کري ئي هندو مسلمان ويڇن جو بنياد پيو، جيڪڏهن ورهاڱو نہ ٿئي ها تہ بيحد رتوڇاڻ ٿئي ها. انهيءَ جي وهنوارڪ نقط نگاهہ کانسواءِ وري انجو اڌياتمڪ نقط نگاہ سمجهائيندي کين چوندو هو تہ هرڪنهن ڳالهہ ۾ اُن رازق جي رضا ۽ راز سمايل آهي. اهو حڪم سائينءَ جي طرفان هو. خود مکي کندومل پنهنجي چئن لکن جي ملڪيت ۽ اُن مان ماهيانو اٺ سؤ روپيہ ٿيندڙ پيداش ڇڏي آيو هو، مگر هن شخص ڪڏهن بہ صبر ۽ شانتيءَ جو دامن نہ ڇڏيو ۽ مالڪ جي رضا تي راضي رهندو آيو. اُنوقت سندس من جي ورتي گرهست ڌرم ۾ رهندي بہ تياڳيءَ جي هئي. سامي صاحب جن فرمايو آهي-

سدا ڪر شڪر سامي درد وستن جي
پاوين ملن مليدا پاوين سڪوتڪر

رکي چاهہ اندر ۾ گهٽ وڌ ڪڏهن نہ ڪهر
تور انهيءَ ۾ تر تہ خامو خلوت دار ٿئين

مکي کندومل پڇاڙيءَ تائين رام نواس واري ستسنگہ ۾ شامل ٿيندو رهيو فقط سرڳواس ٿيڻ کان ١٥ ڏينهن اڳہ بدني ضعيفائي کري اُچي وڃي نہ سگهيو ۽ آخر ٢٧ مانگهہ سنبت ١٩١٣ برابر ٢٨ فيبروري ١٩٥٧ صبوح جو ١١ بجي هن ڪرڻ پنگر ڇولو تياڳيو ۽ وڃي ايشور جي گود ۾ سمايو.

هري سندر

باب ٻهريون- رهزن مان رشي

(١)

”پيارا ڀاءُ! ذرا ترس ته سهين. ٻڌاءِ ته تون اسانکي مارين ڇو ٿو؟“ رشين پڇيو.

”توهين مونکي نٿا سڃاڻو؟ مان توهانجو يمراج آهيان. توهانکي ماري پئسا کڻي ويندس.“ رهزن جواب ڏنو.

اسانکي مارڻ مان توکي ڪجهه به هٿ نه ايندو. واٽ ويندڙن کي مارڻ پاپ آهي. سنياسين کي مارڻ ته هيڪاري مهاپاپ آهي. تنهنجي دل چاهي تـه ڀلي پاپ ڪماءِ.“ رشين وراڻي ڏني.

اهو ٻڌي رهزن ٽهڪ ڏنو ۽ آڪڙ مان چوڻ لڳو ته ”مون هنن هٿن سان تـوهان جهڙن ڪيترن سنياسين جو ڪم پورو ڪيو آهي. بس، هاڻي پنهنجو پوٿي گيان پاڻ وٽ رکو ۽ مرڻ لاءِ تيار ٿيو!“

(٢)

رتناڪر زبردست ڌاڪو هـو. هنجو ڏنڌو ئي هـو واٽهڙن کي ڦري ماري، گذران ڪرڻ. هو گهاٽي جهنگل ۾ وچي وهندو هو ۽ جاچيندو هو ته ڪو واٽهڙو اچي ٿو يا نه، واٽهڙوءَ جو اچڻ ۽ هنجو ڪيس نه رکو ڦرڻ بلڪ سر ڌڙ کان ڌار ڪرڻ.

هڪ ڏينهن ٻه تپسوي سنياسي انهيءَ رستي تان اچي لانگهائو ٿيا، جنهن تي گويا رتناڪر جو راڄ هو. دستور موجب رتناڪر حملي ڪرڻ لاءِ اوڏانهن وڌيو پر سنياسي

فهرست

ون کھڙو نہ پاري گناہ ڪري رھيو آھين. ڀڳوان اڳيان
نجو کھڙو جواب ڏيندين؟ چڱو، جيڪڏھن توکي ويساھہ
ٿو اچي تہ تون پلي اسانکي وڻ سان ٻڌي وڃ ۽ گھران
ھڪ پيرو پڇي تہ اچ تہ ڪو توسان پاپ ۾ ڀاڱي ڀائي ٿ
ٿيندو يا نہ؟

سنياسين جي ٻي ٻڌي گفتگو ۽ سندن شانت مورتي
ڏسي رتناڪر جي من جي ڀاونا بہ بدلجڻ لڳي. خيال
ڪيائين تہ نقصان ئي ڪھڙو آھي، جيڪڏھن گھران پڇي
اچان؟ ڏسان تہ سھين تہ ساڌو جيڪي چون ٿا سو سچ
آھي يا ڪوڙ؟ تڏھن ھو سنياسين کي وڻ سان چڱو ڪنھيو
ٻڌي گھر ويو.

(٣)

گھر پھچي رتناڪر ڀھرين ڀيءُ کان پڇيو تہ ”مان ماڻھن
کي ماري مايا ۽ مال ڪٺي اچان ٿو ۽ ان مان اوھانجي پالنا
ڪريان ٿو. ٻڌايو تہ اوھين بہ مون سان ھن پاپ ۾ حصيدار
ٿيندا يا نہ؟“

ڀڻس پڇيو تہ ”واہ! اھو ڪھڙي شاستر ۾ لکيل آھي
تہ پٽ پنھنجو پاپ ڀيءُ جي مٿي تي مڙھي؟ مون توکي
ڄيو آھي ڇا تہ ڌاڪو ٿيي، ماڻھن کي ماري سندن ڌن
ڦري اچ ۽ ان مان اسانجي پالنا ڪر؟ جڏھن تون ٻار
ھئين، تڏھن مون ڀکھر جو پورھيو ڪري، ڪمائي توکي
پالي وڏو ڪيو. ھاڻي مان ٻڍو آھيان. مان ڪم ڪار ڪٿو
ڪري سگھان. ھاڻي تنھنجو فرض آھي ڀيءُ جي شيوا

بي ٻ پا هئا، جن ساڌس مٿين گفتگو ڪئي ۽ هو في الحال حملي ڪان بچي ويا. ٻيا مسافر ته ٻپ وچان پٽڪو به ڪڍي نه سگهندا هئا.

سنياسين کيس چيو ته "جيڪڏهن تون اسانکي هر ويرو مارڻ چاهين ته پل پنهنجي ڪارروائي ڪج؛ پر هڪ ڳالهه جو ته جواب ڏي ته، تون جو ڇاڻي ٻجهي هيترو پاپ ڪمائي رهيو آهين، سو ڪنهنجي لاءِ؟"

رتناڪر- توهانکي خبر ناهي ته مونکي ڇهن جيوَن جي پالنا ڪرڻي پوي ٿي. مونکي پيءُ ماءُ ۽ زال آهي. انهن سڀني لاءِ ڪجهه نه گهرجيم. قدرت مان جيڪي ملي ٿو، تنهن مان سڀ قوت گذران ڪريون ٿا. سو جي پاپ ٿيندو هوندو ته اهو به سڀني کي لڳندو.

سنياسي- (مرڪي) پاپ ڪرين تون پوءِ انجو ذميوار ٻيو ڪيئن ٿيندو؟ چڱو هڪ ڳالهه تون اسانجي ٻڌ، مڃ، گهر وڃي پنهنجي ڪٽنبين کان پڇي اچ ته هو جو تنهن جي پاپ جي ڪمائي کائين ٿا، سي توسان گڏ پاپ جو بار به کڻندا ڪين نه؟

رتناڪر- چڱي ٻڌايو. جنڪ مان توهانجو مطلب سمجهان ئي ڪونه ٿو! جان ٻڌائي پڇڻ جو چڱو بهانو ڳوليو اٿو! پر ٻڌا! اج منهنجي هٿن مان اوهين بچي نه سگهندا.

سنياسي- هڪ ڏينهن مرڻو ته سڀ ڪنهنکي آهي. اسانجا به ڏينهن پورا ٿيا هوندا ته تنهنجي هٿان ضرور مرنداسين، پر اسين خيال ٿا ڪريون ته پاڻ سي پيٽ خاطر

ٻچ وڏو پاپي آهيان. هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ منهنجا پاپ ڪيئن ناس ٿيندا؟

(٤)

ماڻهوءَ جي جيوت ۾ ڦيرو اچڻ لڳي ٿو ته هڪ ڪن ۾ اچي سگهي ٿو. جو اڄ چڱو آهي سو سڀاڻي خراب ٿي سگهي ٿو، جو اڄ خراب آهي سو سڀاڻي چڱو ٿي سگهي ٿو. رتناڪر جي من ۾ به ڪافي ڦيرو اچي چڪو هو. هو موٽي سنياسين وٽ آيو ۽ ڪين وٽن مان ڇوڙي، سندن چرنن تي ڪري پيو ۽ نئڙت سان چوڻ لڳو ته ”ديالو! مون سيني عزيزن کان پڇيو پر ڪو به منهنجي پاپ ۾ ڀاڱي ڀائي ٿيڻ لاءِ تيار ڪونهي. توهان ڪرپا ڪري مونکي سچو گيان ڏنو آهي. مون ڏاڍا پاپ ڪيا آهن، هاڻي اوهين اهڙو اُپاءُ ٻڌايو، جيئن مونکي ڪيل پاپن کان ڇوٽڪارو ملي.“

سنياسين رتناڪر کي سنان ڪرائي، اُپديش ڏنو ۽ منجهس ايشور جي ڀڪتيءَ ڪرڻ جو اهڙو ته ڀاءُ پيدا ڪيو جو هنجي جيوت ۾ ئي پلٽو اچي ويو!

(٥)

رتناڪر گهڻو وقت ايڪانت ۾ وڃي ڀڪتي ڪئي ۽ پنهنجي اندر مان سڀيئي اوڳڻ ڪڍي، پاڻ کي مهاپرشن جي درجي تائين آندائين. هو ڌهڙن مان ڦري رشي ٿي پيو! اهو ڌاڙو رتناڪر بدلجي پوءِ والميڪ رشي سڏجڻ لڳو. ڇوڌاري سندس نيڪ نامي پکڙجي ويئي، ڪيترا

ڪرڻ. مان تنهنجي پاپ جو ڀاڱي ڇو ٿيندس؟"

پيءُ جي ڳالهه ٻڌي رتناڪر چپ ٿي ويو. ڪنڌ هيٺ ڪري اُٿي ماءُ وٽ ويو ۽ کانئس پڇيائين "امين، مان جي پاپ جا ڪرم ڪريان ٿو تن ۾ تون ڀاڱي ڀائي ٿيندينءَ يا نه؟"

ماڻس چيس ته "ٻچا! ڏهه مهنا گرڀ ۾ توکي سانڍيم ۽ ڏک سک سهي توکي نپايم، هاڻي روٽيءَ ٽڪر، جو کارائين ٿو تنهن لاءِ منهنجي مٿان پنهنجي پاپ جو حصو ٻه ٿو مڙهين! منهنجو تنهنجي پاپ سان مطلب ئي ڪهڙو؟"

رتناڪر هاڻي وڌيڪ سوچ ۾ پيو. آخر زال کي وڃي چيائين ته "مان تو لاءِ جان جوکي ۾ وجهي، ماڻهن کي ماري، ڌن ڦري اچان ٿو ته تون سک سان رهين. ٻڌاءِ ته سهين ته تون منهنجي پاپ جو حصو ونڊينءَ نه؟" سندس زال روئي چوڻ لڳي ته "سوامي! مون ته ڪڏهن اوهان کي ائين ڪرڻ لاءِ نه چيو آهي. مان توهانجي پاپ ۾ حصيدار ڪيئن ٿيندس؟ توهان ته ويڌيءَ وقت انجام ڪيو هو ته توهين منهنجي پالنا ڪندا ۽ ڪو ڏک نه ڏيندا. منهنجي پالنا ڪرڻ ته توهانجو ڌرم آهي."

رتناڪر کي سيني عزيزن جا جواب ٻڌي دل کي ڏاڍي چوٽ لڳي. ويچار ڪرڻ لڳو ته جن واسطي اڌرم ڪريان ٿو سي ئي چون ٿا ته تنهنجي پاپ سان اسانجو ڇا! جڏهن سڀڪو منهنجي هلت کي خراب سمجهي ٿو ۽ پاپ جو حصو ٻه ونڊڻ لاءِ تيار ناهي ته ڇٻو ته مان سچ

آهي. اوچتوئي اوچتو ٻرڪيءَ کي هڪ شڪاريءَ جو تير لڳو ۽ هو وڃي پٽ پيو. ماديءَ پنهنجي ساٿيءَ کي ڌرتيءَ تي ليٽندو ڏسي زارون زار روئڻ لڳي.

هيءُ نظارو ڏسندي ئي والميڪ جي واتان هيءُ لفظ نڪتا- ”اي شڪاري! تو پريم جي مستيءَ ۾ مست جوڙي مان هڪ کي ماريو آهي، انڪري تون ساري عمر ٻي گهر تي رلندو رهندين.“

جلد ئي رشيءَ پاڻ سنڀاليو. عجب کائڻ لڳو ته ڇو ڪروڌ ۾ اچي، مون پاڻ ٻلائي ڇڏيو! ڇي ”مون کي ڪهڙو حق هو، جو شڪاريءَ کي سراپ ڏنم. مان جوش ۾ اچي، ڇو ٻلجي ويس.“

جڏهن رشيءَ ڏنل سراپ جا لفظ ياد ڪيا، تڏهن ڪيس لفظن جي اثر تي اچرج لڳو. هن ڏٺو ته سندس شوڪ منجهان هڪ سندر سهڻو شلوڪ پيدا ٿيو آهي. هن سمجهيو ته هي سڀ ايشور جي عجيب لڪل ليلا جو ڦل آهي. ائين سمجهي هو ڌيان ۾ مگهن ٿي ويو.

جنهن وقت رشي ڌيان ۾ لين هو، تنهن وقت کيس برهما جو درشن ٿيو. برهما چيس ته ”ڊڪ نه. هي ڳالهيون انهيءَ لاءِ ٿيون آهن ته تون رام جي ڪٿا شروع ڪرين. شوڪ مان شلوڪ پيدا ٿيو آهي. هاڻي انهيءَ ئي ڇند ۽ سر ۾ پنهنجي ڪاويه جي رچنا ڪر. مان توکي اهڙي دويه درشٽي ڏيندس، جيئن توکي پتو پوي ته ڇا وهيو واپريو آهي. جيئن ڪو پنهنجي ترئيءَ تي رکيل

ماڻهو سندس آشرم ۾ اچي سکيا وٺي جيوت سڦلي
ڪندا هئا.

باب ٻيو- رامائڻ جي رچنا

(١)

پرڀات جو ويلو هو. **رشي والميڪ** پنهنجي آشرم ۾ ويٺو هو ته ديورشي **نارد** سندس آشرم ۾ لنگهي آيو. رشيءَ سندس ڏاڍو آدر ڀاءُ ڪيو. اُن بعد هن ديورشي نارد کان سوال ڪيو ته ”هن سنسار جي ويرپرشن ۾ اُتم ۾ اُتم سمجهو ۽ ڌرماتما ڪير آهي؟“

جواب ۾ نارد چيو ته ”جنهنجي تون ڳالها ڪري رهيو آهين، سو وير پرش **شري رامچندر** آهي. هو سوريه ونش ۾ پيدا ٿيو آهي ۽ هن سمي ايوڌيا ۾ راڄ سنگهاسن تي براجمان آهي.“ نارد رام جي مختصر ڪٿا والميڪ کي ٻڌائي. انهيءَ ڪٿا جو والميڪ جي من تي ڏاڍو اثر ٿيو.

نارد هليو ويو، تڏهن به گهڻي وقت تائين والميڪ جي من ۾ رام تي وسيو.

(٢)

امرت ويلي جيئن والميڪ جمناديءَ تي سنان ڪرڻ تي ويو، تيئن هو اُنهيءَ ڪٿا جوئي ويچار ڪندو تي ويو.

نديءَ جي ڪناري تي گهمندي رشي ڇا ٿو ڏسي ته ڪونج پکين جو جوڙو پريم ۾ پر تي زندگيءَ جي خوشيءَ ماڻڻ لاءِ راند روند ڪندي، ڳاني جي ڇه ڇه لڳايو ويٺو

هئي جا سدائين سک سان پتيءَ جي شيوا ۾ لڳي رهندي هئي. پتيءَ کي اندو ڏسي، هن به پتي ڀڳتيءَ جي اُمنگ ۾ اچي، هڪ ڏينهن پنهنجون اکيون کڍي ڇڏيون!

هيءُ جوڙو ٻيءَ طرح هر نموني سکي هو. کين سک جا سڀ سامان موجود هئا مگر ان هوندي به سندن حياتي مزي سان نٿي گذري. کين سنسار مان ڪو سواد ئي نٿي آيو. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته وٽن پٽر روپي رتن نه هو. سندن گود خالي هئي. سنتان لاءِ هو ڏاڍا سڪيا ٿي.

گهڻا ڏينهن گذري چڪا، هن جوڙي پيريءَ ۾ پير ڌريو، تڏهن سکي سندن گهر ۾ هڪ پٽ پيدا ٿيو ۽ سندن گهر ۾ نراسائيءَ عيوض خوشيءَ جي لهر لڳي ويئي. هاڻي کين اکين نه هوندي به سنسار سکدائي معلوم ٿيڻ لڳو ۽ پنهنجي جيوت سڦلي سمجهڻ لڳا. ٻالڪ جو نالو شرَوڻ رکيو ويو. سندس پالنا ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان ٿيڻ لڳي.

شرونڻ اڃ ننڍو سيان وڏو اچي ڇهن ورهين جو ٿيو ۽ گروکل ۾ وديا وٺڻ لاءِ موڪليو ويو. گرو مٿس مهربان هئا. شرونڻ جي موهني مورت ۽ تيز سمجهه کيس سڀني ۾ پيارو ڪيو. سڀني شاگردن ۾ پهريون نمبر کٽندو هو. پنهنجي نيڪ رهت سبب هو نه رڳو ودياگرن کي وڻيو ٿي پر سڀيئي شاگرد به کيس ڏاڍو ڀانئيندا هئا. شاگردن ۾ سندس خاصي هلندي هئي. هو کين وڙهڻ کين ڏيندو هو. کين وقت بوقت سندر سکيائون ڏيئي اُنتيءَ راهه

شيءِ صاف صاف ڏسندو آهي، تيئن تون ڏسي سگهندين ته تنهنجي ڪٿا جي پاترن (اداڪارن) جي من ۾ ڇا وسندو هو ۽ هو ڪيئن هلندا چلندا هئا. منهنجي آشيرواد سان تون سنسار جي ڀلائيءَ لاءِ اُها ڪٿا ڳائيندين."

(٣)

والميڪ ۽ سندس شش وري اُنهيءَ شلوڪ جو پاٺ ڪيو، تانجو اُنجي ڀيهڪ ۽ ڀ نگ سندن اندر ۾ پيهي ويا. والميڪ اُنهيءَ ئي ڇند ۾ رامائڻ جي رچنا ڪري پنهن جي شش کي ڪٿا سيکاري.

اهڙيءَ ريت والميڪ رامائڻ جو پوتر ڪاويه پيدا ٿيو. رام ۽ سندس پتنيءَ ڪيئن هن پرٿويءَ تي جنم ورتي، دک سٺا، ڪيئن هنن ڌرم جو راڄ قائم ڪيو. اها وارتا رشيءَ لاثاني سندر لفظن ۾ بيان ڪئي آهي. برهما جيڪي چيو، سو پوريءَ ريت ثابت ٿيو. برهما چيو هو- "جيسين پهاڙ کڙا آهن، جيسين نديون وهن ٿيون، تيسين رامايڻ ماڻهن کي پيارو لڳندو ۽ کين پاپ کان بچائيندو."

باب ٻيون - سپاترپت

(١)

آڳاٽي وقت جي ڳالهه آهي ته سريوُ نديءَ جي ڪناري تي **آرورا** نالي هڪ ڳوٺ هو. اُتي هڪ براهمڻ رهندو هو، جو اکين کان جڏو مگر دل جو سڄو هو. سندس دل اندر گيان جي شمع جو ڪافي شعاع هو. ان جو نالو هو **شانتنوَن**. کيس **گيان وَتيءَ** نالي هڪ زال

واقف ڪيو ۽ چيو تہ ”پٽ! اسين الائي ڪيترا ڏينهن وڏيڪ جڳہ ۾ جيئرا هجون، سو ضروري آهي تہ ڪجھ آئينده لاءِ بہ توشو ناهيون. ڪال جي چڪر کان اڄ تائين ڪو بہ ڪونہ ڇٽي سگهيو آهي. ڪال هميشہ جاڳي ٿو، مگر اسين غافل ٿي سمهي پئون ٿا. جيئن ٽيڪ اسانجا سرير اچا تائين رشت پشت بيٺا آهن پر گهڙيءَ جو بہ انهن تي ويساه ڪونهي. ڪنهن بہ وقت ڪال لهي اچي. اسان جي سفيد وارن ۾ سندس پيرا تہ پسجي رهيا آهن تنهن ڪري وڏيڪ ويسر ۾ وهڻ ڪين گهرجي. تنهن جي ماتا بہ مونسان تيرٿن تي هلڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي.“

شروڻ پيءُ جو شبُ ارادو ٻڌي خوش ٿيو. اُمنگ وچان پڇڻ لڳو تہ ”پتاجي! مونکي بہ ساڻ وٺي هلندا نہ؟“

پيءُ - نہ پٽ! تون اڃا ننڍو آهين. توکي شادي ڪئي اڃان هڪ سال ٿيو آهي. تون گهر ۾ رهي سک پوڳہ. اسان لاءِ هڪ نوڪر ڪافي آهي. بہ ساٿي ٻيا بہ هلن ٿا. اسانکي ياترا ۾ ڪا بہ تڪليف ڪانہ ٿيندي.

پٽ - پتاجي! مونکان ائين ٿي ڪين سگهندو. مان توهانکي پاڻ کان هڪ ڏينهن بہ جدا ڪرڻ نہ گهرندو آهيان، سو هيءَ تہ ورهين جي ڳالهہ آهي. وري اِها بہ خبر ناهي تہ سيني تيرٿن ڪرڻ ۾ ڪيترا سال لڳن.

پيءُ - تون اسان سان هلي اسانکي نوڪر کان وڌيڪ

تي وڃڻ کان بچائيندو رهندو هو. ڪيترا شاگرد نہ ڪيس گروءَ سمان عزت ڏيندا هئا.

گروڪل جي آس پاس جي ڳوٺن ۾ بہ شروڻ جي نيڪ نامي پکڙجي ويئي.

چوويهن ورهين جي عمر تائين شروڻ گروڪل ۾ خوب وديا ورتي. وديا پوري ڪرڻ بعد هو گرن کان موڪلائي گهر آيو. گروڪل جي آچاريہ، جو شروڻ جي اوچ رهت تي موهت هو؛ تنهن جلد ئي پنهنجي سورهن سالن جي ڌيءَ **ودياوتيءَ** جي شادي ساڻس ڪرائي، پنهنجو ناتو هميشه لاءِ ساڻس پڪو ڪري ڇڏيو. وديا ڏاڍي سشيل هئي. هن شيوا ڀاءَ سان سس سهري کي ڏاڍو راضي ڪيو. پتيءَ سان سندس اٿل پريم هو. سس جو سڄو ڪم هاڻي وديائي ڪرڻ لڳي. جو گهر ڪنهن وقت چنتا ۾ ٻڏل هو، سو اڄ ڇوچ ۾ ڏسڻ ۾ تي آيو. سڄ چيو اٿن تہ هر ڪنهن جا ڏينهن هميشه هڪ جهڙا ڪو نہ ٿا رهن.

(٢)

شانتنوءَ ۽ گيانوتي پوڙها ٿي چڪا هئا. سندن حياتيءَ جو ڇوٿون ڀاڱو گذري رهيو هو. سندن من جون مرادون پوريون ٿي چڪيون هيون. سنسار ۾ وڌيڪ رهڻ کان هنن تيرٿ ياترا تي وڃي سنتن ۽ مهاپرشن جي سنگ ۾ وقت سڦلو ڪرڻ ضروري ڄاتو. شانتنوءَ پنهنجي سپاتر پٽ شروڻ کي گهرائي، کيس پنهنجي من جي منشا کان

ھلڻ جي اجازت ڏني.

(٣)

گھر جي ڇڏڻ جي پاڻين جي ياترا تي وڃڻ جو فيصلو ٿيو. شروڻ جي ياترا تي وڃڻ جو ٻڌي، ٻين ماڻھن به ساڻس گڏ وڃڻ جي تياري ڪئي. ياترا جو ڏينھن مقرر ٿيو. ماڻھو ياترا تي وڃڻ کان اڳ سڀاڻون ڪرڻ لڳا. جيئن ته شروڻ جي ڇوڏاري ھاڪ ھئي، تنھنڪري ڪيترا ماڻھو وٽس پريم پريون پيتائون ڪٽي اچڻ لڳا. اڳين سمي ۾ اڄ ڪلھ وانگر ياترا ڪرڻ سؤکي ڪين ھئي. ماڻھو ياترا تي ويندا ھئا ته متن مائٽن ۽ سنگتين ساٿين کان موڪلائي ويندا ھئا.

تن ڏينھين **راجا دشرٿ** جو ڇؤڏاري راڄ ھو. ھو نيڪ ۽ وديا پريمي راجا ھو. ھو گروڪل ۾ ڪيترا پيرا ويو، جتي شروڻ جي ساراھ ٻڌي ھئائين. کيس ڇگيءَ طرح سڃاڻندو ھو. ھو نه رڳو کيس سڃاڻندو ھو مگر ھن جي ڏانھنس خاص ڪشش ھئي. تنھن جو ماڻھن واتان شروڻ جي ياترا لاءِ سنيڙڻ جو ٻڌو، سو سندس من ۾ شروڻ لاءِ خاص شرڌا جاڳي ۽ پنھنجي وزير **سُمنت** کي گھرائي چيائين ته ”شروڻ ڪنھنکان دان جي پائي به نه وٺندو آھي. ھو ھڪ مھاپرش آھي ۽ پوترتا جي مورتي آھي. اُنکي ھنوقت ڌن جي ضرورت ھوندي. راڄ خزاني مان کيس سھائتا ملڻ گھرجي. تون سندس ڀوٽ وڃ ۽ کيس مان شان سان ھتي وٺي اچ.“ **سمنت** وڃي

چا ڪري ڏيندين؟

پٽ - پتاجي! پتا جي شيوا ڪرڻ جو وجهه نوڪر ڪي نه بلڪ پٽ کي ملڻ گهرجي. مان توهانجي هر قسم جي شيوا ڪندس ۽ اها شيوائي مون لاءِ سکن جو ساج ٿيندي.

پيءُ - ديوي روپ وديا ڪٿي رهندي؟

پٽ - مان کيس پيڪي ڇڏي ايندس. سندس ماتا اڳيئي موڪل لاءِ لکيو آهي، جو پرڻي بعد هن کيس ڏٺو به ناهي.

وديا ماءُ جو آيل خط پڙهي چڪي هئي. کيس هوڏانهن مائٽن جي محبت ڇڪي رهي آهي ۽ هيڏانهن سس سهري ۽ پتي ديو کي ڇڏڻ نٿي ٿيس. ڄاڻاءِ ٿي ته منهنجو پتي ضرور ماءُ پيءُ سان گڏ ياترا لئي ويندو. ويچار ڪيائين ته اهو ڪيئن واجب آهي ته پتي ديو ڏکن ڏاکڙن ۾ وڃي پوي ۽ مان مائٽن ۾ وڃي موجون ماڻيان؟ سو پڪ ڪيائين ته ائين نه ٿيندو. شيوا ڌرم سڀ کان مٿي آهي. مان ضرور ياترا تي ساڻن گڏ وينديس.

وديا سس کي وينتي ڪئي ته مون کي به ياترا تي ضرور ساڻ وٺي هلو. گيان وتيءَ کيس ياترا جي اهنجن کان واقف ڪيو پر وديا چيو ته اهي دک به مون لاءِ سکن سمان ٿيندا، تنهن ڪري مونکي هتي نه ڇڏيو. گيان وتيءَ پتيءَ کي تنهن جي خيال کان واقف ڪيو. تنهن جو پختو خيال ڏسي سس سهري کيس به ياترا تي

آهين. جيڪڏهن تو جهڙا سپاتر پٽ جنم نہ وٺن تہ هوند ڪير پٽن پراپت ڪرڻ لاءِ ترڦي؟ راج جي خزاني مان جو ڪجهہ توکي ڏنو وڃي ٿو، سو تنهنجي عزت جي پيتا آهي، تون اُهو قبول ڪر؛ جنهن ۾ راج جي ۽ اسانجي عزت آهي.“ ائين چئي مهاراجا کيس ڪيترا هيرا موتي ۽ لعلون نذرانو ڏنا. شروڻ اُهي سڀ ايوڌيا جي برهمڻن ۽ سادن ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ مهاراجا کان موڪلائي وطن وريو.

(۴)

شروڻ جي راجائي دربار ۾ ٿيل عزت جو ٻڌي سندس ماءُ پيءُ ڏاڍا خوش ٿيا. ياترا جو مقرر ڏينهن بہ اچي ويو. پرڀات جي وقت سڀيئي گهرن کان ٻاهر نڪتا. ماءُ پيءُ جي شيوڪ شروڻ ڪمار ويچار ڪيو تہ گهوڙن تي بہ سندس ماءُ پيءُ کي تڪليف رسندي. تنهن ڪري ڪنوائتي ناهي هڪ پاسي پيءُ کي ۽ ٻئي پاسي ماءُ کي وهاري، ڪلهن تي کڻي اُٿي هليو. بدن جو مضبوط هو. اهو ڪم مزورن کان بہ ڪرائي ٿي سگهيو پر کيس ماءُ پيءُ جي شيوا ڪرڻ ۾ آنند ايندو هو. سو ڪئي ٿو ماءُ پيءُ جي شيوا نوڪرن جي حوالي ڪري! سندس رڳ رڳ ۾ ماءُ پيءُ لاءِ شرڌا- پريم ۽ عزت ڀريل هئي. ساٿين چيس تہ توهان ائين ٿي هلو، اسين ٿا توهانجي پتا ماتا کي آرام سان کڻي هلون؛ پر هن شيوڪ سندن مهرباني ڄي، انڪار ڪيو.

شروڻ کي وٺي آيو. ايوڌيا واسين سندس خاصي مرحبا ڪئي. سندس پتا ڀڳتي ڏاڍي مشهور ٿي چڪي هئي. ماڻهو سندس منهن ڏسڻ ۽ وچن ٻڌڻ لاءِ سڪيا ٿي. راجا دشرٿ سندس چڱو آدر ڀاءُ ڪيو. گهر جي ڀاتين جي چڱيلائيءَ جي پڇي ڇيائينس ته "تو جنم وٺي ڪل جو نالو روشن ڪيو آهي ۽ ساري ديش جو شان وڌايو آهي. تو هيڏيءَ وهيءَ ۾ ئي گهڻي ترقي ڪئي آهي. تون سچ پچ مهاتما آهين. اسانجي راڄ جو ڀُٽو آهين. راڄ جو ڌن تو جهڙن شخص لاءِ ئي ڪنو رهي ٿو. ٻڌو اٿم ته تو ماتا پتا کي ياترا ڪرائڻ جو ارادو ڪيو آهي. ياترا جي خرچ لاءِ توکي جيڪو ڌن کپي سو خزاني مان ڪڻ ۽ خوب دان پڃ ڪري سک سان ياترا پوري ڪري موٽ."

شروڻ چيو ته "مهاراج! ايڏيءَ مهربانيءَ لاءِ اوهانکي وارون وار ڌنيواد ٿو ڏيان ڪرتار جي ڪرپا سان مون کي سڀ ڪجهه آهي. توهان جي راڄ ۾ ڪنهنکي به پئسي جي ڪمي ڪانهي. مون وٽ سڀ کان وڏيڪ پتر- ڀڳتيءَ (ماتا پتا جي ڀڳتي) جو ڌن آهي. مان اُنتي ئي پرسن آهيان ۽ ايشور در آراڌنا آهي تہ اُهو ڌن وڌائيندو ئي رهي. انهيءَ ڌن ۾ ئي منهنجو مان ۽ جس سمايل آهي. مونکي توهانکان به اها آسيس کپي."

مهاراجا دشرٿ شروڻ جا اهي سندر وچن ٻڌي، هيڪاري خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "شروڻ! تون ڌنيہ

جي ويجهو بن ۾ شينهن ۽ چيتا رهندا هئا، جي وانهڙن کي ماري کائي ويندا هئا. پرجا جي شڪايت ٻڌي، مهاراجا دشرٿ عام ماڻهن جي ڏک دور ڪرڻ لاءِ خونخوار جانورن کي مارڻ لاءِ آئي ويو.

شروڻ سريو جي ڪناري تي پهچي چڪو هو. هن پنهنجو موريو پاڻيءَ ۾ وڌو. راجا دشرٿ گهر گهر آواز ٻڌي سمجهو ته ڪو خونخوار جانور پاڻي پيئڻ آيو آهي، سو آواز کي خيال ۾ رکي پري کان ئي ٻاڻ ڇوڙياءِ جو سڌو شروڻ ڪمار جي سيني کي چيري ٻاهر نڪري ويو ۽ هيءُ سپاڻ پٽ بيهوش ٿي ڌڙ ڌرتيءَ تي ڪري پيو.

ڪرڻ جو آواز ٻڌي راجا اتي آيو. ڪيس شڪار هٿ اچڻ جي خوشي هئي پر دکدائي نظارو ڏسي سندس شارو سريرُ ڏڪڻ لڳو. اکين مان لڙڪ لڙي آيس. ويجهو اچي، دک ۾ مٿي ڪي هٿ ڏيئي ٻهي رهيو. شروڻ کي راجا دشرٿ ديوتا سمان سمجهندو هو ۽ تنهنجو پنهن جي هٿان ئي موت تيل ڏسي ڏاڍي ارمان ۾ پيو.

شروڻ ۾ اڃا پويان پساهه هئا. هن ڪجهه وقت بعد اکيون پٽيون. مهاراجا کي پرسان بيٺل ڏسي اشاري سان نمسڪار ڪري چياءِ ته "مهاراجا! توهين شوڪ ڇو ٿا ڪريو؟ توهان جاڻي ٻجهي مونکي نه ماريو آهي. تنهن ڪانسواءِ مارڻ ڇا جو؟ مان ته جڳهه بدلي رهيو آهيان. هتي نه رهيس ته اتي رهندس، مون لاءِ ساڳي ڳالهه آهي. مان سرير ناهيان. مان ته امر آتما آهيان. هن سرير وڃڻ ڪري

ياترا شروع ٿي. سڄي ٽولي اٺانگا پنڌ پيچرا لتاڙي تيرٿ سنان ۽ سنتن جا درشن ڪرڻ لڳي. جتي ڪو مهاتما ٻڌندا هئا، اُتي وڃي سندس درشن ڪندا هئا ۽ اُپديش ٻڌندا هئا. هو ٻه ٽي، ٻه ٽي ڏينهن هڪ هنڌ رهي اڳتي وڌندا هئا.

اهڙيءَ طرح ياترا ڪرڻ ۾ ٽي ورهيه گذري ويا. هنن ڀارت ڀوميءَ جا سڀ پوتر تيرٿ، نديون ۽ پهاڙ ڏٺا.

ودبا به سس سهري جي شيوا ڪرڻ ۾ وسان ڪانه گهٽائيندي هئي. ڪڏهن به ڏک ڏکڙا ڏسي منهن ملول نه ڪندي هئي. هڪ ڀيري اُتر ڪاشيءَ ۾ شروڻ جي تڪل هٿڙ ڪري پهاڙ تان پاڻي ڪڻڻ ويئي ته پير ترڪي ويس، جنهنڪري سندس پران پکيئڙو اُڏامي ويو! شروڻ کي شوڪ ته ٿيو پر اُهو دٻائي وياڪل ماتا پتا کي آٿت ڏناءِ.

ياترا ڪندي ٽوليءَ کي سايا ٽي سال ٿي ويا. ياترا هاڻي اچي ختم ٿيڻ تي ٿيڻي هئي. موٽي ڳوٺ پهچڻ ۾ باقي ٦٠ ميل پنڌ وڃي رهيو هو. سريو ندي ويجهي هئي. سپني هڪ هنڌ آسڻ لڳايو ۽ ٽڪ پچڻ لڳا. شام جو وقت هو. آڪاس ۾ ڪجهه ڪڪر هئا. شروڻ جي ماءُ پيءُ کي پاڻيءَ جي ضرورت پيئي، جنهنڪري هو نديءَ تان پاڻي ڀرڻ ويو.

راجائن کي شڪار ڪرڻ جو شوق ٿيندو آهي. سريو

جاڳيا. هو گهبرائجي چوڻ لڳو تہ ”تون ڪير آهين؟
اسان جو لاڏلو پٽ شروڻ ڪيڏانهن ويو. اسان جا پران
ٿا نڪرن، اسانکي جلد جيئدان ڏي، ٻڌاء تہ شروڻ
ڪٿي آهي؟“

”مهاتما! مان ايوڌيا جو راجا آهيان. توهين پهريائين
پاڻي پيو، پوء مان توهانکي مهاتما شروڻ جو احوال
ٻڌائيندس.“

شانتون جي چنتا وڌي ويئي. هو ڪروڌ جي جوش
۾ اچي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ ”اسانکي پاڻيءَ کان وڌيڪ
پنهنجي پياري شروڻ جي پياس آهي. اسانکي دکي نہ
ڪريو. پهريائين اسانکي اُنجو احوال ڏيو.“

دشرٿ چيو تہ ”مهاراج! شروڻ تہ هاڻي اوهين مون
کي ئي سمجهو. مان توهانجو شيوڪ آهيان. هو مهاتما
هاڻي هن لوڪ ۾ ڪونهي. هنجو خوني مان ئي توهان
جي سامهون بيٺو آهيان.“

اهو ٻڌي شانتون ۽ گيان وتيءَ جي پيرن هيٺان جڻ
پرٿوي نڪري ويئي. ٻئي بيهوش ٿي ويا. ”هاء پٽر!
هاء پٽر!“ اهي لفظ ئي وقتي وقتي سندن واتان نڪتا
ٿي. آخر هنن هيٺيان آخرين وچن چئي ڪري پنهنجو
ناسونت سرير تياڳيو:-

”راجا دشرٿ سؤ سال جيئرو رهين، مگر توکي بہ پٽ
جي وڇوڙي جي باهہ ۾ جلڻو پوندو. تنهنجو موت بہ
پنهنجي پٽ جي وڇوڙي ۾ ٿيندو.“

مونکي چنتا ڪانهي. باقي مونکي فقط ايترو ارمان آهي ايترو، جو منهنجا ماءُ پيءُ اُڄايل هئا؛ هو منهنجي واٽ واجهائي رهيا هوندا. هو مون لاءِ ڇا چوندا هوندا؟ ڪين پاڻي ڪير پيئاريندو؟ سندن شيوا ڪير ڪندو؟ توهين فقط ايتري ڪرپا ڪريو جو وڃي پاڻي ......"

اُف! اڃا اهي لفظ نڪتا ئي ڪين هئا ته شرونڻ جون اکيون ڦري ويئون ۽ پنهنجي جيون ليلا ختم ڪري وڃي پرلوڪ واسي ٿيو!

(٥)

شرونڻ جو موت ڏسي راجا بيهوش ٿي ويو. ڪجهه وقت بعد جڏهن هوش ۾ آيو ته خيال ڪرڻ لڳو ته "هاڻي ڇا ڪريان؟ ڪيڏانهن وڃان؟ ڪنهنجي شرن وڃان؟ شرونڻ مهاتما هو. ماءُ پيءُ جو آڌار هو. ڪيس ڏسي ئي هو جيئندا هئا. جڏهن هو پنهنجي پران پياري پٽ جي خبر مون کان ٻڌندا، تڏهن هنن جي اندر ۾ ڇا وهي ڇڪندو؟ هو ڪيئن جيئندا؟ افسوس! مونکان هڪ نه، پر ٽي خون ٿيا! مان ڪيئن جيئندس؟ چڱو آهي ته مان پاڻ کي ٻه هٿ پورو ڪري ڇڏيان!" پر پوءِ ڪيس اُڄايلن کي پاڻي پيئارڻ جو خيال آيو. هو جڳ ٽڳ پاڻي کڻي شرونڻ جي ماتا پتا وٽ آيو ۽ سندن چرنن کي چنبڙي پيو ۽ چوڻ لڳو ته "پتاجي! هيءُ پاڻي وٺو."

ٻئي پٽ جي چنتا ۾ دکي وينا هئا. شانتون جڏهن ٻئي جو آواز ٻڌو، تڏهن سندس دل ۾ ڪئين گمان

ڪر ڪجي ٿو، ان وقت ايوڌيا ۾ راجا **دشرٿ** راڄ
ڪري رهيو هو- ان کان اڳ پاڳيرٿ، سوداس، سداس،
ليپ، رگهو ۽ اَج راجائون هڪ ٻئي پٺيان حڪم هلائي
ن لوڪ مان لاڏاڻو ڪري ويا هئا.

راجا دشرٿ جو ڏاڏو راجا **رگهو** ڏاڍو ناليرو ٿي
ڌ ريو آهي. اهوئي سبب آهي جو سندن خاندان کي
"رگهو ڪل" نالي سان سڏيو ويندو آهي. راجا دشرٿ
يڪدل ۽ چڱي جوڙجڪ رکندڙ هو. سندس حڪومت
ر رعيت خوشحال ۽ مالامال هئي. تن ڏينهن ڏاڍي
سستائي هئي ۽ ماڻهو به سادگيءَ سان گذاريندا هئا.

(۲)

راجا دشرٿ کي ٽي راڻيون هيون. **ڪؤشليا، سمترا**
۽ **ڪيڪئي**. راجا جو ٽنهي راڻين جي ڀيٽ ۾ ڪيڪئيءَ
تي وڌيڪ پيار هو. ڪيڪئي راجا جي خاصي خدمت
ڪئي هئي. هوءَ پتورتا استري هئي.

هڪ دفعي جي وارتا آهي ته لڙائيءَ ۾ راجا دشرٿ
کي زهري ٻاڻ لڳا ۽ ڦٽ ٿي پيس. جيڪڏهن ترت
سندس علاج نه ڪيو وڃي ها ته حياتي خطري ۾ هئي.
انوقت ڪيڪيءَ پنهنجي ڪا پرواهه نه ڪري، چترائيءَ
سان سندس ڦٽن مان زهر چوسي ڪڍي ڦٽو ڪيو ۽ هن رت
سان ڀريل ڦٽن چوسڻ ۾ ڪا نفرت نه ڪئي! انهيءَ
ڪري راجا جلدئي چڱو ڀلو ٿي پيو. راجا مٿس پرسن ٿي
چيو ته "راڻي! مون کان ٻه ور گهر. جيڪي تون چاهيندينءَ

راجا دشرٿ کي سنتان ڪانہ هئي. هن مهاتما جا آخرين وچن پنهنجي لاءِ سراپ نہ پر ور مثل سمجهيا ۽ پتر پراپت ٿيڻ جي آس ۾ پنهنجن پراڻن تياڳڻ جو ويچار ميٽي ڇڏيائين.

شروڻ اهڙو تہ سپاتر ساماڻو هو ۽ ماڻهن جون دليون ايتري قدر تہ موهي ڇڏيون هئائين، جو سندس موت تي پين ماڻهن سڀني مائٽن ڪان بہ وڏيڪ ماتم مچايو.

چار ئي آتمائون هڪ ٻئي سان وچي گڏيون. هو ستارن ۾ سرڪن ۾ واسو نہ ڪندي بہ گويا موجود آهن. هنن پنهنجي جس جي اهڙي پونجي پٺيان ڇڏي آهي، جنهنکي لڪين ورهيہ گذري چڪا آهن تہ بہ گهٽجڻ بدران وڌندي ئي رهي ٿي ۽ شروڻ ڪمار جي لاثاني شيوا ۽ محبت اڄ بہ اڪيچار ماڻهن کي سبق سيکاري ٿي!

باب چوٿون - راجا دشرٿ

(ا)

لکها سال ٿيا. تن ڏينهن جي **ڪوشل** راڄ جي راڄڌاني **ايوڌيا** جي اوج جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! اهو شهر ڪوهن ۾ آباد هو ۽ سندس شان نرالو هو. سورج ونسي راجائن جي گاديءَ جي هند هئڻ ڪري ايوڌيا نگري ڏينهون ڏينهن سونهن ۾ سرس ۽ نزاڪت ۾ نياري ٿي رهي هئي.

دنيا جو اهو نيم آهي تہ هڪڙا وڃن، ٻيا اچن. ايوڌيا ۾ ڪيترا راجائون راڄ ڪري ويا. هتي جنهن وقت جو

(ا)

باب پنجون - راجڪمار ۽ راڪس ڏوبدو

شاهي دربار لڳي پيئي هئي. راجا دشرٿ پنهنجي
خت تي براجمان هو. وزير، امير ۽ ٻيا عهديدار پنهنجي
باقسمت موجب ڪرسين تي ويٺا هئا. راجڪمارن جي
ادي ۽ بنسبت گفتگو هلي رهي هئي.

دربان اچي خبر ڏني ته هڪ مهاتما راجا سان ملڻ
چاهي ٿو. هڪدم حڪم ٿيو ته کيس عزت سان دربار ۾
ندو وڃي. لنگوٽي بند ساڌوءَ جي اچڻ سان سڀيئي
درٻاري ادب مان اُٿي بيٺا. راجا تخت تان لهي کيس
يرين پيو ۽ رشيءَ کي وٺي وڃي کيس تخت تي وهاريو.
سندس ڏاڍي خاطرداري ڪئي ويئي.

راجا هٿ جوڙي عرض ڪيو ته "مهاراج! اڄ جو
ينهن سڀاڳو آهي ۽ مان خوش قسمت آهيان جو توهان
جا درشن ٿيا آهن. ڪا شيوا منهنجي لائق هجي ته
رمايو. مان اوهان لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار
آهيان."

انهيءَ زماني جا ساڌو مهاتما اڄ ڪلهه جي ساڌن
انگر اگياني، پيٽو ۽ فريبي نه هئا. هو عالم، تپسوي ۽
جدا جدا فنن ۾ ماهر هوندا هئا. پنڻ ۽ ٺڳڻ ته سندن سڀاءَ
جو انگ ئي نه هو. هو شهر کان ٻاهر گذاريندا هئا ۽ پڳتيءَ
ر پنل رهندا هئا. "سادي رهڻ اوچ ويچار" سندن مکيه
تو هو. وڏن وڏن راجائن جا پٽ به وٽن وڃي سکيا

سو مان توکي ڏيندس."

ڪيڪئيءَ وراڻيو ته "مهاراج! توهانکي ايشور چڱو ڀلو ڪيو، اهوئي مون لاءِ بس آهي." پر راجا جي زور ڀرڻ تي ڪيڪئيءَ چيو ته "هنوقت تہ مونکي ڪنهن ڳالهه جي لوڙ ڪانهي- جنهن وقت ضرورت پيئي، تڏهن گهري وٺنديس"

(۳)

راجا دشرٿ کي ڪيترا سال شادي ڪئي گذري ويا پر ڪو اولاد ڪونہ ٿيس! اهو ڏسي کيس چنتا اچي ورايو. ڏاڍو سڪيو ٿي تہ ڪو سنتان ٿئيم. پنهنجي اوستا وڏي ٿيندي ڏسي، گروءَ سان حال اوريائين. هن جي صلاح سان جلدئي راجا هڪ "پتريشٽي يگيہ" ڪيو. هڪسال پڄاڻان راڻين جي گود ڀري. ڪؤشليا جي ڪک مان **رام**، ڪيڪئيءَ مان **ڀرت** ۽ سمترا مان **لڇمڻ** ۽ **شترگهن** جنم ورتو.

راجا دشرٿ ڏاڍو خوش ٿيو. راڄ ۾ شادمانا ٿيڻ لڳا. چارئي شهزادا ڏاڍا سوڀينڪ هئا. اڄ ننڍيا سڀان وڏا. پڙهڻ لائق ٿيا تہ سندن لاءِ هوشيار وديا گرو مقرر ڪيا ويا، جن کين هر وديا ۾ هوشيار ڪيو. جنگي تعليم بہ حاصل ڪيائون. چارئي راجڪمار سمجهو، سڀاءَ جا نيڪ، نهٺا ۽ ادب وارا هئا. جيتڻي پائرن جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هئي پر تڏهن بہ لڇمڻ رام کي ۽ شترگهن ڀرت کي گهڻو ڀائيندو هو. کين رعيت بہ ڏاڍو پيار ڪندي هئي

آهيان. ڪنهنکي طاقت آهي، جو منهنجي تيرن جو تاب سهي سگهي؟

وشوامتر- اهو ڪم اوهانکان نه ٿيندو آهي.

راجا- توهين خاطري ڪريو. مان راڪسن کي مات ڪرڻ ۾ سر جي ست به ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. راڪس مون اڳيان بيهي نه سگهندا.

وشوامتر- مونکي خبر آهي ته اوهين بهادر آهيو مگر راڪسن جو مارڻ سولو ڪم ڪين آهي. توهين يا توهانجي فوج ان لاءِ ڪارائتي نه آهي.

راجا- تڏهن توهانجو ڪم ڪيئن پورو ٿي سگهندو؟

وشوامتر- توهانجا سپاتر پٽ رام ۽ لڪشمڻ انهيءَ ڪم جي پورائي ڪري سگهندا.

راجا- (حيران ٿي) مهاراج! توهين ڇئو چا ٿا؟ جن راڪسن کي مان يا منهنجي فوج ڪجهه نه ڪري سگهندي، تنکي ٻار ڇا ڪندا؟ هو ته راڪسن جو نالو ٻڌندي ئي ڏڪي ويندا!

وشوامتر- توهانجي نظر ۾ بيشڪ هو ٻالڪ آهن مگر مان سندن جوهر چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو. هو سڀ ڪجهه ڪري سگهندا. توهين ڪين مونسان هلڻ جي موڪل ڏيو.

راجا دشرٿ جو پنهنجن پٽن تي ڏاڍو پيار هو. ڪين ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان نپايو هئائين، سو ڪين هيئن موت جي منهن ۾ موڪلڻ لاءِ تيار نه هو. ان ڪري رشيءَ کي ڏکندي چيائين ته "مهاراج! مونکي ٻالڪن جي گهر

وٺندا هئا. اهو ئي سبب هو جو سيني کان سرس سندن عزت ڪئي ويندي هئي. مهاراجائون به سندن شيوا ڪرڻ ۾ فخر وٺندا هئا.

دربار ۾ آيل ساڌوءَ جو نالو **رشي وشوامتر** هو. هو ڪنهن وقت مشهور راجا هو پر پوءِ راڄ پاٽ ڇڏي تياڳي ٿي رهيو هو. هن اينتريقدر ته تپسيا ۽ ڀڳتي ڪئي جو کيس "برهم رشيءَ" جو درجو مليو هو. هو نه رڳو ودوان هو بلڪ جنگي فن ۾ به ڀڙ هو.

راجا جي عرض تي رشيءَ فرمايو ته "راجن! توهانکي خبر آهي ته مان اڄڪلهه توهانجي سلطنت جي حد اندر اوڌ جي هڪ بن ۾ رهان ٿو، جتي پيا به ڪيترا رشي مني رهن ٿا. مگر انهيءَ علائقي ۾ راڪسن رڻ ٻاري ڏنو آهي. ساڌن خواهه عام ماڻهن لاءِ هو آزار آهن. مان چاهيان ته کين ڪن ۾ نابود ڪري سگهان ٿو مگر اهو ڪم اسان ساڌن جو نه آهي. هڪ يگيه ڪرڻ گهران ٿو، تنهنڪري کين سراپ ڏيڻ بہ پسند نٿو ڪريان. راڪس يگيه کي ماس وغيره اڇلڻ سان اپوتر ڪندا، تنهنڪري انهنکان بچاءَ ضروري آهي."

راجا- توهين ڪو خيال نه ڪريو. مان هينئر ئي سپهه سالار کي آگيا ڪريان ٿو ته وڏو لشڪر وٺي انهيءَ بن مان راڪسن جو بڻ ئي ناس ڪري اچي.

وشوامتر- اهو ڪم توهانجي فوج کان نه ٿي سگهندو.

راجا- جيڪڏهن اهو ڪم مشڪل آهي ته مان حاضر

ڪين، ٻلڪ ساڻن ڏوٻڏو ٽيڻ جو ڪين شوق جاڳيو. هو پنا جي آگيا ٻڌي يڪدم فوجي پوشاڪ پهري، ضروري هٿيار کڻي رشيءَ وٽ آيا.

رواني ٿيڻ کان اڳ، راجا کين چيو ته "هميشه رشي وشوامتر جي مرضيءَ موجب ڪم ڪجو. سندس شيوا ڪرڻ ۽ حڪم مڃڻ پنهنجو فرض ڄاڻجو ۽ کيس هر طرح خوش رکجو." پوءِ راجا ٻنهي راجڪمارن جو هٿ، رشيءَ جي هٿ ۾ ڏيئي چيو ته "مهاتما! مان پنهنجي پيريءَ جي ڪمائي اوهان کي سونپي رهيو آهيان. مونکي وشواس آهي ته هي اوهان سان خوش گذاريندا ۽ اوهان جي آسيس هر مصيبت ۾ سندن حفاظت ڪندي."

(۳)

رشي وشوامتر ٻنهي راجڪمارن سان گڏ وات تي منزلون هڻندو پنهنجي آشرم ڏانهن وڌي رهيو هو ۽ کين جنگ جا ڪي خاص نمونا به سيکاريندو ٿي رهيو.

ٻن ۾ هڪ هنڌ خونخوار راڪسڻ رهندي هئي. سندس نالو تاڙڪا هو. انسان هوندي به سندس مکيه خوراڪ "ماڻهوءَ مانس" هوندو هو. هن ڪيئي ماڻهو ماري پنهنجو پيٽ پريو هوندو. انهيءَ ٻن مان شل نه ڪو وانهڙو لنگهي! هيءَ آدمخور زال يڪدم کيس پنهنجو کاڄ بنائي ڇڏيندي هئي. هاڻي ماڻهوءَ بانس تي هوءَ غار مان شڪار لاءِ نڪتي.

رشيءَ راجڪمارن کي انهيءَ استريءَ کي مارڻ جو

ڪان معافي ڏيو، باقي هي داس پيو سڀڪي اوهان لاءِ ڪرڻ لاءِ تيار آهي."

رشي وشوامتر ناراض ٿي اُٿڻ جي ڪئي. راجا جي گروءَ شري **وسشٽ** ڏٺو ته ڪم ٿو خراب ٿئي، رشيءَ جو ناراضپو راج کي دکي ڪندو، سو ڪيس وهاري راجا کي چيائين ته "راجن! توهين رشيءَ کي شروع ۾ ئي وچن ڏيئي ويٺا آهيو ته اوهان لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پوءِ اوهين ڪيئن ٿا وچان رام ۽ لڪشمڻ کي موڪل ڏيڻ کان نابري واري، وچن ڀنگ ڪري رهيا آهيو؟ اوهانجي ڪل ۾ ته پرتگيا کي پاڙي ڏيڻ ئي ڌرم ڄاتو ويندو آهي.

رگهوڪل ريت يهي چل آئي
پران جائي پر وچن نه جائي.

تنهن سواءِ پڪ ڄاڻو ته رشيءَ جي سنڀال هيٺ رام ۽ لڪشمڻ جو وار به ونگو ڪين ٿيندو. رام ۽ لڪشمڻ به جوانيءَ ۾ پير رکيو آهي. منجهن ڪافي تيج ۽ طاقت آهي. ڪين موڪل ڏيڻ ۾ ئي اوهانجي ڀلائي آهي."

راجا کي هيئنئر انڪار ڪرڻ ڏکيو ٿيو ۽ ٻنهي راجڪمارن کي رشيءَ سان وڃڻ لاءِ موڪل ڏنائين.

(٢)

ويا انهيءَ گهڙيءَ لاءِ سڪندا رهندا آهن ته ڪڏهن تو ڪين پنهنجي جوهر ڏيکارڻ جو وجهه ملي. راجڪمار **رام ۽ لڪشمڻ** راڪاسن جي وچم وڃڻ جو ٻڌي گهٻرايا

...ن گڏجي مار ڀڄ آئي آيرن جو وسڪارو ڪيو. هو پنهن
...ي جان خطري ۾ ڦسي پيا ۽ ويو پر سباهو مقابلي لاءِ
...ڏي آيو، جنهنکي هنن ننڍڙن ويرن يم پريءَ ڏانهن
...ڇايو. سردارن جي ڊرگتي ڦسي ڊيتن ۾ اچي پاڄ
...يئي. ڪيترا راکس مارجي ويا ۽ ڪيترا جان بچائي،
...هو بن ئي هميشه لاءِ ڇڏي ويا ۽ رشين جو تپو بن
...ميشه لاءِ اپوتر روحن کان بچي پيو.

سيبئي بنواسي پرسن ٿيا ۽ راجڪمارن کي سارا هڻ
...ڳا. وشوامتر جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. ڪجھه ڏينهن
...عد يگيم بہ سک سان پورو ٿيو.

باب ڇهون - سيتا سويمبر

(ا)

”ڏيءَ! جو سورمو هيءُ ڌنش ڪٽي زه چاڙهي،
...نجي گلي ۾ گلن جو هار وجهج. اهو ئي تنهنجو پتي
...يندو.“

شاهي دربار لڳي پيئي هئي. انيڪ راجائون ۽
...اجڪمار اچي ڪٺا ٿيا هئا. هر ڪنهن جي من جي اهائي
...رزو هئي تہ شل ڌنش پچي، سندر راجڪماري پراپت
...ڪريان. ايتري ۾ ڪن سهيلين سان نوجوان راجڪماري،
...جنهنجي انگ انگ مان جواني ۽ سندر سوڀيا پي
...ڪي، دربار ۾ آئي ۽ **راجا جنڪ** پنهنجيءَ پياريءَ پتريءَ
...ي، منيءَ پابوه مان متيان وچن چيا.

واري سان هڪ ٻئي پٺيان راجائون ۽ راجڪمار اُٿيا

اشارو ڏنو پر رام هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته "مهاتماجي! شاسترن ۾ ته زال ذات تي هٿ هلائڻ پاپ ڄاڻايو ويو آهي."

رشيءَ وراڻيو ته "عام طرح ائين برابر آهي، پر جا استري ابلا نه پر بليوان آهي ۽ گهڻن کي ستائي سندن حياتيون ناس ڪري رهي آهي، گهڻن جي ڀلائيءَ لاءِ انکي مارڻ پاپ نه بلڪ پني آهي."

(۴)

رام لڪشمڻ راجڪمار هوندي به هڪ فقيرتن وشوامتر جي ادب ۾ رهندا هئا ۽ سندس هر قسم جي شيوا ڪندا هئا. هو منزلون هڻندا آشرم ۾ اچي پهتا. ٻئي ڏينهن يگيه شروع ڪيو ويو. وڏا وڏا ودوان ۽ رشي اُتي موجود هئا. راجڪمارن کي يگيه کي اپوتر ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پهري تي بيهاريو ويو. يگيه رات ڏينهن هلندو هو، جنهن ڪري ڪين اٺ ئي پهر پهري تي رهي ننڊ کان به تراس تي رهڻو پيو، جو راڪسن جو هر وقت خطرو هو. جي جي راجڪمار عيشن ۾ ليٽا هئا، سي گويا هڪدم رشين جيان تپسيا ڪرڻ لڳا! "جيڪي شيوا ڪن ٿا سي ميوا به پائين ٿا؛" سيئي ساڌو راجڪمارن تي ڏاڍو پرسن هئا.

پنج ڏينهن ته سک سان پورا ٿيا، پر ڇهين ڏينهن پرڀات جو اوچتو راڪسن جي فوج اچي وارد ٿي. سندن سردار سباهو ۽ ماريچ هئا. رام ۽ لڪشمڻ به سجاڳ هئا.



 राम वैदेही Hemchander Bhargava

پر ٻه چار ڄڻا ته پري رهيو، فقط ڏنش مٿي کڻي ڪين سگهيا. هر ڪو ناڪامياب ٿي، ڪنڌ هيٺ ڪري وڃي پنهنجيءَ جڳهه تي ٿي ويٺو.

”معلوم ٿو ٿئي ته هندستان ۾ هاڻي ڪو بهادر نه رهيو آهي. ڀارت ڀوميءَ جا سپوت فقط ڏيکاءَ جا مرد آهن، منجهن مردانگيءَ جو نالو به ڪونهي. جيڪڏهن مونکي اهڙي خبر هجي ها ته مان هوند اهڙو شرط ڪين وجهان ها. ڀانئجي ٿو ته منهنجيءَ ڪنيا کي ساري عمر ڪنوارو رهڻو پوندو.“ اهي لفظ راجا جنڪ اُٿي دکي دل سان چيا.

”مهاراج! شايد اوهانکي خبر نه آهي ته توهانجيءَ درٻار ۾ سورج ونسي گهراڻي جا ٻه راجڪمار موجود آهن. جيستائين مهاراجا رگهوءَ جو نسل قائم آهي، تيستائين ڀارت ورش بهادرن کان خالي ٿي نٿو سگهي. هيءُ ڏنش ته بلڪل خسيس آهي جيڪڏهن منهنجو وڏو ڀاءُ مون کي اجازت ڏئي ته هيءُ ڏنش مان هوند ڪن ۾ پرزا پرزا ڪري ڇڏيان.“

لڪشمڻ نهايت زوردار نموني ۾ مٿيان لفظ چيا. اهڙي تقرير ٻڌي درٻار ۾ سانت لڳي ويئي ۽ راجا جنڪ کي ڪجهه اميد جاڳي. **شري رام** جي اشاري تي لڪشمڻ ويهي رهيو.

رشي وشوامتر يگيه پوري ٿيڻ بعد **سيتا** جي سويمبر جو ٻڌي، رام ۽ لڪشمڻ کي درٻار ۾ وٺي آيو هو. رشيءَ

ر وقت ڏسي رام کي اُٿڻ لاءِ آگيا ڪئي. رام اُٿي
وڌڻ لڳو. سندس رواجي سرير ڏسي ڪي راجائون
ن ڪلڻ لڳا ۽ ڪي حيرت وچان سس پس ڪرڻ لڳا.
ير رام، بانڪي بهادر جيئن اڳتي وڌيو ۽ ڌنش وٽ
ي، هڪ ئي هٿ سان سولائيءَ سان زه چاڙهي،
و زور ڏناءِ جو ڌنش ٻه ٽڪر ٿي پيو. ڌنش ٽٽڻ
ايڏو ڌڌڪو ٿيو جو ماڻهن ڪنن ۾ ڪٽي آڱريون
يون. سيتا اڳتي وڌي رام کي ڳلن جي مالها وڌي
ؤڏاري شادمانا ٿيڻ لڳا.

(٢)

ايوڌيا جي راجا دشرٿ کي اطلاع ڏنو ويو. هو ته جڇ
ڻ ڪري (مثلا) بهار ۾ آيو ۽ ڌام ڌوم سان شري رام
سيتا سان شادي ٿي. ڪنيا دان وقت راجا جنڪ
کي هنريت چيو- ”هيءَ آهي منهنجي ڪنيا سيتا،
سدائين تو سان گڏ ڌرم جي مارگ تي هلندي رهندي.
دس هٿ تون گرهڻ ڪر. هوءَ تنهنجي آگيا ۽ شيوا
رهي ستو ڀاڳ پراپت ڪندي. هوءَ سدا تو سان گڏ ائين
دي رهندي، جيئن ڪنهن پرش جو پاڇو هن سان
د و آهي.“

راجا جنڪ پنهنجي ٻي ڌيءَ **اُرملا** لڪشمڻ سان
ائي ۽ پنهنجون ٻه ڀائٽيون **ماڊوي** ۽ **شرتي ڪرتي**
ن شاديون ڀرت ۽ شترگهن سان ڪرايائين. چارئي
يون ڏاڍي ڀيڪي سان ڪرائي راجا دشرٿ پنهنجي

پرشرام - (جوش مان) اَڙي ڇوڪر! تون اهڙيءَ گستاخيءَ مان ڇو ڪلي رهيو آهين. اڇهو ته دل گهري سزا ڏيانءِ.

رام - مهاراج! هيءَ بي سمجهه ٻار آهي، توهين هنجي ڳالهين جو ڇو تا خيال ڪريو؟

لڪشمڻ - مني ور! توهان هھڙي پراڻي ڏنش ٽٽڻ تي ڇو خفي ٿيا آهيو؟

پرشرام جو پارو چڙهي ويو. وڏيڪ گسي ۾ اچي چياءِ "ڏوهي هڪدم منهنجي سامهون اچي."

لڪشمڻ - (مشڪي) مهاراج! صبر ڪريو. اهڙين خسيس ڳالهين تي غصو ڪرڻ توهان کي مناسب ناهي. جيڪڏهن ڇوندا ته توهانکي مرمت ڪرائي ڏبي.

پرشرام - اڙي ڇوڪرا! تون ڇو بيهودي بڪ بڪ ڪري رهيو آهين؟ شايد توکي خبر ناهي ته مان ڪير آهيان. مونکي تنهنجي ننڍڙيءَ عمر تي رحم تو اچي.

لڪشمڻ - مان توهانکي چڱيءَ طرح سڃاڻان، انهيءَ ڪري ئي توهانکي چئي رهيو آهيان ته هن معمولي ڳالهه تي ڪاوڙ نه ڪريو.

پرشرام - (آڀي ڪان نڪري) اکين ڪان ٽري وڃ نه ته سر سلامت نه هوندءِ.

لڪشمڻ - اکيون ڪٽي ٻُڌيو ته مان اوهانکي نظر نه ايندس.

رام ڏنو ته رشي ڀاڻيءَ ڪان ٻاهر نڪري ويو آهي ۽

راڄڌانيءَ ڏانهن موٽيو.

(۳)

راجا دشرٿ جڏهن راجا جنڪ کان موڪلائي مٿرا مان روانو ٿيو ته واٽ تي هنکي ڪيترا اپسوڻ ڏسڻ ۾ آيا، جنهنڪري هو ڊنو پر **وسشٽ** کيس چيو ته ”مهاراج! انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته ڪا آپدا اچڻ واري آهي پر ڪي سٺا سوڻ به نظر اچي رهيا آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته آفت ٽري ويندي ۽ نتيجو سٺوئي نڪرندو. توهان گهٻرايو نه.“

اهڙيءَ طرح دشرٿ ۽ وسشٽ ۾ گفتگو ٿي رهي هئي ته سامهون هڪ ساڌو ڪروڌ ۾ پريل لعل لعل اکين سان ايندو نظر آيو.

اهو ساڌو کترين جو دشمن هو. هڪ کتريءَ پٽس کي ماريو هو، انجي بدلي وٺڻ لاءِ هن ڪيترا پيرا کترين جو عام کوس ڪرايو هو. راجا جنڪ وٽ انهيءَ ساڌوءَ جي گروءَ جوئي ڌنش رکيل هو. ڌنش جي ڀڄڻ جو آواز ٻڌي ساڌو بدلي وٺڻ لاءِ نڪتو هو.

”منهنجي گروءَ جو ڌنش جنهن ٽوڙيو آهي، انکي جلدي منهنجي سامهون آڻيو، نه ته سيني کي خون ڪري ڇڏيندس“- **پرشرام** ساڌوءَ ڪڙاڪيدار لفظن ۾ چيو.

اهي لفظ ٻڌي رام ۽ لڪشمڻ کانسواءِ سڀ راجائون ٿرٿر ڪنبڻ لڳا. پر لڪشمڻ لاپرواهيءَ سان ڏانهس نهاريندي مشڪڻ لڳو.

۽ تيو ۾ ٻاهرئين نموني چيائين ته ”ڇا مان پرجا کي اولاد سمان نٿو سمجهان؟ ڇا مان دشمن کي ڏنڊ نٿو ڏيان؟ ڪهڙي سبب اوهين مونکان راڄ ڪسڻ ٿا گهرو؟ پيريءَ ۾ ڪهڙو پاپ ڪيو اٿم، جو اوهين مون تي ناراض ٿيا آهيو؟“

راجا جا وچن ٻڌي، درٻاري ڪجهه ڊنا. سمجهيائون ته راجا کي شايد چڙ لڳي آهي. ڊڄندي عرض ڪيائون ته ”مهاراج! توهان ڪا گهٽتائي نه ڪئي آهي. توهين اسانجا مائٽ پتا آهيو. پاڻ اوهان کان ٽرٽر ڪنبن ٿا ۽ غريب ٻي اونا ٿي، اوهانجي راڄ ۾ رهن ٿا. اوهان جي ڇايا ۾ سڀي پرجا سک سان سمو گذاري ٿي. اسان جي چوڻ جو مطلب فقط اِهو هو ته جئن سائينجن کي ٻه آرام ملي ۽ شري رامچندر ٻه اوهانجي نظر هيٺ ئي راڄ ڪاروبار سنڀالي.“

دشرٿ وراڻيو ته ”اوهين ڊڄو نه. مان نه چرچو ڪري رهيو هوس. رام کي جڏهن ساري رعيت چاهي ٿي، تڏهن دير ڇاجي؟ مان ٻه هاڻي چاهيان ٿو ته ڪا شڀ گهڙي ڏسي، کيس راڄ تلڪ ڏيئي ڇڏيان.“

اُن وقت دربار ۾ گروُ **وسشٽ** ٻه پڌاريو. هن ٻه اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ راڄ تلڪ لاءِ مهورت مقرر ڪيو ويو. انهيءَ خبر پکڙجڻ سان ساري ايوڌيا نگريءَ ۾ خوشي ڦهلجي ويئي.

لڪشمڻ ٻه گهڻ ۾ پوندو ته وچي، تڏهن اڳتي وڌي هٿ ٻڌي چيائين ته "مهاراج ! هنجي گستاخي معاف ڪريو. ڏنش مون ڀڳو آهي. اوهانکي جيڪا سزا وڻي سا مون کي ڏيو. منهنجو سر اوهانجي اڳيان حاضر آهي."

رام جي نمرتا ڏٺي چنبڙي جو ڪم ڪيو. شري پرشرام جو غصو ڪجهه گهٽ ٿيو. چيائين ته "مونکي ويساه ئي نٿو اچي ته تو جهڙي ننڍڙي نوجوان کو ڏنش ڀڳو هوندو."

رامچندر چيو ته "مهاراج مان سچ چئي رهيو آهيان. اوهانکي يقين نه اچي ته ٻيو ڪو ڏنش ڏيو ته اِني جو اِتي پڇي ڏيکاريانو."

پرشرام کيس پنهنجو ڏنش ڏنو، جنهن تي ٻه رام جلد ئي زه چاڙهيو. پرشرام شري رام جي گهڻي تعريف ڪئي ۽ پوءِ اتان راهي ٿي ويو.

شري پرشرام جي وڃڻ بعد ماڻهن جي جان ۾ جان آئي ۽ آيل آفت دفع ٿيل سمجهائون.

باب ستون - ڪٻڙيءَ جي ڪٻڌيا

(۱)

"مهاراج ! توهين هاڻي وليعهد کي آهستي سڀ ڪم سونپي، آرام ڪيو ته چڱو آهي، چاڪاڻ ته عمر وڌيءَ هڻڻ ڪري، توهانکي ڪم ڪرڻ ۾ ڪشت ٿو ٿئي." پرجا راجا دشرٿ کي پريم وچان چيو.

شري رامچندر جي ساراهه ٻڌي، راجا دل ۾ خوش

آهي، جو خوش ٿِي رهي آهين؟ اڄ تنهنجيءَ ڪم نصيبيءَ جي شروعات ٿي آهي."

ڪيڪئيءَ ڊ رباڻي چيس ته "خبردار! متان وري اهڙا لفظ پنهنجيءَ زبان تي آندا اٿيئي. رام مونکي ڀرت کان به وڌيڪ پيارو آهي. رام جي راڄ تلڪ ۾ جيتري خوشي ڪريان، اوتري ٿوري آهي."

منٿرا :- (ڊگهو ساهه کڻي) راڻي! تون اِهو نه سمجهي سگهين ٿِي ته انهيءَ ۾ منهنجو ڪو فائدو ڪونهي. مون کي نوڪرياڻيءَ مان ڪو راڻي ڪونه ٿيڻو آهي. مان ته فقط تنهنجي فائدي لاءِ چوان ٿي.

ڪيڪئي :- مان اهڙيون ڳالهيون ٻڌڻ پسند نٿي ڪريان.

منٿرا :- مونکي خبر آهي ته جڏهن ڪنهن جا ڪونا ڏينهن ايندا آهن، تڏهن اُن جي مت مارجي ويندي آهي. منهنجو فرض آهي ته توکي نيڪ ۽ بد کان واقف ڪريان. مڃڻ نه مڃڻ تنهنجي اختيار آهي.

ڪيڪئي :- رام پنهنجيءَ ماءُ ڪوشليا کان به وڌيڪ منهنجي عزت ڪندو آهي. هو منهنجو هرطرح آگياڪاري ٿي رهيو آهي ۽ وڏي پت هئڻ ڪري، هوُ گاديءَ جو حقدار به آهي. پوءِ ڀلا ته مان هنجي برخلاف ڪا به ڪارروائي ڪيئن ڪريان؟

منٿرا :- اهو سڀ سچ آهي، مگر تون ڏاڍي ڀورڙي آهين. رام جي فرمانبرداري فقط ڏيکاءُ آهي ۽ اهو به

(۲)

”اڄا تائين سمهي پيئي آهين! ڏسين نٿي ته تنهنجي ستنيا ناس ٿي رهي آهي.“ منٿرا ڪهرائيءَ سان چيو.

”ڇا ٿيو؟ ڪهڙو قهر اچي مٿان پيو آهي؟ ايترو گهبرائجي ڇو رهي آهين؟“ راڻيءَ اُٿندي، چيو. منٿرا منهن ڪؤڙو ڪري چيو ته ”ٿيندو ڇا؟ تنهنجي ستنيا ناس ٿي ويئي. سڀاڻي رام کي راڄ تلڪ ملندو.“

منٿرا راڻي ڪيڪئيءَ جي پياري داسي هئي، جا پيڪن مان ساڻس گڏ آئي هئي. هن جڏهن رام جي راڄ تلڪ جو ٻڌو، تڏهن ساڙ وچان سندس سينو سڙي رهيو هو. هنکي پٺيءَ ۾ ڪجهه ڪب هو، تنهنڪري ڪيس ڪبڙي ڪري ڪوٺيو ويندو هو. هنجي نه رڳو پٺي ڏنگي هئي بلڪ سندس دل اُن کان به وڌيڪ ڏنگي هئي. هوءَ دل جي پليت هئي.

راڻي ڪيڪئي نيڪ عورت هئي. هوءَ رام کي به پٽ جيان پالئيندي هئي. ماڻي جو ويچو منجهس ڪين هو. هوءَ ڪبڙيءَ جي ڳالهه ٻڌي، گد گد ٿي ۽ گلي مان هار لاهي کيس ڏنائين ۽ چيائين ته ”هيءُ توکي انعام آهي، جو سڀ کان اڳ تو مونکي اِها خوشخبري ٻڌائي آهي.“

هار اُڇلي، منٿرا مٿي ۾ هٿ هڻي چيو ته ”راڻي! تنهنجي عقل کي ڇا ٿيو آهي، جو پنهنجو چڱو مندو به پروڙي نٿي سگهين! تو لاءِ خوشيءَ جو ڏينهن وري ڪيئن

سچ آهي ته ڪوئي جو سنگ ليست الله ر ۾ ڪومت پيدا ڪيو وڃهي! پوءِ ته ڪيڪئيءَ منٿرا جي صلاح تي هلي، اُهو ڪجهه ڪيو، جنهن گهڻن کي رلايو ۽ سارو رامايڻ رچايو!

باب اٺون - رنگ ۾ ڀنگ

(١)

شام جو وقت هو. راجا اڄ خوش پئي معلوم ٿيو. دربار مان اُٿي محل ۾ آيو. سندس حيرانيءَ جي حد نه رهي جڏهن ڏٺائين ته محلات ۾ اوندهه لڳي پيئي آهي. شهر خوشيءَ ۾ پئي ٻهڪيو ته محلات ماتم ۾ اڻ وڻندڙ پئي لڳو. هڪ داسيءَ کان راجا کي معلوم ٿيو ته راڻي ڪيڪئي وقت کان پاسيري ڪونيءَ ۾ ملول ٿي سمهي پيئي آهي. اڄ نه کاڌو ۽ اٿس نه پيتو اٿس.

راجا دشرٿ، ڪيڪئيءَ کي گهڻو گهرندو هو. هڪدم ونس ويو. پڇڻ لڳس "پياري! ڇو هئن سمهي پيئي آهين؟ ڪنهن نوڪر توسان گستاخي ڪئي آهي يا ڪنهن عضوي ۾ درد اٿيئي؟ يا ڪا ٻي تڪليف اٿيئي؟ جلد ٻڌاءِ ته علاج ڪيو وڃي."

ڪيڪئيءَ پاسو ورائيندي ورائيو ته "مهاراج! مون کي معلوم ٿي ويو ته توهين مون سان فقط ڏيکاءَ جي محبت ڪريو ٿا. توهانجو نينهن ته ڪوشليا سان آهي. جئن هوءَ چوي تئن پيو ٿئي!"

راجا - تون ڪوشليا کي ڇا لاءِ ٿي ڪڙهين؟ تنهنجي

تيستائين آهي، جيستائين هو راجا نه ٿيو آهي. تون ڪجهه سوچ ته سهين ته جڏهن رام راجا ٿيندو ۽ ڪوشليا جو پاڳ ورندو ۽ هوءَ جئن چاهيندي، تئن توکي ستائيندي تڏهن تنهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي؟

ڪيڪئي:- (ڪجهه ويچاري) مون کي رام مان اهڙي اُميد ڪانهي.

منٿرا:- جيڪڏهن تنهنجو اهوئي خيال آهي ته تون پال آزمائي ڏس پر هيءُ وقت وري هٿ ڪونه ايندءِ. وجهه وڃائي پڇتائيندينءَ. اُن وقت افسوس وچان هٿ مهٽيندي رهجي ويندينءَ ۽ وري وري چوندي رهندينءَ ته ”اب پڇتائي ڪيا هوت، جب چڙيان چگ گئين کيت.“

ڪيڪئي:- (ٿورو وقت سانت ۾ رهي) منٿرا! تون سچ ٿي چئين، پوءِ ڪجهه نه ٿي سگهندو. مگر هاڻي به وقت تنگ آهي. ڀرت ناناڻن ۾ آهي. سمجهه ۾ نٿو اچيم ته ڇا ڪريان!

منٿرا:- اهائي ته سندن ڪيڏ آهي. راجا ٻاهرينءَ طرح توسان محبت رکي ٿو، مگر دليءَ طرح ڪوشليا کي پائي ٿو. ڀرت کي اڳيئي ناناڻي موڪليو اٿن ۽ اُن جي غير حاضريءَ ۾ سارو ڪم ڪيو ويندو! ڪجهه سوچ ته سهين ته جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن ترسي، هو هيءُ ڪم ڪن ها ته ڪهڙو هرج هو؟ انهيءَ وچ ۾ ڀرت کي گهرائي سگهن ها.

ڪيڪئي ڪبڙيءَ جي ڪبڌيا جو شڪار ٿي وئي.

هجي ها ته تنهنجي دل اهڙي ڪاري آهي ۽ تون ڪاريهر ناڳ آهين ته توکي ڪير پياري، پنهنجي پير تي ڪهاڙو ڪين هڻان ها. ڀرت کي ته راڄ ڏيئي سگهجي ٿو پر رام توکي ڪهڙو سور ڏنو آهي جو اُنکي بن موڪلڻ تي چاهين؟

ڪيڪئي - بس بس! مون اڳيئي ٿي سمجهيو ته منهنجون ڳالهيون پوريون نه ٿينديون. اها ڳالهه اڄ ظاهر ٿي رگهوڪل ۾ پڻ پاڙڻ جي طاقت نه رهي آهي.

راجا - مان پنهنجو پڻ ته ضرور پاڙيندس پر مان سمجهان ٿو ته ڪل جي تباهي ٿيڻ واري آهي. تون ڏسندينءَ ته ڀرت راڄ قبول ڪين ڪندو ۽ مان رام جي جدائي سهي ڪين سگهندس. انهيءَ ڪري هاڻي به وجهه اٿيئي. ڪوڙا خيال ڦٽا ڪر. تون ڪي ٻه ٻيا ور گهر.

ڪيڪئي- مون تمام غور ڪري پوءِ گهرون ڪيون آهن، وڌيڪ مونکي ڪجهه چوڻو نه آهي.

راجا جڏهن ڏٺو ته راڻي ترِيا هٺ تي قابوُ آهي ۽ رام کي بنواس ڏيڻ سراسر بي انصافي آهي، تڏهن بيهوش ٿي ڪري پيو ۽ ساري رات ائين لڇندو رهيو، جئن مڇي پاڻيءَ بنان ڦٿڪي! ڪيڪئيءَ مٿان خود مطلبيءَ جو ڀوُت سوار هو، جنهن سندس دل پٿر وانگر سخت ڪري ڇڏي هئي. ڪيس نه سهاڳ جو خيال ٿيو نه بيگناه رام تي قياس!

کا ڳالھہ ڪڏھن نہ مڃي اٿم ڇا؟ اڄ بہ جيڪي چوندينءَ سو پورو ڪيو ويندو.

ڪيڪئي:- ڇا اھو سچ آھي تہ مان جيڪي چونديس، تنھنجي پُورائي ڪئي ويندي ؟

راجا - راڻي! اِھا خاطري ڄاڻ. رگھوڪل جي اِھا ريت ھلندي آئي آھي تہ جا ڳالھہ مک مان ڪڍجي، سا ضرور پوري ڪجي.

ڪيڪئي- (اُتي) توھان کي ياد ھوندو تہ ھڪ دفع جنگ ۾ مون توھان کي بچائڻ لاءِ پنھنجي جان خطري ۾ وڌي ھئي ۽ اوھان خوش ٿي بہ ور ڏنا ھئا ؟

راجا - ھائو، مون کي چڱيءَ طرح ياد آھي.

ڪيڪئي - ڇا اُھو انجام پورو ڪندا ؟

راجا ڇو ڪين. جيڪڏھن مون کي جان ڏيڻي پوي تہ بہ قؤل کان نہ ڪرندس. ٻڌاءِ، ڪھڙيون بہ ڳالھيون مون کان ڪرائڻ ٿي چاھين ؟

ڪيڪئي - مان فقط اھو چاھيان ٿي تہ (١) ڀرت کي راڄ ڏنو وڃي ۽ (٢) رام کي چوڏھن ورھيہ بن ۾ ڪليو وڃي.

ڪيڪئيءَ جا لفظ ٻڌي، راجا جي پيرن ھيٺان گويا زمين کسڪي وئي. راجا حيران ٿي ويو. ٿوريءَ ساعت بعد چيائين ”راڻي! مون توکي اُمرت ڄاتو ھو پر تون تہ کا زھر جي ڳوٿري آھين. مان ڀليل ھوس. مون پتل کي سون سمجھيو! جيڪڏھن مون کي اڳہ اھڙي خبر

وزير ڏنو ته راجا بلڪل اُداس آهي ۽ اکيون ڳاڙهيون تي ويئون اٿس. هوُ ڀرولي سلي نه سگهيو ۽ راجا ڏانهن نهاريندو رهيو؛ پر هن ۾ ڳالهائڻ جي توفيق نه رهي هئي. ايتري ۾ ڪيڪئيءَ وزير کي چيو ته ”راجا کي ڏاڍي خوشي هئي، جنهنڪري ساري رات ننڊ نه آئي اٿس. هينئر ڪيس ننڊ اچي رهي آهي، تون وڃي رام کي ڪوٺي اچ.“

رام محل ۾ آيو ته راجا کي بيهوش پيل ڏٺائين. ڪيڪئيءَ کان پڇيائين ته ”پتاجيءَ کي ڇا ٿيو آهي؟ مونکان ڪهڙي خطا ٿي آهي، جو ڳالهائي به نٿو؟“

ڪيڪئيءَ جواب ڏنو ته ”تنهنجو پتا تو مان ناراض ڪونهي پر راجا هڪ ڪم ڪرڻ چاهي ٿو. هو توکي ڏپ وچان، اُهو چئي نٿو سگهي. توکي سندس خواهش ۾ اَٽڪ وجهڻ نه گهرجي.“

رام چيو ”ماتا! تون هيءَ ڇا چئي رهين آهين! مان پتا جي ڪنهن به ڳالهه جي آڏو ڪيئن ايندس؟ مان سندس آگيا تي سر صدقي ڪرڻ لاءِ به تيار آهيان.“

ڪيڪئيءَ ڪيس راجا کان گهريل ٻه وچن ٻڌايا ۽ چيائينس ته ”پٽ! تون راج جي لالچ ڇڏ، پڻهين کي پنهنجي وات سان ائين چوڻ ۾ ڏک ٿو ٿئي، انهيءَ ڪري سندس پاران مون چيو آهي. پتا جي آگيا مڃڻ تنهنجو ڌرم آهي. اهو ٻڌي ڌشرٿ ڏکهو ساهه کنيو.

رام چيو ته ”مان اکين سان پتا جا ٻول پاڙيندس. تون

(٢)

ڪوشليا ۽ سمترا جي محل ۾ ساري رات شادمانا ٿيندا رهيا. شهرواسين ٻہ رات جو جاڳي شهر کي ڏاڍي سندر نموني ۾ سينگاريو هو. صبوح جو اُٿڻ سان ايوڌيا شهر ئي نئون نظر آيو. سندس رونق راحت ڏيندڙ هئي. سوير ئي ماڻهو راج دربار ۾ وڃي حاضر ٿيا. سڀني کي انتظاري هئي تہ اجهو ٿو راجا راجڪمارن سميت اچي ۽ رام کي راج تلڪ ملي. راج تلڪ جون سموريون تياريون ڪيون ويئون هيون مگر راجا وقت تي دربار ۾ ڪونہ آيو. گهڻيءَ انتظاريءَ بعد هڪ وزير راجا کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليو ويو.

قدرت جا رنگ نيارا آهن. ڪن جو ڪن ۾ شاهي انقلاب اچيو وڃي. ڪٿي ماتم مان جشن ۽ ڪٿي جشن مان ماتم مچيو وڃي. پل تي بہ اعتبار ڪونہ ٿو رهي. هوڏانهن پرجا خوشيءَ مان انتظار ۾ ويٺي آهي تہ اجهو ٿو راج تلڪ ٿئي. هيڏانهن گهاٽ گهڙجي ويا آهن تہ تخت تي وهڻ وارو لاڏلو راجڪمار محلات ڇڏي، وڃي بنواسي ٿي رهي!

وزير محلات ۾ اچڻ سان اؤر نمونو ڏٺو. راجا وٽ وڃي عرض ڪيائين تہ ”مهاراج! سڀ ڪجهہ تيار آهي، هاڻي اوهين هلو تہ رامچندر کي تلڪ ڏنو وڃي.“ وزير جي ڳالهہ ٻڌي راجا جا ڦٽ وڌيڪ ڇڪڻ لڳا ۽ هو رئڻ لڳو.

مونکي آسيس ڏي ۽ خوشيءَ سان روانو ڪر. چوڏهن سالن بعد وري تنهنجي چرڻن ۾ اچي حاضر ٿيندس.

ڪوشليا - پٽ، جي روڪيان ٿي ته پتورت ڌرم کان ڪران ٿي، جي موڪل ٿي ڏيان ته دل ٿي ٽڪر ٽڪر ٿئي. ٻئي ڳالهيون ڏوريون آهن. چڱو، تون پلي ڌرم جي واٽ وٺ. منهنجا ڀاڳ مون سان.

ايتري ۾ لڪشمڻ اُتي اچي نڪتو. جڏهن هنڪي ڀرت کي راڄ ۽ رام کي بن موڪلڻ جي خبر پيئي، تڏهن ڪروڌ ۾ اچي ڏڪڻ لڳو ۽ ڪڙڪي سان چيائين ته ”مان ڏسندس ته ڀرت ڪيئن ٿو اچي راڄ ڪري. جيستائين منهنجي ٻانهن ۾ ٻل آهي، تيستائين ڪا به طاقت رام کي بن موڪلي نٿي سگهي.“

رام ڏاڍيءَ سنجيدگيءَ سان کيس سمجهايو ۽ چيو ته هن موقع تي ڪاوڙ ڪرڻ مناسب نه آهي. بهتر ائين آهي ته ايوڌيا ۾ رهي، ماتا ڪوشليا ۽ سمترا جي شيوا ڪر. چوڏهن ورهيه ڪيتري ۾ گذرندا. جلدئي وري اچي توهان سان ملندس.

لڪشمڻ - جيڪڏهن توهين مقابلو ڪرڻ نٿا چاهيو ۽ هروڀرو بن وڃڻ لاءِ تيار آهيو ته مونکي به ساڻ وٺي هلو. مان توهانکان جدا نه رهندس.

رام کي خبر هئي ته لڪشمڻ ضد تي پختو بيهندو آهي، تنهنڪري کيس ساڻ هلڻ جي اجازت ڏنائين.

اڄ ئي ڀرت کي ڪشمير مان آڻڻ لاءِ قاصد موڪل. مان ٻه ٻن ڏانهن وڃڻ جي تياري ٿو ڪريان."

ڪيڪئيءَ چيو ته "مان ڀرت کي جلد گهرائي وٺنديس پر تون ٻن وڃڻ ۾ دير نه ڪر. جهٽ پٽ هليو وڃ. مهاراج کي شرم اچي رهيو آهي. جيستائين تون ٻن هليو نه ويندين، تيستائين هو اَن جل به ڪين ورتائيندو."

رام نمسڪار ڪري هليو ويو ۽ دشرٿ "هاءِ! هاءِ!!" ڪري وري بيهوش ٿي ويو!

(٣)

"پٽ! ڇا راڄ تلڪ جي رسم پوري ٿي؟" ڪوشليا خوشيءَ مان پڇيو.

رام چيو ته "ماتاجي! هائو، ڀرت کي ايوڌيا جو راڄ مليو آهي ۽ مونکي ٻن جو! توکان اُن لاءِ موڪل وٺڻ آيو آهيان. هاڻي خوشيءَ سان موڪل ڏي."

اهو ٻڌي ڪوشليا جي هٿن مان ڄڻڪ ڪجهه ڪري پيو، رام کي ڇاتيءَ سان لائي چوڻ لڳي ته "پٽ! ٻن وڃن تنهنجا دشمن، تون ڇا لاءِ وڃين؟"

رام- پتا جو چيو مڃڻ نيڪ اولاد جو فرض آهي.

ڪوشليا- تون سچ ٿو چوين مگر پيءُ کان وڌيڪ ماءُ جو حڪم آهي. مان چوان ٿي ته تون ٻن هرگز نه وڃ.

رام- ماتا ائين نه چئُو. پتا جي آگيا مڃڻ مون تي فرض آهي. تنهن سواءِ مون ماتا ڪيڪئيءَ کي چيو آهي ته اڄ شام جو ضرور اَيوڌيا مان هليو ويندس. انهيءَ ڪري

ويندو."

لاچار تي رام ڪيس به هلڻ جي موڪل ڏني.

رام، لکشمڻ ۽ سيتا ٽنهي راجائي پوشاڪ لاهي، بنواسين جهڙا ڪپڙا پهريا، ماتا ڪوشليا ۽ سمترا کان موڪلائي، راجا دشرٿ کان موڪلائڻ ويا. هو هننکي ههڙي حال ۾ ڏسي، مورڇا تي ويو. ڪيڪئي ۽ رام کي چيو ته "توهين جلدئي بن وڃو، توهانکي ڏسي راجا کي وڌيڪ دک ٿو ٿئي. توهين ويندا ته راجا کي ازخود صبر اچي ويندو." رام به "جا آگيا" چئي، نمشڪار ڪري روانو ٿيو. پرجا پنهنجن لاڏلن کي ههڙي حال ۾ ڏسي، ڏاڍي جوش ۾ آئي ۽ ڀرت ۽ ڪيڪئي تي ڇوه، ڇنڊڻ لڳي. رام ڪين زوردار لفظن ۾ سمجهايو ۽ صبر ۾ رهڻ لاء چيو. تنهن هوندي به ڪيتري پرجا رام سان گڏ هلڻ لڳي. واٽ تي پرجا ڪيس موٽي هلي راڄ ڪرڻ لاء گهڻو زور پريو پر رام ڪين چيو ته ڌرتي اُتلي پوي ته به مان پرن تان هٽڻ وارو نه آهيان. اوهين به ڌيرج ڌاريو. ۱۴ سال سنت ئي گذاري ويندا ۽ وري اچي اوهانجي شيوا ۾ حاضر ٿيندس. ماٺهو نراس ٿي موٽي آيا. رام، لکشمڻ ۽ سيتا سان گڏ بن مان رشين جا درشن ڪندو، چترڪوٽ وڃي نڪتو ۽ اُتي ڪشش ڪندڙ قدرتي نظارا ڏسي، ڪٽيا ٺاهي رهي پيو.

هيڏانهن راجا دشرٿ ٻڌو ته رام سان گڏ ويل ماٺهو به نراس ٿي موٽي آيا ۽ رام ويو سو، تڏهن دل ڇڪي

(۴)

ماتا ڪوشليا وٽان ٿي رام سيتا وٽ آيو، جا سندس تاجپوشيءَ جي خوشيءَ ۾ غريبن کي ڪپڙا ۽ اَن ڏيئي رهي هئي. اوچتو بنواس جو احوال ٻڌي، هوءَ وائڙي ٿي ويئي ۽ چيائين ته "ناٿ! جيڪڏهن توهين جهنگل ۾ رهندا ته مان محل ۾ ويهي ڪيئن موجون ماڻينديس؟ مونکي به ساڻ وٺي هلو."

رام- پياري! تون شاهي محلن ۾ پلي آهين. داسيون تنهنجي هرڪا شيوا ڪرڻ لاءِ تيار رهن ٿيون، اميراڻي زندگي ڇڏي، فقيراڻي حياتي ڪيئن گذاري سگهندينءَ؟

سيتا - توهان سان گڏ هوندي مونکي ڏک به سک پاسڻ ۾ ايندا. جئن ڇايا وڻ کان جدا نه ٿيندي آهي، تئن سوامي! مان توهانکان جدا نه ٿينديس.

جڏهن رام سيتا کي بن جا ڀيانڪ ڏک ڏاڍا ٻڌائي، ايوڌيا ۾ ئي رهڻ لاءِ چيو، تڏهن سيتا چيو ته "پيارا! جيڪڏهن سچ پچ بن ۾ اهڙيون تڪليفون آهن ته پوءِ ته هيڪاري منهنجو گڏ هلڻ ضروري آهي. جنهن رستي تان اوهين هلندا، اُهو ڪنڊن کان صاف ڪندي هلنديس. گرمي هوندي ته وڃڻو هڻنديس. پند ڪري ٿڪبا ته چار زور ڏينديس. پوري وقت تي ڦل ڦول گڏ ڪري اوهانکي ڀوڄن ڪرائينديس ۽ اُداس ٿيندا ته چار ڳالهيون ڪري وندرائينديس. منهنجي ڏکن جو خيال نه ڪريو. مونکي ضرور ساڻ وٺي هلو. مونکان وڇوڙو سٺو نه

جو ڪيس ديس نيڪالي ڏني ويئي ؟ ڇا هن ڪنهن براهمڻ جو خون ڪيو هو يا ڪنهن استريءَ جي بي عزتي ڪئي هئي ؟

ڪيڪئي - رام ڪان ڪو قصور ڪونه ٿيو هو. هو پتا جي آگيا پالڻ لاءِ بن ويو آهي.

ڀرت - مان ڄاڻڻ ٿو گهران ته پتاجيءَ اهڙو حڪم ڇو ڏنو هو ؟

ڪيڪئي - هيءُ سڀ ڪم توکي راڄ ڏيارڻ لاءِ ڪيو ويو آهي.

پوءِ ته ڪيڪئيءَ ڀرت کي اهڙي نموني سڀ احوال ٻڌايو، جو هن سمجهيو ته ٻڌي خوش ٿيندو.

ماءُ جي مک مان نه سهڻ جهڙيون ڳالهيون ٻڌي، ڀرت پيلو هيڊ ٿي ويو. نفرت مان ماءُ کي چيائين ته "ماتا! تو منهنجي مٿان اهڙو ڪلنڪ جو ٽڪو لڳايو آهي جو ساري عمر نه ميٽجي سگهندو. توکي خبر آهي اسانجي ڪل ۾ هميشه وڏو پاءُ تخت جو مالڪ ٿيندو آهي، پوءِ تو اهڙي انسانيت کان ڪريل روش ڇو ورتي ؟ تو مونکي اهڙو ڪميڻو سمجهيو هو ڇا، جو پنهنجي وڏي ڀاءُ جو حق وٺي خوش ٿيندس ؟ ماتا! ياد رک تو اهڙو پاپ ڪيو آهي جو ميٽجي نه سگهندو. ايوڌيا جو راڄ ته خسيس ڳالهه آهي، مونکي سرڳ جو راڄ ملي ته به هوند قبول نه ڪريان." ائين چوندي ڀرت وري زاز زار رئڻ لڳو.

ٻيس ۽ ”هاءِ رام - هاءِ رام“ ڪندي پران ڏنائين. اهڙيءَ طرح شروڻ جي سورداس ماءُ پيءُ جو ڏنل پاراتو پڙيو ۽ دشرٿ به پٽ جي جدائيءَ ۾ ساهه ڇڏيو.

باب اٺون - ڀرت جي پاڻپي

”پٽ! خوش آهين نه؟ رستي ۾ ڪا تڪليف نه ڪانه ٿيئه؟“ ڪيڪئيءَ مشڪندي چيو.

”تڪڙو اچڻو پيو، تنهنڪري تڪليف نه ڪجهه ٿي، پر ماتا! شهر مان لنگهيس ته ڪا رونق ئي ڪا نه هئي، ڇڻڪ ڪو راڪاس گهمي ويو هو. ماڻهو موٻا ئي موٻا پيئي نظر آيا. محل ۾ به موٻائي معلوم پئي ٿي، سڪ نه آهي؟“ ڀرت اُبهرائيءَ مان پڇيو.

ڪيڪئيءَ بناوتي دک ظاهر ڪندي، اکين ۾ لڙڪ آڻي چيو ته منترا جي مدد سان مون ڪم ته بلڪل ٺيڪ ڪري ڇڏيو هو پر مهاراج جي مرڻ سبب ڪجهه مدائي ٿي پيئي آهي.

ڀرت پيءُ جي موت جو ٻڌي، بيهوش ٿي ڪري پيو. جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن رئندي پڇيائين ته ”پتاجن جو موت ڪيئن ٿيو؟“

ڪيڪئي - رام جي جدائيءَ ۾ ”هاءِ رام! هاءِ رام“ چئي پران ڏنائين. ڪيس ڪا بيماري ڪانه ٿي هئي.

ڀرت - رام جي جدائي ڇاجي؟ هو ڪٿي آهي؟

ڪيڪئي - هو لڪشمڻ ۽ سيتا سميت بن ويو آهي.

ڀرت - رام بن ڇو ويو؟ هنڪان ڪهڙي چوڪ ٿي،

ڪوشليا جي من مان شڪ ميٽجي ويا. ڀرت کي ڇاتيءَ سان لڳائي چيائين ته ”پٽ! مولکي تو مان اهائي اُميد هئي. سڪ. جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو. پيءُ جو ڪريا ڪرم ڪر ۽ جيستائين رام اچي ٿيستاءِ حڪومت جو ڇرخو هلاءِ.“

ڀرت چيو- ”ماتا! مان ڪڏهن به تخت تي قدم ڪين رکندس. ڪريا ڪرم کان واندو ٿي، رام جي خدمت ۾ ويندس ۽ کيس واپس وٺي ايندس. ايوڌيا جو راڄ هُوئي ڪندو.“

(٣)

ٻري کان وڏا وڏا پهاڙ آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا، پاسي کان ندي وهي رهي هئي. ڪناري تي ڳتيل وڻ هئا، جن تي پڪي پڪڻ لائيون لڙي رهيا هئا. ويجهيءَ ڇڪ ۾ ڪا بستي نظر ڪانه ٿي آئي. هڪ ڪتيا هئي، جنهن ۾ ٽي بنواسي رام، سيتا ۽ لڪشمڻ ڳالهيون ڪري رهيا هئا. لڪشمڻ هڪ طرف کان مٽي اُڏامندي ڏٺي. هو ٽڪرو ڻڪرو وڻ تي چڙهي ويو. هيڏانهن هوڏانهن لڪشمڻ نهاري چيو ”ڀائُو! جهٽ پٽ ڏنش ٻاڻ ڪٽي تيار ٿيو. شايد ڀرت اسانکي مارڻ لاءِ فوج ساڻ ڪري، اچي رهيو آهي. اڄ ڀرت ۽ سندس ساريءَ سينا کي ناس نه ڪريان ته منهنجو نالو لڪشمڻ نه آهي.“

رام چيو ته ”لڪشمڻ! گهبرائجين ڇو ٿو؟ ڀرت ڪڏهن اسان سان خراب نموني نه هليو آهي. ذرا سوچي

ڪيڪئي - پٽ! تون اڃا ٻار آهين. هن معاملي جو راز ڪو سمجهي سگهين. توکي اُنوقت قدر ٿئي ها جڏهن رام تخت جو مالڪ ٿئي ها ۽ توکي غلامن وانگر حڪمن جي تعليم ڪرڻي پوي ها. هاڻي سياڻپ انهيءَ ۾ آهي ته پيءُ جي ڪريا ڪرم ڪرڻ بعد حڪومت جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ جهل. ۱۴ سال ڊگهو عرصو آهي. اُنڪان پوءِ رام آيو ته ڏٺو ويندو.

ڀرت - (ڪاوڙجي) ماتا! ڀرت ڪڏهن به پياءُ جو حق ڦٻائي نه سگهندو. هن راڄ جو مالڪ رام آهي. اهو ئي تخت جو ڌڻي ٿيندو. تنهنجون مليون مرادون بلڪل پوريون نه ٿي سگهنديون.

(۲)

”پٽ! اڃي وئين؟ ڀلي آئين، تنهنجيءَ ماتا جي مراد پوري ٿي. هاڻ ٻي ڪٿڪي ويهي راڄ جا مزا ماڻ.“ **ڪوشليا** دکه مان چيو.

ڀرت نمرتا سان چيو ”ماتا! هي ڇا چئي رهي آهين؟ راڄ جو مالڪ ته رام آهي ۽ مان سندس مسڪين نوڪر. هيءُ سارو ڏوهه ماتا ڪيڪئيءَ جو آهي. موکي ڪا خبر ڪانه هئي. هاڻي مان ڪيس ضرور موٽائي وٺي ايندس. مونکان وڌيڪ سنسار ۾ ٻيو ڪهڙو بد بخت هوندو، جنهنجي ڪري پتا پرلوڪ پڌاريو، پياءُ رام، لڪشمڻ ۽ ڀاڄائي سيتا بن ويا ۽ سڄي ملڪ ۾ ماتم مچي ويو!“

رام- ڀرت! مونکي تومان اهڙي ئي اُميد هئي. مونکي پڪ هئي ته تو جهڙو انصاف پسند ماڻهو تخت تي نه ويهندو. مگر مان چوڏهن ورهين کان اڳ ايوڌيا ۾ پير پائي نه سگهندس. پيءُ جو پرڻ پالڻ اسان سڀني جو فرض آهي. مان پتا جي آگيا موجب ١٤ ورهيه بن ۾ پوگيندس. تون به پتا جي چوڻ موجب پيروي ڪندي ايوڌيا جو راڄ ڪر.

ڀرت - مون لاءِ اهو ناممڪن آهي جو مان توهانجي جيئري ايوڌيا جي تخت جو خواب ۾ به خيال ڪريان. مان نه انهيءَ پاپ جو ڀڃڻاءُ ڪرڻ چاهيان ٿو، جو منهنجي ماتا کان ٿيو آهي.

رام- تون ماتا لاءِ ائين نه چئو ۽ ايوڌيا ۾ وڃي راڄ ڪر.

ڀرت- مون هڪ پيرو جيڪي چيو اُن کان هڪ انچ به پوئتي ڪين پوندس. مان ته اوهانجو داس آهيان. جيڪڏهن مان راجا ٿي رهڻ چاهيان ها ته هستني اچان ئي ڪين ها. توهين ديا ڪري موٽي هلو ۽ هلي حڪومت جو انتظام ڪريو.

رام- ڀرت ضد نه ڪر. مان چوڏهن سالن کان اڳ ايوڌيا ۾ هلي ڪين سگهندس. پيءُ جي آگيا پوري ڪرڻ مون لاءِ هڪ چا پر هزار سلطنتن کان به مٿي آهي.

ڀرت- جيڪڏهن ائين آهي ته مان به توهان سان گڏ بن ۾ رهندس ۽ لڪشمڻ وانگر شيوا ڪري جنم سڦلو

سمجهي ڪم ڪرڻ گهرجي. ڪو ٻه ڪم ٽڪڙ ۾ ڪرڻ سان پوءِ پڇتائڻو پوي ٿو."

لڪشمڻ ڀي ٿي چيو "ٽڏهن پناجي اوهانکي موٽائڻ لاءِ اچي رهيو هوندو." رام چيو "اها ڳالهه ٿي سگهي ٿي. تون وڻ ٿان لهي اچ."

ٿوري دير بعد ڀرت ڳوليندو ڳوليندو اُتي اچي نڪتو. ڏٺائين ته ڀڄن ۽ ولين سان هڪ سادي ڪٽيا ٺهيل آهي ۽ اُن ۾ شري رامچندر جو ڌنش لٽڪي رهيو آهي. ويجهو اچي ڏٺائين ته ڪٽيا جي ٿلهي تي مرگ ڇالا وڇايل آهي، جنهن تي شري رامچندر ۽ سيتا ويٺا آهن ۽ لڪشمڻ دروازي تي ويٺو آهي. ٽنهي ڀائرن جي سر تي جٽائون آهن ۽ بت ڀڄن سان ڍڪيل اٿن! اِهو ڏسي ڀرت کان رهيو نه ٿيو ۽ روئي ڏنائين. سڏڪا ڀريندي، ڊوڙي اچي رام جي چرنن تي ڪريو. شترگهن ٻه اچي رام کي پيرين پيو. پوءِ ته چارئي ڀائر ڀاڪر پائي هڪ ٻئي سان گڏيا. ٿوري دير بعد وزير، ۽ فوج ٻه اچي نڪتي. رام سڀني سان پريم سان گڏيو. رام، سيتا ۽ لڪشمڻ ٽنهي جڏهن پيءُ جي ديهانت جو ٻڌو، ٽڏهن ڏاڍو دک ٿين.

ڀرت- ڀائو! مان پنهنجي ماتا جي ڪئي تي پشيمان آهيان ۽ اُن لاءِ معافي طلب آهيان. هاڻي ڪرپا ڪري پنهنجو تخت تاج هلي سنڀاليو، جنهنجا توهين ئي حقدار آهيو.

باب نائون- نيچ ناري

(١)

دنڊڪ ٻن سڄو پيو تمام سونهيڪ هو. نزديڪ ئي گوداوري ندي گڙ گڙ ڪري وهي رهي هئي. اُن ۾ هنس ۽ ٻگهه پاڻيءَ جا پکي ڪيل ڪندا هئا. ٻنهي ڪنارن سان سندر ٽڪريون گلن ڦلن سان ڇانيل هيون. شري رام کي اهڙو سندر آستان اڳ ڪڏهن رهڻ لاءِ نه مليو هو، سو اُتي هڪ ڪٽيا ٺاهي، رام، لڪشمڻ ۽ سيتا سک سان رهڻ لڳا.

(٢)

”توهين ڪير آهيو؟ هتي ڇو رهيا پيا آهيو؟“ هڪ اِستريءَ پڇيو.

”مان ايوڌيا جي راجا دشرٿ جو پٽ آهيان. هيءَ منهنجي اِستري سيتا، هيءُ سامهون منهنجو ننڍو ڀاءُ لڪشمڻ آهي. اسين هتي سنڀر لاءِ آيا آهيون. تون ٻڌاءِ ته ڪير آهين؟“ رام وراڻيو.

”مان لنڪا جي راجا راوڻ جي ڀيڻ شورپڻکا آهيان. گهڻي وقت کان ڪنهن خوبصورت ور جي تلاش ۾ هيس. پرماتما جو شڪر آهي، جو اڄ تون ملي وئين. مان ته سمجهان ٿي ته ڌڻيءَ توکي مون سان شادي ڪرڻ لاءِ ئي هت موڪليو آهي. هتان ويجهوئي ويجهو راڪسن جو ڳوٺ آهي. هوءُ تمام ظالم ۽ زوراور آهن. جيڪڏهن تو مون سان شادي ڪئي ته مان توهان کي

کندس .

رام- اهو مناسب ناهي، حڪومت جو ڪم هلائڻ بلڪل ضروري آهي . پتا جو حڪم به اهوئي آهي ته ڀرت ايوڌيا جو راڄ ڪري ۽ هاڻي مان به توکي حڪم ڪريان ٿو ته تون سلطنت جو وچي ڪم هلاءِ .

ڀرت - مان توهانجو حڪم ٽاري نٿو سگهان پر جي توهين موٽي نٿا هلو ته پنهنجون چاکڙيون مون کي ڏيو . مان اُهي تخت تي رکندس ۽ مان هيٺ رهي، ڪم ڪندس . مگر شرط اهو آهي ته اوهين ١۴ سال پورا ڪري هڪدم ايوڌيا موٽي ايندا .

عجيب نظارو هو . ڀرت جو تياڳ ڪهڙو نه تعريف لائق آهي ! ڪٿي اُهو زمانو جو ڀرت راڄ ملڻ تي به قبول نه ڪري ۽ ڪٿي هيءُ زمانو، جنهن ۾ زمين جي هڪ اِنچ يا هڪ پئسي لاءِ ڀاءُ ڀاءُ جي خون لاءِ پياسي ٿو رهي . رام جي فرمانبرداري ، لڪشمڻ ۽ سيتا جي وفاداري به ڪهڙي نه لاثاني !

ان بعد هڪ رات چترڪوٽ ۾ رهي، ڀرت چاکڙيون وٺي ، فقيري ويس پهري ، سڀني سان گڏ ايوڌيا موٽي ويو ۽ هميشه سادي جيوت رهي، راڄ ڪاروبار هلائيندو رهيو . ماڻهن کي اهڙو نه خوش ڪيائين جو هو مٿانئس ٻلهار پيا ويندا هئا .

رام - مان پنهنجو ارادو اڳيئي ظاهر ڪري چڪو آهيان. مان پنهنجي ملڪ جي دستور موجب، هڪ استريءَ جي هوندي، ٻيءَ استريءَ سان شادي نٿو ڪري سگهان. ان ڪري تون وڃي لڪشمڻ وٽ وڃ. اميد ته هو تنهنجي ڳالهه قبول ڪندو.

شورپنکا وڃي اچي لڪشمڻ وٽ شاديءَ جي خواهش ظاهر ڪئي. مگر هن ٻيهر رام وٽ وڃڻ لاءِ چيس. اهڙيءَ طرح ٻه چار دفعا ڪيس ٻنهي وٽ اچڻو وڃڻو پيو پر سنوت ڪٿان نه مليس. هن سمجهيو ته ٻئي مون سان مسخري ڪري رهيا آهن. هوءَ ڏاڍي ناراض ٿي ۽ چڙ مان سيتا تي حملو ڪيائين! اهو ڏسي رام لڪشمڻ کي اشارو ڏنو ۽ هن ويجهو اچي، شورپنکا کي پڪڙيو ۽ ڪيس قتل ڪرڻ جو ويچار ڇڏي، انهيءَ ويچار کان ته هيءَ زال آهي ۽ زال کي قتل ڪرڻ پاپ آهي، فقط سندس ڪن ۽ نڪ ڪپي ڪڍيائين! هوءَ ڪيڪرامت ڪندي ڀڄي ويئي.

(٣)

”مان پنچونيءَ مان لنگهي رهي هيس ته ٻن شخص مون کي پڪڙي بي عزتو ڪرڻ چاهيو مگر مان ڪالئن ڀاڻ ڇڏائي، ڀڄڻ لڳس ته هڪڙي منهنجو نڪ ۽ ڪن ڪپي وڌو.“ رئندي شورپنکا پنهنجي ڀائرن اڳيان شڪايت ڪئي.

شورپنکا جا ٻه ننڍا ڀائر ڪر ۽ دوکڻ پنچونيءَ جي

سندن ظلم ۽ ستم کان بچائيندي‌س، نه ته هو اوهانکي کپو
ئي کائي ويندا." آيل استري ۽ خوشيءَ مان چيو.

رام- تون برابر سندر آهين. مون اڄ تائين تو جهڙي خوبصورت عورت نه ڏٺي آهي. جيڪڏهن شادي کيل نه هجان ها ته ممکن هو ته مان توسان ڪٺي شادي ڪريان ها، مگر هن حالت ۾ لاچار آهيان. بهتر آهي ته تون پنهنجي اِها خواهش منهنجي ڀاءُ لڪشمڻ اڳيان وڃي ظاهر ڪر. هو تمام بهادر آهي ۽ هتي ڇڙو آهي. شايد شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي.

شورپنکا- (لڪشمڻ ومٽ وڃي) مان هتان اچي لنگهيس، پاڻين سان ملاقات ٿي. ڳالهين ڪندي شاديءَ جو ذڪر ڇڙيو. هن مونکي تو ڏانهن موڪليو آهي.

لڪشمڻ- تو جهڙي حسين زال خوش قسمتيءَ سان ملي سگهي ٿي. تنهنجي اِها مهرباني آهي، جو مونکي پسند ڪرين ٿي، مگر مان ته رام جو غلام آهيان. مون سان شادي ڪرڻ جو مطلب اهو ٿيندو ته توکي به سيتا جي نوڪرياڻي ٿي رهڻو پوندو. مگر مان ٿو چاهيان ته هڪ طاقتور راجا جي پيڙ ۽ حسن جي ديوي داسي ٿي رهي. انهيءَ ڪري بهتر آهي ته تون اُن لاءِ رام کي وڃي مڃاءِ.

شورپنکا- تون سچ ٿو چوين.

ائين چئي شورپنکا رام ومٽ وڃي چيو ته "مان توسان ئي شادي ڪرڻ چاهيان ٿي."

تيئو، سو بنواسين کان وير ونڻ لاءِ هوءَ پنهنجي وڏي ڀاءُ راوڻ وٽ ويئي.

راوڻ لنڪا جو راجا هو. ڀيڻ جي دکدائڪ وارتا ٻڌي کيس دلداري ڏنائين. ڪالهه پڇيائين ته هاڻي تنهنجي ڇا صلاح آهي؟ شورپنکا وراڻيو ته هاڻي "توهين ڪنهن طرح سيتا کي کڻي اچو ته هو ٻئي ڀائر ازخود سندس جدائيءَ جي غم ۾ مري ويندا."

راوڻ هن نيچ ناريءَ جي چوڻ تي اهو اگرو قدم کنيو، جنهن نه فقط سندس راڄ ۽ کيس، بلڪ سندس ڪل کي به ناس ڪري ڇڏيو!

باب ڏهون - پاري پل

(١)

شام جو وقت هو، سيتا ڪٽيا جي ٻاهران ويهي قدرت جا نظارا ڏسي رهي هئي. پکي، پسن ۽ وڻن ٻوٽن کي غور سان جاچڻ ئي سندس لاءِ هڪ قسم جي وندر ٿي پيئي هئي. ساوڪ ڏانهن نهاريندي، سيتا جي نظر هڪ نهايت سندر هرڻ تي پيئي. سيتا هوندن ته گهڻي ئي هرڻ ڏسندي رهندي هئي پر اجوکي هرڻ ۾ خاص ڪشش ڏسڻ ۾ آئي. سونهري رنگ، قد بت جو ناهوڪو ۽ سندس نينگن ڏيڻ خواه هلڻ چلڻ جو نمونو ئي نرالو! سيتا جي دل هرکجي پيئي. رام کي چيائين ته "اِهو هرڻ مون کي ڦاسائي ڏيو ته مان کيس پاليندي يس. هرڻ مون لاءِ هڪ سٺي وندر ٿيندو ۽ جڏهن

ويجهوئي هڪ پرڳڻي تي راڄ ڪندا هئا. ٻئي ڏاڍا بهادر هئا. ڪين راڪسن جي شاهي فوج هئي. هنن جڏهن ڀيڻ جي ههڙي دُرگتي ڏٺي، تڏهن ڏاڍو ڪروڌ آين ۽ چوڏهن هزار راڪسن جي فوج وٺي پنچوٽيءَ تي حملو ڪيائون.

شري رامچندر اڳئي ڄاتو ٿي تہ شورپنکا جا ڀائر ڪاهہ ڪندا. انهيءَ ڪري ٻنهي ڀائرن سيتا کي ڪنهن لڪل هنڌ وهاري ڇڏيو ۽ پاڻ موقعي جو انتظار ڪرڻ لڳا. راڪسن کي ايندو ڏسي، مقابلي لاءِ تيار ٿيا ۽ لکن تيرن جو وسڪارو لائي ڏنائون. ڏسندي ڏسندي راڪسن کي ڍيري ڪري ڇڏيائون.

اها روبڪار ڏسي کر ۽ دوکڻ باقي فوج سان جوش مان ڪاهہ ڪئي. ڏاڍي ويڙهہ هلي. ٻنهي راڪسن ڀائرن واهہ جي ويرتا ڏيکاري پر پياري رام ۽ لڪشمڻ اڳيان سندن دال ڪين ڳري. هنن جي تيرن راڪسن جي لشڪر ۾ ڀاڪوڙو وجهي ڏنو. آخر کر ۽ دوکڻ بہ تيرن جو شڪار ٿي هميشہ لاءِ ڌرتيءَ تي پٽجي رهيا! رامچندر ننڍي ڀاءُ لڪشمڻ کي ويرتا سان ويڙهہ ڪرڻ سبب آفرين ڏني. سيتا جي جان ۾ جان آئي ۽ ايشور جو شڪر ڪيائين جو دشمن تي فتح نصيب ٿي.

(۴)

شورپنکا جي اندر ۾ بدلي جي باهہ ٻري رهي هئي. پنهنجي ٻنهي ڀائرن جي موت جو ٻڌي، ڪيس ڏاڍو ڏکہ

روپ ظاهر تي ٿيو. اهو هرڻ دراصل مارِيچ راڪس هو، جو راوڻ جي سخت زور ڀرڻ تي اِهو روپ ڌاري ڊنڊڪ بن ۾ آيو هو. مرڻ وقت بہ هن رام جي آواز جهڙي نموني ۾ رڙ ڪري چيو تہ ”هاءِ سيتا! هاءِ لڪشمڻ!“ رام اهو ڏسي گهٻرايو. هن خيال ڪيو تہ سيتا جيڪڏهن مون جهڙي آواز ۾ اهي رڙيون ٻڌيون تہ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ ٿي پوندي. سيتا ضرور ڀاءُ لڪشمڻ کي منهنجي ڳولها لاءِ روانو ڪندي ۽ تيستائين خبر ناهي تہ راڪاس ڇا ڪري وجهندا. لڪشمڻ سچ ٿي چيو تہ فريب آهي. اهي خيال ڪري، رام تڪڙو تڪڙو ڪٽيا ڏانهن واپس وريو.

(٢)

اِنسان کي جڏهن تڪليفون ڏسڻيون هونديون آهن، تڏهن سندس مت ئي ماري ويندي آهي. سيتا بلڪل سيل ۽ ستيا واري ناري هئي مگر سندس ٿوري ضد ۽ اُبهرائيءَ نہ رڳو کيس بلڪ ايڪ ماڻهن کي لوڙايو. راڪاس جي فريبي رڙ ٻڌي سيتا شري رامچندر تي آفت آيل سمجهي، بي صبر ٿي چيو تہ ”لڪشمڻ! تون جلدي وڃ - راڪس تنهنجي ڀاءُ کي ستايو آهي.“

لڪشمڻ وراڻيو تہ ”مان پنهنجي وڏي ڀاءُ جي چوڻ موجب توکي اڪيلو ڇڏي نٿو سگهان.“ اُن تي سيتا اُبهرائيءَ مان چيو تہ ”مون سمجهيو تہ تون پنهنجي ڀاءُ کي مارائڻ ٿو چاهين. تنهنجي نيت سٺي ناهي.“

اسين گهر هلنداسين تڏهن هنکي به گهر وٺي هلنداسين."

رام ننڍي ڀاءُ کي هرڻ ڏيکاريندي چيو ته "ڏس ته کهڙو نه سوهڻو آهي!" لڇمڻ چيو ته "هرڻ به ڪڏهن سونهري رنگ جو ٿيو؟ هيءُ ڪو راڪس ٿو ڏسجي. راڪس اهڙو روپ ڌاري ئي رشين کي هلاڪ ڪندا آهن."

سيتا وري رام جو ڌيان ڇڪايو. لڇمڻ جو چوڻ سيتا جي ڪنن لائين پهتو ئي ڪين. رام کيس چيو ته "انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ. هي جهنگل آهي، ڇؤڌاري ڇٽڪ راڪاسن جو راڄ آهي، تنهنڪري اسانکي بلڪل خبرداريءَ سان رهڻو آهي. هرڻ جي ڌارڻ جو تون خيال لاهي ڇڏ."

سيتا جي دل ڪين رهي. وري به رام کي هرڻ آڻي ڏيڻ لاءِ زور ڀريائين. چي "جيڏرو هٿ اچيو ته واه، نه ته به سندس کل مان ته سٺي مرگ ڇالا ٺهندي."

آخر سيتا جو خيال ڏسي رام لڇمڻ کي سيتا جي سنڀال ڪرڻ لاءِ وهاري، پاڻ هرڻ کي هٿ ڪرڻ لاءِ سندس پٺيان ويو. هرڻ طلسمي هو، سو سولو ڪٿي ٿو اچي! هرڻ جي پٺيان رام گهڻو پري نڪري ويو. هرڻ ڪڏهن جهنگ ۾ ٿي لڪي ويو ته ڪڏهن وڻن جي اوٽ مان رام ڏانهن ٿي نهاريائين. رام جڏهن ڏٺو ته هرڻ جيڏرو پڪڙڻ مشڪل آهي، تڏهن مٿس تير هلايائين. تير لڳڻ سان طلسمي هرڻ ڪري پيو ۽ سندس اصلي راڪسي

ڪري پوڄن ڪريو." سنياسيءَ جي ويس ۾ آيل انسان مڪاريءَ سان پنهنجي ڀيڻ شورپنکا جي بي عزتيءَ سويمبر ۾ پنهنجي لڄي ٿيڻ جو بدلو وٺڻ آيو هو. هن وڏيڪ ٻاڻ نه لڪائي چيو ته "ٻڌ! مان سنياسي ڪين آهيان. مان ته لنڪا جو راجا راوڻ آهيان. تون هسن ڀيانڪ بن ۾ بنواسي رام سان رهي، ڇو سختيون سهي رهي آهين؟ تون لنڪا هل ته مان توکي پنهنجي پٽ راڻي ڪندس."

سيتا سمجهي ويئي ته مان وڏيءَ مصيبت ۾ آهيان. ٻل ڪيم جو لڪشمڻ کي هڪالي هن شيطان کسي وڃهه ڏنيم. راوڻ جون ڳالهيون ٻڌي ڏاڍي منيان لڳيس. ڪاوڙجي چيائين ته "مڪار! زبان سنڀالي هلاءِ نه ته اُن جو ڪيتو ڏسڻو پوندءِ. پرائيءَ استريءَ کي نه ماتا سمجهڻ گهرجي."

راوڻ پنهنجي نقلي پوشاڪ لاهي، اصلي صورت ۾ ظاهر ٿيو. سندس ڀيانڪ شڪل ڏسي سيتا ڪنبي ويئي. اِتري ۾ راوڻ جو هوائي رٿ به اچي ڪتيا وٽ بيٺو. راوڻ سيتا کي زوريءَ اُن رٿ ۾ چاڙهي روانو ٿيو. سيتا گهڻو ئي مدد لاءِ روچ راڙو ڪيو پر بن ۾ ٻڌڻ وارو ڪير هو؟

لڪشمڻ :- ڀائوءَ کي مارڻ وارو ننهي لوڪن ۾ ڪو ئي ڪونهي. تون ٻي صبر نه ٿيءُ. مان توکي اڪيلو ڇڏي ڪيئن وڃان؟ تو جيڪو آواز ٻڌو آهي سو راڪسي ڇل آهي.

سيتا :- (ڪاوڙ جي) لڪشمڻ! مون سڀڪجهه سمجهيو. تون وڏو پاپي آهين. آفت ۾ آيل ڀاءُ کي بچائڻ ڪان ڪيٻائين ٿو. معلوم ٿو ٿئي نه تون ڀرت سان مليو ويو آهين نه ته تون خوشيءَ سان بن ۾ ڪيئن اچين ها؟

لڪشمڻ :- (گهڻو ڏکي ٿي) مان توکي پنهنجي ماتا سمان سمجهان ٿو، تون ائين مڃين ته مان وڃان ٿو. تون خبرداريءَ سان رهج.

(٣)

ايشور جي ليلا اَپار آهي. ڪو به ماڻهو سدائين ساڳيءَ حالت ۾ ڪو نه ٿو رهي. انسان کي نرالين نرالين حالت ۾ رهڻو پوي ٿو. سيتا جا محلن ۾ عيش آرام سان رهندي هئي ۽ سوين داسيون سندس شيوا ۾ رهنديون هيون، سا اڄ بن ۾ ويٺي آهي ۽ بلڪل اڪيلي ۽ اُداسائيءَ ۾! سيتا خيالن جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويٺي هئي. اوچتو "نارائڻ! نارائڻ! داني داتا ڀکيا ڏي" جي صدا سيتا جي خيالن ۾ ڀنگ وڌو. هوءَ ڪٽيا جي در وٽ آئـي. سنياسيءَ کي ڏسي ڪيس نمي نمسڪار ڪيائين ۽ ڪيس اندر وٺي اچي آسڻ تي وهاريائين. هٿ جوڙي ڪيس وينتي ڪيائين ته "ڦل ڦول ڪٽي اچان. اوهيـن ڪرپا

ويجهو ويا ته هڪ زخميل پراڻي نظر چڙهين. اُهو ڦٿڪي رهيو هو ۽ پوين پساهن تي هو.

"پريتم! تون ڪير آهين ۽ توکي ڪنهن زخمي ڪيو آهي؟" ديالوُ دل شري رامچندر پڇيو.

"مان جٽايو آهيان. لنڪا جو راجا راوڻ ماتا سيتا کي چوزائي کڻي پئي ويو. هوءَ ڪرڙيءَ وانگر ڦٿڪي رهي هئي ۽ رام رام پئي پڪاريائين. راوڻ زوريءَ کيس دکن ديش ڏانهن وٺيو پئي ويو. مان اُن دشت سان لڙندي، هن حالت کي رسيو آهيان. مان ڄاڻان تو ته اوهين راجا دشرٿ جا پتر شري رامچندر آهيو ۽ اوهان جي انتظار ۾ ئي مان اڃا پويان پساهه پيو کڻان ته جئن اوهان کي ماتا جي حال کان واقف ڪريان."

"پيارا جٽايو! تون وير آهين. تو ستيءَ جي ڌرم بچائڻ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪئي آهي، انڪري توکي اوس ئي سرڳ پراپت ٿيندو. پر ياد رکج ته جنهن راوڻ توکي ماريو آهي، سو ترت ئي ڪال جو بک ٿيڻو آهي" شري رامچندر چيو.

"ڀڳوان! منهنجا ڀاڳ ڇٽا، جو اوهان جهڙي گڻن جي کاڻ جو اڄ مونکي درشن پراپت ٿيو آهي. هاڻي مان موڪلايان ٿو." ائين چوندي جٽايوءَ جو پران پکيئڙو اُڏامي ويو. شري رامچندر ۽ لڪشمڻ سندس ڪريا ڪرم ڪري، سيتا جي ڳولا لاءِ اڳتي وڌيا.

باب ٻارھون - پتنيءَ لاءِ پريشاني

(١)

"ھي ڳڻن جي کاڻ جانڪي! ھي پوتر روپ، ورت، نيم ۽ ڳڻ ڌارڻ ڪندڙ سيتا! تون ڪٿي آھين؟ ھي ھرڻ، اي پکي، او پونئر! اوھان ڪا منھنجي سيتا ڏٺي؟"

سيتا کي وڇوڙي ۾ ڏسي شري رامچندر سندس وڇوڙي ۾ بلڪل ماندو ٿيو، بن جي وڻن ٽڻن کان به سيتا جا ڏس پتا پڇڻ لڳو. سندس اکين مان آب جاري ھو. لڪشمڻ سمجھائيندو رھيو مگر شري رامچندر جو دک ھيڪاري وڌندو رھيو. ٻئي ڀائر سيتا جي تلاش ۾ جھنگ جبل جھاڳيندا ۽ غفائون جاچيندا اڳتي وڌيا ٿي. ڪٿان به سيتا جي سڌ ڪين ڪانه ٿي پيئي.

"منھنجي پران پياريءَ کي ڪو شينھن چيتو ڪائي ويو يا دشت ڪٿي ويو؟ پياري سيتا! تو بنا منھنجو جيئڻ محال آھي. منھنجي سشيل سيتا! تنھنجو ستائيندڙ دنيا ۾ ڪير به ھوندو ته اُنکي ڳولي ھٿ ڪندس ۽ کيس دنيا جي تختي تي جيئرو ڪين ڇڏيندس."

شري رامچندر بن پٽڪندي وري وري ائين چئي رھيو ھو ۽ لڪشمڻ نيڻن مان نير وھائيندي، ڀاءُ کي دلداري ڏيندو پئي ھليو.

(٢)

"ھتي اوس ئي ڪنھن جنگ ڪئي ٿي ڏسجي." شري رامچندر لڪشمڻ کي چيو. پر واريءَ ڪنيا جي

شري رامچندر شبريءَ جو آندل ميوو قبول ڪيو. شبري هرهڪ ٻير چکندي (ته مٺو آهي يا نه) پوءِ شري رامچندر کي ڏيندي تي ويئي ۽ شري رامچندر شرڌا وچان ملبل ميوو وڏيءَ سڪ سان کائيندو پئي ويو مگر لڪشمڻ ملبل ميوو لڪائي ڦٽو ڪندو پئي ويو ۽ حيرت وچان پئي ڏٺائين ته ڪيئن نه شري رامچندر هڪ گهٽ ذات واريءَ ناريءَ جو ڇهيل ۽ چکيل ميوو به چاهه سان کائي رهيو آهي.

شري رامچندر ميوو کائي ۽ ٿڌو جل پي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ شبريءَ جي ساراهه مان ڀاڻيو ئي ڪين ٿي، پر ڪين جا سيتا جي ڳولا جي اڻ تڻ لڳل هئي، سو اُتي گهڻو ڪين ترسيا ۽ شبريءَ کي آسيس ڪري روانا ٿيا.

باب ٻارهون- ستايل سگريو

(۱)

”اوهانکي جيڪڏهن اعتراض نه هجي ته ٻڌائيندا ته اوهين ڪير آهيو ۽ ڪٿان ٿا اچو؟“

رام جواب ڏنو ته ”اسين ايوڌيا جا راجڪمار آهيون پر پتا جي پرن پوري ڪرڻ لاءِ بنواسي ٿيا آهيون. منهنجي استري سيتا به اسان سان گڏ هئي پر ڪنهن دئيت، اسانجي غير حاضريءَ ۾ کڻي ويو آهي، ان جي تلاش ۾ پنڌ ڪندا ٿا وتون. هاڻي تون ٻڌاءِ ته ڪير آهين ۽ هن پهاڙ تي ڇا لاءِ آيو آهين؟“

برهمڻ ڪي ويس ۾ جوان وراڻيو ته ”مان شري پوَن جو پٽ هنومان ۽ **ڪشڪنڌا پريءَ** جو سپه سالار آهيان.

(٣)

سادي پر صاف جهوپڙي هئي. جهوپڙيءَ مان ڀڳوان جي نالي جو آواز ٻڌي، شري رامچندر ۽ لڪشمڻ وڏي جهوپڙيءَ ۾ ويا. هن سندر جوڙي کي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ آيل ڏسي هڪ پيرسن غريب عورت ڊوڙي اچي سندن چرڻن تي ڪري. ”ڀڳوان! مون اوهان بابت بن ۾ رهندڙ ساڌن سنتن کان پئي ٻڌو آهي. منهنجا ڀاڳ ڇڱا جو اوهين مون غريب نيچ جي ڪٽيا ۾ پڌاريا آهيو ۽ مونکي ٿورائتو ڪيو اٿو.“ **شبري** بلڪل شردا وچان چئي رهي هئي.

”ڪرپا ڪري مون وٽ ٿورو ڦل ڦول کائڻ ۽ ٿڌو پاڻي پيئڻ کانسواءِ ڪيڏانهن نه وڃجو.“ ائين چئي شبري ڊوڙي جهنگل ۾ ويئي ۽ بن جا ميوا ۽ ٻير چونڊي اچي وٽن حاضر ٿي. شبري ذات جي ڀيلڻ هئي. بن ۾ رهندي هئي ۽ ساڌو مهاتمائن جو سنگ ڪندي ۽ ايشور جو نالو جپيندي پنهنجي جيوت ڪاٽيندي هئي.

”مان هڪ نيچ عورت آهيان پر ڪرپا ڪري هي ٿورا ڦل انگيڪار ڪريو.“ شبريءَ چيو.

”هي ڌرم مورتي! ڀڳوان ڀڳتيءَ کي ٿو ڏسي. هن وٽ ذات پات، ڪل، وڏائي، ڌن، ٻل، ڪٽنب ۽ چترائي ڪنهن به ريت ڪا قيمت نٿي رکي. تون ايشور جو نالو جپين ٿي ۽ سنتن مهاتمائن جي سنگ ۾ جيوت ڪاٽين ٿي، انڪري تون ڌنيه آهين.“ ائين چوندي بلڪل پريم وچان

سو پاڻ ڇڏائي، اڇي راڄڌانيءَ ۾ نڪتو. پنهنجي ننڍي
ڀاءُ کي مٿي ٽي راڄائي ڇت پهريل ڏسي ٻاهه وٺي ويس.
کيس اڳيئي گمان وٺــي ويو هو ته سگريو راڄ جي لالچ
سبب مونکي ڪابه مدد ڪانه پهچائي آهي، سو پنهنجي
جـگر جي ٽڪڙي کي خالي هٿين ڪيڏي ڇڏ يائين. سـگريو
سائٽس مقابلو ڪيو پر هن سان پڇي ڪين سگهيو، ڇاڪاڻ
ته ٻالي گهڻو ٻلوان هو.

سڪ جو ته هرڪو ساٿي آهي ۽ ٻيني ٻڻتي جو هرڪو
سلامي! سچو سهائڪ اُهو آهي جو اوکيءَ ويل ساٿ ڏئي.
نـاز سان پليل ۽ بي گناهه سـگريو کي مون اڪيلو ڇڏڻ
واجب نه سمجهيو، انهيءَ ڪري شهر ڇڏي بن پوڳيو اٿم.
سگريوءَ کي ٻاليءَ جو هردم خطرو رهي ٿو، جو ڪنهن به
وقت جي ٻاليءَ کي پُور پوي ته شايد کيس مارائي ڇڏي.
هو مٿي پهاڙيءَ تي ويٺو آهي. توهانکي ڏسي هنکي
ڪجهه شڪ پيو. انڪري ڄاڄ لهڻ لاءِ مونکي توهان
طرف موڪليائين.

توهان ٻ دک درد سنا آهن، انڪري اوهان سگريو
جي سختين جو خيال ڪري سگهو ٿا. "گهايل ڪي گت
گهايل جاني...." ته چوڻي مشهور آهي. همدردي ڪرڻ
هــر انسان جو فرض آهي. هو توهانجو ٿورائتو ٿيندو،
جيڪڏهن توهين هنکي هلي مدد ڪريو."

لڪشمڻ يڪدم جواب ڏنو ته "اسين پاڻ سختيون سهي
رهيا آهيون، سو اوهان جــي ڪهڙي مــدد ڪري

ڪشڪنڌاپرِي هن رشيمُوڪ پهاڙ جي نزديڪ ئي آهي.
هتي جي ماڻهن کي بانر سڏيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته
هو انهيءَ ذات سان مشهور آهن."

لڪشمڻ اُبهرائيءَ مان پڇيو ته "سپہ سالار هوندي به
تون هن نياري ويس ۾ ڇو پيو ڏسجين؟"

"راجڪمارو! اِئين نه سمجهو ته ڏينهن فقط اوهان لاءِ
ڦريا آهن. دنيا جو دؤر نرالو آهي. سڀڪنهن کي ڪنهن
نه ڪنهن وقت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جو
ڪلهه راجا هو سو سڀاڻي رنڪ (فقير) ٿي سگهي ٿو.
ڏسجي ٿو ته اسان سنسار جي ستايلن جو مڪاميلو، آئينده
جو سنو اُهڃاڻ آهي." ائي هنومان جي منهن ۾ لعلائي
آئي ۽ ڪين هڪ هنڌ ويهي ڳالهائڻ جي آچ ڪيائين. نيٺ
ڇٽا پاسي ۾ پيل هڪ سفيد ڇپ تي ويهي ويا ۽ هنومان
پنهنجي ڪهاڻي ڪين ٻڌائڻ لڳو:-

"سامهون پري ڪان جيڪو شهر ڏسجي ٿو، اُن کي
ئي ڪشڪنڌاپرِيءَ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.
ٻالي نالي راجا اُتي راڄ ڪري ٿو. هو نهايت ٻلوان مگر
ڪنور دل ۽ پنهنجي خيال جو ماڻهو آهي. هڪ ڀيري
هو دُيتن جو پيڇو ڪندي گم ٿي ويو. سندس ننڍي
ڀاءُ سگريو سندس ڳولها لاءِ انيڪ ماڻهو چؤگرد موڪليا
پر هنجو پتو ڪو نه پيو. لاچار ٿي هو راجا وارِي فرض
ادائي ڪرڻ لڳو ۽ نهايت نياءَ سان راجائي هلائڻ لڳو.
ٻارهن مهنن بعد راجا ٻالي، جو مصيبت ۾ وڃي ڦاٿو هو،

ايندو ڏسي سگريو جي جان ۾ جان آئي. ويجهي اچڻ تي هو ساڻن آدر ڀاءُ سان ڏٺيو. هنومان ڪيس ٻنهي جي واقفيت ڪرائي. شري رامچندر سگريو کي چيو ته ”تون ڪو فڪر نه ڪر. اسين توکي راڄ وٺي ڏينداسون. مگر توکي سيتا جي ڳولهڻ لاءِ مدد ڪرڻي پوندي.“

سگريو ڪين وچن ڏنو. سيتا جي ڳالهه تان سگريو کي لڌل زيورن جي اچي ياد گيري پيئي. يڪدم اُهي آڻي شري رامچندر جي اڳيان رکيائين ۽ چيائين ته ”هڪ ڏينهن راوڻ هڪ اِستريءَ کي کنيو ٿي ويو. اُن اِستريءَ ڏاڍيون رڙيون پئي ڪيون. مونکي هت ويندي ڏسي، هن مون ڏانهن اِهي زيور اُڇليا. ڏسو ته هي زيور سيتا جا ته نه آهن؟“

(٣)

شري رامچندر اهي زيور سڃاتا، تڏهن سڀني کي پڪ ٿي ته راوڻ پاپي ئي سيتا کي کڻي ويو آهي.

”اي ٻالي! تون بلڪل بي حيا آهين، جو مونکي ناحق رڻ ۾ رلائي رهيو آهين ۽ منهنجي زال پاڻ وٽ وهاري وينو آهين. جي تو ۾ طاقت آهي ته اچي مون سان مقابلو ڪر.“

اوچتي سگريو جي للڪار ٻڌي، ٻالي ڪاوڙ ۾ باهه جي لعل ٿي ويو. ڌڪش ٻاڻ کڻي ٻاهر نڪتو ۽ ڪڙاڪيدار لفظن ۾ چيائين ته ”مون ڀاءُ سمجهي توتي رحم پئي ڪيو پر تون اُنهو اُبتو فائدو وٺي رهيو آهين. اڄ توکي مارڻ

سگهنداسون؟"

هنومان حليمائيءَ سان چيو ته "جيڪڏهن اوهين هنيلي ٻاليءَ کي جيتي، راڄ سگريو کي ڏيارينداته پوءِ سگريو سپتا هت ڪرڻ لاءِ پنهنجيءَ سينا سان اوهانکي مدد کندو. اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ سان ٻئي ڌريون سختين جي سور کان آجيون ٿينديون." اهو ٻڌي رام ڪسي پڪ ٿي ته هنومان بلڪل سيالو ۽ سچار آهي ۽ لڪشمڻ کي چيائين ته "مان پانيان ٿو ته اسانکي سگريو جي ضرور مدد ڪرڻ گهرجي. تنهنجو ڇا خيال آهي؟" لڪشمڻ چيو ته "سچن مترن جي سهائتا سان اسين ڪهڙيءَ به وڏيءَ طاقت جو مقابلو ڪري سگهنداسين، انڪري مان به دوستيءَ جي هٿ وڌائڻ جي فائدي ۾ آهيان."

(٣)

دنيا ۾ ڪا به چيز اهڙي حيرت انگيز ناهي، جهڙو من. من جي رفتار نياري آهي. گهڙيءَ ۾ ئي من سنڌي ساگر ۾ اُٿيڪ قسمن جون لهرون لڳن ٿيون. منجهس اُٿيئي عرش جا خيال ته اُٿيئي فرش جا! دکي من جي حالت ته هيڪاري عجيب ٿيو پوي. سو جيستائين هنومان سگريو وٽ اچيئي اچي، ليستائين هنجي من ۾ ڪيترن ئي قسمن جا هد بدا اُٿيا. ڪجهه دير تي وچڻ ڪري ته ويتر به سندس من ماندو ٿيڻ لڳو.

هنومان کي ٻنهي جوانن سان گڏ سرهي منهن سان

سڏي، ڪانئس معافي ورتي ۽ پنهنجي پٽ **انگد** جي ٻانهن سندس حوالي ڪيائين. پارت ڪندي چيائينس ته "هن کي پنهنجو پٽ ڄاڻي، ڪڏهن به اوکي ڏسڻ نه ڏج." پوءِ رامچندر کي چيائين ته "سڀ مون نيڪ نه ڪيو هو. سگهو، پنهنجي ڪئي جو ڦل پوڳيم." ائين چوندي سندس پران پکي اُڏامي ويو!

ڪن ڏينهن بعد سگريو کي ڪشڪندا پريءَ جو راڄ تلڪ ڏنو ويو ۽ باليءَ جي پٽ انگد کي سندس يوراج (وليعهد) ڪيو ويو.

باب تيرهون - سيتا جي تلاش

(۱)

"هي پرورشڻ پهاڙ ڪهڙو نه من موهڻو آهي! ڇا آهن سندر غفائون ۽ ڇا آهي ساوڪ جو سينگار! پکين جون لاتيون دل لڀائينديون ۽ مرگن جا ڇال پڻ ڇڪينديون آهن"، شري رامچندر هڪ پٿر جي ڇپ تي ويٺي لڪشمڻ کي چيو. وري اُيو ساهه کڻندي چوڻ لڳو "پيارا لڪشمڻ! چوڌاري بسنت جي بهاري پيئي نظر اچي، مگر ايڏي آنند جي وچ ۾ به منهنجو من شانت ڪين آهي. سيتا ڪانسواءِ هيءَ سڀ سونهن ۽ سبزي مون لاءِ ڪنڊن جو ڪم ڏيئي رهي آهي."

شري رامچندر جي اکين مان وڇوڙي جي دک ۾ ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

لڪشمڻ چيو "هي شانت سروپ! هيءَ دک ڪرڻ

بنا ماڻي ڪين ڪائيندس. پوءِ نه هوندو ٻانس، نه وڄندي بنسري." ائين چئي هڪدم پاڻ تي تيرن جي ورڪا ڪرڻ لڳو. ٻاليءَ جي پيٽ ۾ سگريو گهڻو ضعيف هو. تيرن جي گهاون سان سگريو ماندو ٿيڻ لڳو.

وڻن جي اوٽ ۾ بيٺي هڪ پيءُ جي پٽن کي هيٺ لڙندو ڏسي، شري رامچندر دنيا جي مايا تي حيرت کائي رهيو هو. ٿوريءَ ساعت بعد ڏٺائين ته سگريو پوئتي هٽندو پيو وڃي. وڌيڪ ترسڻ واجب نه سمجهي، ڪشي اهڙو تير ڇوڙيائين جو سڌو وڃي ٻاليءَ جي سيني ۾ لڳو ۽ هو هڪدم غش کائي هيٺ ڪري پيو.

ٻالي حيران هو ته هي قهري تير الائي ڪنهن هنيو! ايتري ۾ رام وڏي اچي سندس اڳيان بيٺو. ٻاليءَ رنج مان چيو ته "مون توکي ڪهڙو ڏک ڏنو هو، جو تو مون کي ماريو ۽ سو به لڪي!"

شري رامچندر چيو ته "پاپيءَ کي ڪنهن به نموني سزا ڏيڻ ڪو پاپ ڪونهي. تو پاڻ کي حد کان وڌيڪ ستايو هو، جو تو لاءِ واجب ڪين هو. ڪتريءَ جو ڪم آهي ستايل جي سهائتا ڪري. هينئر توکي ارمان ڪرڻ نه گهرجي. هرڪو پنهنجي ڪئي جو ڪيتو لوڙي ٿو، هاڻي ڪجهه ايشور جو نالو وٺ، جو ئي آخر تنهنجو اُجهو آسرو آهي."

موت وقت انسان منجهي پيو ٿيو پوي ٿو. قهار ۾ قهار انسان به موم وانگر ٿي ورلاءُ ٿو ڪري. سو ٻاليءَ پاڻ کي

اُتو. پنهنجي مُون ۾ ئي مست ٿي ويا آهيو. ياد رکو ته اُن انجام شڪنيءَ جو نتيجو چڱو ڪين نڪرندو ۽ جنهن تير باليءَ جو ڪم تمام ڪيو سو ساڳيو توهانکي به نهوڙي نيندو."

هنومان جا اهي دکه ۽ جوش ڀريا وچن ٻڌي سگريو ڏڪندي چوڻ لڳو "پريتم! تنهنجي ڳالهه بلڪل ٺيڪ آهي. سکن ۾ پنهنجي فرض ادائيءَ کي مان وساري ويٺو آهيان. مگر جيڪي ٿيو سو ٿيو. وڌيڪ دير ڪرڻ نه کپي. هاڻي سڀني بانرن جي سردارن کي قاصد موڪليو ته پنهنجي سينائن سان پندرهن ڏينهن اندر اچي حاضر ٿين." سگريو جي نياپي تي سڀيئي سردار اڪيچار لشڪر وٺي اچي ڪشڪنداپريءَ ۾ وارد ٿيا.

(٣)

ڪشڪنداپريءَ ۾ سينائن ۾ ڀڄ ڊوڙ ۽ هاهاڪار مچي ويو. ٻيجسوي لڪشمڻ ڌنش تي تير چاڙهي پڪاري رهيو هو ته "مان ساريءَ پريءَ کي ناس ڪندس."

انگد، سندس ماتا تارا ۽ هنومان ڊوڙندا آيا ۽ لڪشمڻ کي نمسڪار ڪري مٺن وچنن سان سندس جوش شانت ڪري سگريو وٽ وٺي ويا. سگريو سندس گهڻو آدر سنڪار ڪيو ۽ چوڻ لڳو ته "مايا جو مد ڏاڍو برو آهي. مون کان وڏي خطا ٿي آهي. مون کي معاف ڪريو. آءٌ اوهانجو داس اوهانجي شيوا لاءِ حاضر آهيان ۽ هيءَ ساري سينا اوهان جي آگيا مڃڻ لاءِ تيار آهي."

اوهان لاءِ واجب ڪين آهي . ڪوشش ڪرڻ ئي روا آهي . دک سک نہ هر ڪنهن کي ڀسڻو پوي ٿو پر اهو ڌيرج سان ڀوڳڻ ئي بهتر آهي ."

" برابر ڌيرج ڪانسواءِ من جي ڪامنا پوري ڪانہ ٿي ٿئي پر پريم هڪ عجيب ڳالهہ آهي ، جنهن ۾ ڌيرج مشڪل ٿو رهي . پريم ۾ ماڻهو ڏکن جي ڏونگرن کي بہ ڪجهہ ڪين سمجهي پنهنجي پياري وستوءَ کي پائي ٿو ." ائين چئي شري رامچندر گهڙي ساعت شانت ٿي ويو، مگر جلد ئي باهہ وسائيندڙ لفظن ۾ چوڻ لڳو تہ " سگريو پنهنجو مطلب پورو ڪري وڃي موجن ۾ غلطان ٿيو . ان کي مان پورو پورو مزو چکائيندس . جنهن بالڻ سان باليءَ جو ڪم پورو ڪيم، تنهن سان ئي سندس بہ انت آڻيندس، جو پنهنجي وچن کي وساري ويٺو آهي ."

شري رامچندر کي ڪروڌ ۽ دک ۾ ڏسي لڪشمڻ ڪشڪنڌاپريءَ ڏانهن سگريو وٽ وڃڻ لاءِ اُٿيو . اُلٽي شري رامچندر جو جوش ڍرو ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ " پيارا لڪشمڻ! سگريو منهنجو مٽر آهي . اِنڪري ڪيس مارڻ چڱو ڪين آهي، جيتوڻيڪ هو وچن ڀنگ ڪري رهيو آهي . منهنجو ويچار آهي تہ تون ڪيس وچن ياد ڏياري ۽ ڪجهہ ڏمڪائي مون وٽ وٺي اچ ."

(۲)

" راجن ! اوهان پنهنجي پرن جي ڳالهہ وساري ويٺا آهيو . ماتا جانڪيءَ جي ڳولها جو جتن پٺيءَ ڪين ڪيو

اهو ڪم پورو ڪري سگهندين، اهو مونکي وشواس آهي" گلي سان لڳائيندي، آسيس ڏيئي شري رامچندر کيس روانو ڪيو.

(٤)

دکن ديش ڏانهن ويندڙ سيپئي بانر ڪيترا ڏينهن راڪس ماريندا، جهنگل ۾ ڏونگر ڏوريندا هڪ پيانڪ بن ۾ اچي وارد ٿيا.

"هنومان! اسانجي زبان ئي سڪي ويئي آهي. ڪرپا ڪري ڪنهن اوچي وڻ تي چڙهي ڏس ته ڪو چشمو هجي ته پاڻي پي پياس بجهايون". سڀني بانرن جي واتان اها پڪار نڪرڻ لڳي. هنومان يڪدم وڻ تي چڙهي هڪ تلاءَ جو پتو لڳايو. سڀ هڪدم اُتي ويا ۽ ٿڌو جل پي ۽ ڦل کائي پنهنجي دل جي ماندگي دور ڪيائون.

"پائرو! مهني جو مدو جانڻ ختم ٿيو. اچا ته اِها به پڪيءَ طرح خبر پئجي ڪين سگهي آهي ته سيتا کي ڪيرڪٽي ويو آهي". انگد انتظاريءَ مان چيو. سندس ساٿي بانرن کي به اها ڳالهه ٻڌي گهڻو خيال ٿيو.

اُتي اوچتو ٻي آفت اچي ڪڙڪي. جٽايوءَ جو ڀاءُ سمپاتي پنهنجي غفا مان ٻاهر نڪري آيو. سندس پيانڪ شڪل ڏسي سڀ ٻچي ويا ۽ ڪيترا ته ڀڄڻ لڳا. مگر انگد هنکي سچائندو هو تنهن ڊپ لٿاڳي وڌي کيس ٻڌايو ته جٽن تنهنجي ڀاءُ جٽايوءَ شري رامچندر جي

سگريو جا مٺا وچن ٻڌي لڪشمڻ سگريوءَ کي ڳٽي چاتيءَ سان لڳايو ۽ هو وري ڪيرڪنڌ تي ويا. ترت ئي لڪشمڻ سگريو سميت اچي شري رامچندر جي شيوا ۾ حاضر ٿيو. سگريو اکين ۾ ڳوڙها آڻي شري رامچندر جي چرنن تي ڪري پيو.

” مترو! تون مونکي پياري پرت جهڙو لڳي پيارو آهين، ان ڪري ڪوبه اُلڪو ڪين ڪر. مگر اي بانرن جا راجا! اهڙو ڪو اُپاءُ ڪر جو جانڪيءَ جو ترت ئي پتو ملي!“ سگريو کي چاتيءَ سان لڳائي شري رامچندر چيو.

” اي ويرو! مون کي وشواس آهي ته جيڪڏهن اوهين ڪنا تي پرٿويءَ کي جيتڻ گهرو ته اُنجي جيتڻ ۾ ويرم ڪين لڳندو. ڏسو، اوهين ڳڏجي دکن ديش ۾ ته وڃو ۽ شري رامچندر جي دک نوارڻ لاءِ هن مهني اندر سيتا ماتا جو ضرور پتو ڪڍي اچو.“سگريو پنهنجي سردارن هنومان، نيل، نل، انگد، جامونت ۽ ٻين کي ڪوٺي پارت ڪري چيو؛ جي هڪدم آگيا جي پالنا لاءِ تيار ٿي ويا.

” هي پوَن پتر! مان توکي هيءَ منڊي ڏيان ٿو ته وڃي جانڪيءَ کي نشانيءَ طور ڏج ۽ ڪيس چئج ته ڪو اُلڪو نه ڪري. آءٌ ترت ئي سيتا سان اچي سندس بند خلاص ڪندس. ڪيس سچو ورتانت ٻڌائج.“ شري رامچندر هنومان کي پاڻ وٽ ڪوٺي چيو. ” تون ئي

راڪسن جو ڀوو بيٺل هو. هنومان اُنهن کان اک ٻچائي اندر وڃڻ لڳو ته لنڪا ناليءَ راڪسڻ کيس ڏسي ورتو، سا کيس روڪ ڪرڻ لاءِ هڪدم اُٿس ڪاهي آئي. هنومان به کيس هڪ مڪ ساڻ ڀر پريءَ ڀڄائي ڇڏيو ۽ رات جي وقت جو وجهه وٺي، سڄي شهر جو چڪر ڏنائين. هڪ محلات ۾ پرماتما جو نالو ڳائيندو ٻڌي اندر گهڙي ويو.

”منهنجا وڏا ڀاڳ ڇٽا، جو هن اڻانگي وقت اوهان مون نيچ وٽ پڌاريا آهيو. ڪرپا ڪري ٻڌايو ته اوهين ڪير آهيو ۽ هتي اوهان جو ڪئن اچڻ ٿيو آهي؟“ ويڀيشڻ راوڻ جي ننڍي ڀاءُ هنومان کي براهمڻ کي ويس ۾ ڏسي چيو.

”هي راڪسن ۾ پرهلاد سمان! مان شري رامچندر جو سيوڪ آهيان ۽ ماتا سيتا جي ڳولا ۾ هتي آيو آهيان. ڪرپا ڪري اُن جي ڪا سڌ ڏيو.“ هنومان ويڀيشڻ کي چيو.

پنجئي آڱريون هڪ جهڙيون ڪين ٿيون ٿين، سڄڻ پيتان وڍيا ۽ وڍين پيتان سڄا ٿين ٿا. ويڀيشڻ راوڻ جو ڀاءُ هو پر ايشور ڀڳت هو ۽ هن کي پنهنجي ڀاءُ جو پرائيءَ استريءَ کي زوريءَ کڻي اچڻ جو ڪم پسند ڪين هو، تنهن هنومان کي سڄو حال ٻڌايو ۽ اُن جي ڏس پٽي تي هنومان اشوڪ واٽڪا، جا هڪ بلڪل ڳجهي هنڌ تي هئي، تنهن ۾ پهتو.

شيوا ڪندي سر ڏنو هو، تڏهن اسين به اُن جي ئي آڳيا سان ماتا سيتا جي ڳولها ۾ نڪتا آهيون".

" بانرو! اوهين ڏجو نه. اوهين هنوقت منهنجا پريتم آهيو. مان به اوهان کي جيڪر سيتا ماتا جي ڳولها ۾ مدد ڪريان، مگر مان بلڪل ٻڍو ٿي ويو آهيان. باقي اوهان کي ٻڌايان ٿو ته هن پر واري سمنڊ جي پريان هڪُ **ترڪوٽ** پهاڙ آهي. اُن تي **لنڪاپوري** اٿو. اُتي راجا راوڻ راج ڪري ٿو. اُتي جي اشوڪ واٽڪا ۾ سيتا ڪنهن وڻ هيٺان رهي ٿي. اهو سمنڊ چار سؤ ڪوهه آهي. اوهان مان جيڪو سمرٿي ساري سو لنڪا ۾ وڃي، سندس پتو لهي اچي." سمپاتيءَ بانر لوڪن کي چيو.

سڀني بانرن پنهنجي پنهنجي طاقت جو بيان ڪيو، آخر سڀني جو اِهو رايو بيٺو ته هنومان ئي اهو ڪم ڪري سگهندو.

" مان بيشڪ اهو ڪم پُورو ڪري سگهندس. ماتا سيتا جي سڌ لهي اچڻ کهڙي وڏي ڳالهه آهي، آڳيا ڪريو ته خود اڪيلي سر راوڻ کي به ماري سيتا ماتا کي اچي حاضر ڪريان." هنومان، جامونت ۽ ٻين ساٿين کي ائين چيو ۽ سڀني کي پنهنجي موٽي اچڻ تائين ترسڻ واسطي چئي آڪاس مارگ رستي روانو ٿيو. واٽ تي **سيناڪ پربت** آيو ته اُتي به ترسي آرام ڪين ڪيائين ۽ وڃي پار پهتو. يڪدم پهاڙ تي چڙهي ويو ۽ لنڪا جو سارو نگر پنهنجي نظر مان ڪڍيائين. شهر جي چؤڌاري

”هي پاپي! توکي شرم نه ٿو اچي جو پاڻ کي بهادر چوائيندي به پرائي استري چوريءَ ڪٺي آيو آهين؟ هي نيچ، دشت راڪس! منهنجي اکين کان هٽي وڃ. ڪئين دفعا چئي چڪي آهيان ته جيڪڏهن سج اوڀر بدران اولهه کان اڀرڻ لڳي، ڪٺي باهه پنهنجي گرمي ڏيڻ ۽ جلائڻ ڇڏي به ڏئي، هماليه جبل به پنهنجي جاءِ تان هٽي وڃي زمين ۽ آسمان هڪبئي جون جايون بدلائي ڇڏين؛ مگر اي ظالم! ياد رکج ته سيتا جهڙي ستي ناري ڪڏهن به پنهنجي پتورت ڌرم جو تياڳ ڪين ڪري ڪين ڪندي.“ سيتا ماتا بلڪل دک، ڌڪار ۽ جوش وچان اهي لفظ راوڻ کي چيا مگر اک کٺي راوڻ ڏانهن ڪين نهاريائين.

”اي اياڻي عورت! تون منهنجي هيتري پيار جو ڪو به قدر ڪين ٿي ڪرين؟ تون هيڏيءَ راڄڌانيءَ جي مهاراڻي بڻجڻ ۽ اڪيچار سکن جو ويچار به ڪين ٿي ڪرين ۽ اجايون اميدون ٻڌيو رکين ٿي، رام اچي توکي مون وٽان آزاد ڪندو! پر ياد رکج ته رام جو هتي پهچڻ به محال آهي. پنهنجي زندگي ۽ جواني ڇو اجائي ٿي تباهه ڪرين؟ ڪجهه ويچاهه، اي هٺيلي ناري!“ راوڻ ڌمڪيءَ سان چيو.

”اڙي نيچ! وڌيڪ بڪواد بند ڪر. ڇا لنڪا ۾ ڪو به اهڙو ڀلو مانس ڪونهي، جو توکي هن تباهيءَ کان بچائي ۽ بديءَ جي راهه کان باز آڻي؟ جو پرائيءَ زال ۾

باب چوڏهون - اشوڪ واٽڪا

(١)

لڪل آستان هو، مگر سرس سندر هو. قسمين قسمين وڻ ٽڻ بيٺل هئا. گلن ڦلن جي ڇوڏاري جهرمر لڳي پيئي هئي. باغ جنهن ڪاريگريءَ سان لڳل هو، تنهنجي ڪهڙي ساراهه ڪجي! جهڙو نالو هوس ”اشوڪ واٽڪا“ تهڙيون ئي ان مان سڪون تي لئيون. هنومان لڪندو ڇپندو اُتي پهتو. ڇا ڏسي ته هڪ سندر ناري وڻ هيٺان ويٺي هئي، جنهنجو سريرُ گهري هڏن جو پڃرو تي ويو هو. وار ونجي جٽائون تي ويا هئس. سندس چوڌاري ڪيتريون بدشڪل ڙالون ننگيون تلوارون کڻي پهرو ڏيئي رهيون هيون. هنومان انهيءَ پهري هيٺ اونهي ويچار ۾ مدو تيل ديويءَ کي ڏسي، سمجهي ويو ته اِهائي ماتا سيتا هوندي؛ ويچار ڪرڻ لڳو ته ڪيئن سندس اڳيان وڃي حاضر ٿيان ته انهيءَ اٿانگيءَ ويل هڪ لنبي قد، ڊگهين ٻانهن، وڏين اکين وارو زبردست آدمي ڏسي، لکي ويهي ڪارروائي ڏسڻ واجب ڄاتائين؛ وڻ تي چڙهي وڃي ويٺو.

”هي سندري! منهنجو چيو کڻي مڃ. مان توسان انجام ٿو ڪريان ته توکي پٽراڻي ڪندس؛ مندوردي ۽ ٻيون راڻيون تنهنجون داسيون ٿي تنهنجي شيوا ڪنديون رهنديون.“ اِهو شرط راوڻ ماتا جانڪيءَ کي ائين چيو.

مهاراجا راوڻ، جنهن دنيا کي ڪنبائي پنهنجي وس ۾
ڪري ڇڏيو آهي، تنهنجو چوڻ چوڻ نه ٿي مڃين. هي
سونهن جي ديوي! تون هيڪر مهاراجا جو چوڻ قبوليندين،
ته سدائين سکن جي هنڊورن ۾ پيئي لڏنديئن. سياڻي
سيتا، ڪجهه سوچ ڪر." هڪ پهريدار داسيءَ سيتا کي
چيو، مگر سيتا ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڏانهس نهاريو به ڪين.
"مون هڪ سپنو لڌو آهي ته شري رامچندر وڏيءَ
سينا سان لنڪا ۾ ڪاهي آيو آهي. راوڻ ماريو ويو آهي
۽ سيتا وري پنهنجي پتيءَ سان ملي آهي. ان ڪري
مان واجب ٿي ڄاڻان ته اسين سيتا کي ستايون نه. نه ته
اسان کي به اوس ئي ناس ٿيڻو پوندو." ترجٽا نالي
پهريدار داسيءَ ٻين پنهنجين سهيلين کي چيو، جو ٻڌي
هراس وچان سڀ داسيون ماٺ ڪري وڃي ليٽي پيئون.
"هي ماتا ترجٽا! تون ڏنيه آهين جو وس آهر مون
کي ڪو به ڏک پهچڻ نه ڏنو اٿيئي مگر مون کي پريو
رامچندر جو وڇوڙو وڌيڪ سهڻ نٿو ٿئي. هاڻي مونکي
ڪا چڻنگ آڻي ڏي ته باهه کي ساڙي رک ڪري
ڇڏيان." سيتا دردي آواز ۾ چيو.
"مورک نه ٿيءُ سيتا! ڌيرج ڌر. صبر جو نتيجو
سنو نڪرندو آهي. اجايو چنتائن ۾ چو باهه جلائي رهي
آهين؟ باقي ٻڌيو ڇا اٿيئي، جو باهه جلائينديئن؟ پڪ
سمجهه ته پريو جاڻ آيو ۽ راوڻ کي ماري، توکي هن بند
۽ ڏکن مان ڇڏائيندو ۽ تون وري سکن جي هنڊورن ۾

بدنيت رکي ته تنهنجي اوس ئي تباهي اچڻي آهي. هاڻي به ڳوڙهه ڇپائن شڪارين جا در نه ڳولهه ۽ شري رامچندر جي شرن ۾ وڃي ڪانئس معافي وٺ ۽ مونکي اتي پهچائي اچ. هو دليا جو ساگر آهي، توکي اوس ئي معاف ڪندو. نه ته ياد رکج ته تنهنجي ڪل سميت ناس ٿيڻ ۾ ڪا دير ڪانه آهي." سيتا گرجندي چيو.

ههڙا بي عزتيءَ جهڙا لفظ ٻڌي راوڻ تپي لعل ٿي ويو ۽ ڪڙڪو ڪري چوڻ لڳو ته "اي سوپيا کي ڪلنڪ لڳائيندڙ سيتا! تو جيڪا هينئر منهنجي بي عزتي ڪئي آهي، تنهنجو جيڪر هڪ ڪن ۾ توکان بدلو وٺان ۽ تلوار جي هڪ وار سان تنهنجو ڪم تمام ڪري ڇڏيان پر ائين ڪرڻ سان منهنجون سڀ اميدون ڇٽ ٿي وينديون. ان ڪري توکي هي پويون وجهه ٿو ڏيان ته وري به ويچار ڪر، مگر ياد رکج ته هڪ مهني کان وڌيڪ مان انتظار ڪري ڪين سگهندس. ان کان پوءِ توکي راوڻ جي راڻي ٿيڻي سندس گود ۾ ويهڻو پوندو يا هن تکيءَ تلوار جو شڪار ٿيڻو پوندو."

"اوهان کي کپي ته هن بي سمجهه عورت کي هر قسم جي سختي ۽ ڏڀ ڏيئي منهنجي هٿ تان لاهيو." خارن وچان راوڻ پهريدار داسين کي چولدو، محلات ڏانهن هليو ويو.

(۲)

"مهاراڻي سيتا! تون سمجهو آهين. اجايو نادان ٿيڻي

مٿان اُڇلائي مون کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏ. اي اشوڪ واٽڪا! تون ته پنهنجي نالي کي نه لڄاءِ. جلد ڪري مون کي هن شوڪ (دک) کان ڇڏاءِ.“ ماتا سيتا ترجٽا جي وڃڻ بعد بلڪل دکي ٿي ورلاپ ڪرڻ لڳي.

هنومان کان هاڻي ماتا جو دکه وڌيڪ سٺو ڪين ٿيو، سو وڻ تان شري رامچندر جي نشانيءَ طور ڏنل منڊي ڪٽي سيتا جي اڳيان اُڇلايائين. سيتا جي نظر ان منڊيءَ تي پيئي ۽ رات جي ويڙهي ۾ ان کي ٽانڊو سمجهي، اُن جي ڪٽڻ لاءِ اٿي وڌي. سمجهيائين ته ڀڳوان ڪرپا ڪري مون لاءِ ٽانڊو ڦٽو ڪيو آهي.

”هي ڇا! هيءَ ته منهنجي پران آڌار جي منڊي آهي.“ ٽانڊي جي ارادي سان کنيل منڊيءَ تي شري رامچندر جو نالو ڏسي ماتا سيتا چيو. هوءَ منڊي اکين تي رکي، پريم جا ڳوڙها وهائيندي وري چوڻ لڳي، ”هيءَ منڊي هتي آندي ڪنهن؟“ ڪنهن پريوءَ سان دوه نه ڪونه ڪيو آهي؟“ ائين پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي، اکين مان اجهل آب وهائيندي رهي.

”اي منڊي آڻيندڙ پريوءَ جا پيارا! توکي تنهنجي مالڪ جو قسم آهي، مهرباني ڪري نڪري نروار ٿيءُ.“ سيتا جي انهن لفظن ٻڌندي ئي، هنومان وڻ تان لهي اچي سندس اڳيان بيٺو ۽ سندس چرنن تي ڪري پيو.

”ماتا! مان ڀڳوان رامچندر جو قاصد هنومان آهيان. اوهان جي ئي ڳولها لاءِ نڪتو هوس ۽ اِها منڊي مون

لڏ ندين۔ هي سخنيون ته تنهنجي ڌرم جي پرکيا لاءِ آهن، اهيئي تنهنجو نالو هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏينديون.“ ترجنا اُپديش پريل لفظن ۾ چيو.

”پياري ترجنا! تنهنجو چوڻ ٺيڪ آهي پر سوامي جن جي وڇوڙي ۾ هڪ پل به مون لاءِ سال سمان آهي؛ دشت راوڻ جا وچن ته مون کي وري وري جلائي رهيا آهن. انهن جي ٻڌڻ کان مان هڪدم باهه ۾ سڙي مرڻ بهتر ٿي ڄاڻان.“ اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي سيتا چيو.

”هن اڌ رات جي وقت ڪاٺ ڪٿان ايندو؟ تنهن سواءِ تنهنجي رکيا لاءِ راوڻ اهڙو بندوبست رکيو آهي جو تون ڪنهن به ريت پاڻ کي ماري نه سگهين. جيڪڏهن تنهنجو وار به ونگو ٿيو ته اسان سڀني داسين جي جان سلامت ڪين رهندي.“ ائين چوندي ترجنا به پنهنجي گهر هلي وئي.

(۳)

”هي پريو! منهنجي قسمت کهڙي نه کوٽي آهي جو پاڻ جلائي مارڻ لاءِ باهه جي چڻنگ به هٿ نٿي اچيم. اي آسمان! تو ۾ اڳڻي روپ تارا موجود آهن، تن مان هڪڙو ڪٽي منهن جي مٿان اچل ته من ائين مري وڃان. اي بجلي! تون گم ٿي وئي آهين ڪيئن؟ ڇو نه ٿي هن پگل ٽنل پتلي کي جلائي ختم ڪرين؟ اي چندرما! تو ۾ ته سڀ کان ملپل اڳڻي موجود هوندي، اها مون

"ماتا! مونکي دشمن جو ذرو به ڊپ ڪونه آهي. مان جيڪڏهن چاهيان ته اڪيلي سر راوڻ ۽ انجي لنڪا کي تباهه ڪري سگهان ٿو ۽ اوهانکي پاڻ سان وٺي هلي سگهان ٿو پر مونکي فقط اِها آگيا ٿيل آهي ته اوهانجو پتو لهي اچان. انڪري هاڻي وڃان ٿو." ائين چئي ماتا کي نمسڪار ڪري هنومان اتان موٽيو. ماتا کيس پنهنجو ڪنگڻ شري رامچندر کي نشانيءَ طور ڏيڻ لاءِ ڏنو.

باب پندرهون- هنومان جي همت

(١)

راوڻ لنڪا جو راجا هو. هن ڪيئين راجائون جيتي پنهنجي قبضي ڪيا هئا. سندس طاقت جو ڌاڪو دور دور ديشن ۾ وڄل هو. ودوان به هڪ ئي هو. چئن ويدن ۽ ڇهن شاسترن جو ڄاڻو هو، انڪري "ڏهه سرو" يعني ڏهن وديائن يا دماغن وارو سڏيو ويندو هو. ايشور ڀڪتي ۽ برهمچريه پالن ڪري ايڏو درجو حاصل ڪيو هواءِ. مگر اُنس اَيمان ۽ ڪام جو انڌ سوار هوا. ماتا سيتا کي راضي ڪري پنهنجي پٽ راڻي بڻائڻ جي ڳڻتيءَ کيس اچي گهيريو هو. رات ڏينهن اهائي تمنا ۽ تات هئس ته سيتا ڪيئن راضي ٿئي. اڄ به رات جو ماتا سيتا وٽان نراس ٿي واپس ورڻ ڪري، راوڻ سوير صبوح جو ڳڻتين ۾ ويٺو هو ته اشوڪ واٽڪا جي رکپال اچي داهون ڏني- "مهاراجا! اشوڪ واٽڪا اُجڙ ٿي رهي آهي. هڪ

ڪي شري رامچندر کان اوهان لاءِ نشانيءَ طور ملي هئي. ايشور جي ديا آهي جو اُهو ڪم اڄ پورو ٿيو آهي." هنومان بلڪل مڌر ٿي چرنن ۾ ڇيو.

"پٽ هنومان! ڌن آهين تون ۽ تنهنجا ماتا پتا. منهن جي توکي آسيس آهي ته تون اڃا به وڌيڪ وير ۽ ڀڳت ٿين ۽ تنهنجي ساراهه جڳت ۾ سدائين قائم رهي. پر پٽ! ٻڌائينم ته سهين ته سوامي جن ڪيئن آهن ۽ ڪڏهن اچي هن داسيءَ کي هن بند مان آزاد ڪندا. دشٽ راوڻ مونکي ڏاڍو ستايو آهي." سيتا جنهنجي دل تي ڪجهه ٿار پيو هو، تنهن هنومان کان پڇيو.

"ماتا! توهان ڪو به خيال نه ڪريو. شري رامچندر اڄهو منهنجي موٽڻ تي ڪشڪنداپريءَ جي راجا سگريو جي شاهي سينا سميت لنڪا تي ڪاهي ايندو ۽ اوهان جي دکن جي پڄاڻي ايندي. مون ظالم راوڻ جي سموري هلت ڏٺي ۽ هليل وارتالاپ وڻ تي لڪي ٻڌو آهي. اوهان جو دک هاڻي مونکان سٺو نٿو ٿئي. مان پريو جن کي ترت اچڻ لاءِ وڃي وينتي ڪندس. اوهين ڪو به خيال ڪين ڪريو. هاڻي مونکي آڱيا ڏيو ته هتان باغ مان ڪجهه ميوا پٽي کان، جو بک ڏاڍو تنگ ڪيو اٿم."

هنومان جا اِهي لفظ ٻڌي سيتا چوڻ لڳي "پٽ! مان توکي روڪ ته ڪانه ٿي ڪريان مگر باغ جا راکا ڏاڍا بلوان آهن، اُهي متان توکي ڏسي وٺن ۽ دک رسائين."

لڳو. ٻن بهادرن جي وچ ۾ ڀيري جنگ لڳي. ميگهناد پيو ڪو وسيلو نه ڏسي ٻانر کي ڪٺي "برهم پاش" ۾ جڪڙيو. ٻانر اهو توڙي سگهيو ٿي مگر چيائين ته راج دربار ۾ هلي پنهنجي همت ڏيکارجي. سو مات ڪري ويٺي رهيو ۽ ميگهناد کيس گرفتار ڪري گڏ گڏ ٿيندو پيئي ڏانهن وريو.

(٣)

شاهي دربار لڳل هئي. ڪيترا سردار هٿ جوڙي شهنشاهه راوڻ جي حاضريءَ ۾ بيٺا هئا. راوڻ هڪ سندر سنگهاسن تي ويٺو هو. سامهون ميگهناد ٻانر کي وٺي اچي حاضر ٿيو.

"اي مورک ٻانر! ٻڌاءِ ته تون ڪير آهين؟ اشوڪ واٽڪا ۾ اچي ڇو باغيچو اجڙ ڪيو اٿيئي ۽ منهنجا ايترا ماڻهو ڇو ماري وڌا اٿيئي؟ ڇا توکي منهنجي خبر ڪانه آهي؟" راوڻ گجندڙ آواز ۾ پڇيو.

"جنهن مهاڀڄوان تو جهڙن جي ايمان لاهڻ لاءِ مهاراجا جنڪ جي ڪچهريءَ ۾ شنڪر جو ڏنل ڌنش ڀڳو هو، جنهن کر، دوکڻ، ٻاليءَ ۽ ٻين بهادرن کي به جم جا در ڏيکاريا، تنهن شري رامچندر جو مان هڪ دوت (قاصد) آهيان. مان ڪشڪندا پريءَ جي راجا سگريو جو هڪ سپاهي پوَن- پتر هنومان آهيان. مان باغ ۾ ان لاءِ اجڙ ڪري رهيو هوس ته توکي ڏيکاريان ته شري رامچندر جو مون جهڙو هڪ رواجي سپاهي به ڪيتري طاقت

بانر جاتيءَ جي آدميءَ باغيچي جا ڪئين وڻ زمين داخل ڪري ڇڏيا آهن. گل ڦل ٽوڙي ۽ ميوا کائي رهيو آهي. ڪنهن جي لٽو ٻڌي. باغ جي ڪيترن رکپالن کي ماري وڌو اٿس. ڪرپا ڪري اسانجي رکيا ڪريو."

راوڻ ٻڌي لعل ٿي ويو. اڪشڪمار پٽ جي آگيا ملڻ تي ويرن جي وڏي ڪٽڪ سان اشوڪ واٽڪا ڏانهن ڪاهي هليو.

(٢)

"مهاراج! اوهان جي پٽر اڪشڪمار ۽ سندس لشڪر کي نردئي بانر ماري وڌو آهي." سپاهيءَ ڊوڙندي سهڪندي رئندي راڄ دربار ۾ مهاراجا راوڻ کي اچي نمسڪار ڪري چيو.

"پٽ ميگهناد! تون تہ راجا اندر کي بہ جيتڻ وارو آهين. وڃي ان ظالم بانر کي "برهم پاش" سان ٻڌي وٺي اچ تہ کيس چوکي سزا ڏني وڃي." پٽ جي موت جي خبر ٻڌڻ تي دک ۾ ڀرجي اکين مان ڳوڙها وسائيندي مهاراجا راوڻ حڪم ڏنو.

"مهاراجن! جا آگيا" چئي مهابلي ڪمار ميگهناد، ڀاءُ جي موت جي دک ۾ سڙايل، بلڪل ڪروڌ ۾ ڀرجي سورهين جي سينا سنباهي هليو. اشوڪ واٽڪا ۾ پهچندي بلڪل مست ٻٽيل بهادر بانر ميگهناد کي سيني ۾ اهڙي تہ مڪ لڳائي ڪئي، جو ميگهناد بيهوش ٿي ڪري پيو. مگر سجاڳ ٿيڻ تي وري اُٿي هن سان وڙهڻ

همت ٻڌي ڇڏيو.

پڇيائين ته "راڻا! ٿيڪ ٿو سمجهين ته هو ياءَ کي سمجهائيندو رهندو ته شري رامچندر کي سيتا سونپي معافي وٺي اچي، تنهن هن وقت هنومان کي ڇڏائڻ واجب ڄاڻو."

راوڻ ڪجهه ويچار ڪرڻ بعد چيو ته "چڱو، هي بندر ٿو باندر جهڙو آهي. هن کي هڪ هٿراڏو پڇ ٻڌي، ان کي شام جو ٻاهر ڏيو ته هن کي پنهنجي ڪئي جو ڦل ملي."

(۴)

شام جو وقت هو، لنڪا جي وچ چوسول ۾ روشني ڪونڊيا اچي ڪنا ٿيا هئا. هيٺر راوڻ جا دوت هنومان کي هٿراڏو پڇ ٻڌي ٻاهر ڏيئي رهيا هئا. هنومان ٻـ سوچيو ته "راوڻ مولڪي باندر سو ڪونيو آهي ۽ مون سان هي جت ڪرڻ ٿو گهري مگر مان به جبري جت ٿو ڪريانس." راوڻ جي ماڻهن اچا ٻاهر مس ڏني ته هنومان به ڇلانگ ڏيئي پنهن جا همت آزاد ڪيا ۽ ان پڇ کي وٺي ڦيرايائين. ماڻهو ٻاهر لڳڻ جي ڊپ کان وٺي ڀڳا. وري هنومان ٽپڻ ۽ ٽپڻ جـو هو جل ڦناڪو، سو ويو هڪ ٻئي پنيان جايون ٽپندو ۽ انهن کي هٿراڏو پڇ سان جلائيندو. راوڻ جو محلات ۽ ٻيون ڪيتريون جايون جلائي وڃي سمنڊ ۾ ٽپو ڏنائين. ڪنهن کي به ڪيس پڪڙڻ جي همت ڪانه ٿي. هنومان به ٽيريءَ سان سمنڊ پـار

ڌاري تو. توکي پنهن جي طاقت جو نشو آهي. پر ڇا وساري ويٺو آهين ته اسان باندرن جي راجا ٻاليءَ تنهن جي ڪهڙي حالت ڪئي هئي ۽ راجا سهسر ٻاهوءَ سان جنگ ۾ تنهن جي ڪهڙي گتي ٿي هئي؟ هتي ٻه مان ان لاءِ گرفتار ٿي آيو آهيان ته توکي سهڻي صلاح ڏيان ته ايمان ڇڏي شري رامچندر کي سندس ڄوري ڪري آندل امانت موٽائي، ڪانئس هلي معافي وٺ."

هنومان جا هي سهڻا وچن ٻه راوڻ ڪان سنا نه ٿيا ۽ ڏلد ڪري ڇوڻ لڳو "اي ڪمذات، نيچ باندر! اهو اُپديش پاڻ وٽ رک. رام آهي ڪير؟ شايد موت ڪنڌ تي سوار اٿيئي جو هي پار ٿو هلين."

"شاسترن ۾ چيل آهي ته جنهن جي ناس ٿيڻ جو ويلو ويجهو ايندو آهي، تنهنجي سمجهه ناس ٿي ويندي آهي. سو تون جيڪي لفظ مون کي چئي رهيو آهين، سي پاڻ لاءِ ئي سمجهه. ياد رک ته تنهن جي ڪنڌ تي ڪال سوار آهي."

هنومان جا هي لفظ ٻڌي راوڻ ڪان وڌيڪ سنو نه ٿيو ۽ حڪم ڏناءِ ته "هنومان کي هڪدم قتل ڪيو وڃي."

"راجن! ڪنهن جي ٻه دوُت کي مارڻ ڌرم ۽ نيتيءَ جي برخلاف آهي. هن کي ٻي سزا ڀلي ڏيو باقي مارايو نه ۽ ايلچيءَ کي مارائڻ راجائن جي شان وٽان نه آهي. نه ته بدنامي ٿي پوندي." راوڻ جي ننڍي ڀاءُ ڀڀيشڻ

ڪجي، هوئي سڄو ڪم پورو ڪري آيو آهي." ڄاموَنت هٿ جوڙي سري رامچندر کي چيو.

"پيارا هنومان! ٻڌاءِ ته سهين ته سيتا ڪيئن هئي؟" شري رامچندر هنومان کي پيرن تان اُٿاري گلي لڳائيندي بلڪل اُتاولائيءَ مان پڇيو.

"هي ديو! ماتا سيتا جنهن جي زبان تي، جنهنجي من ۽ تن ۾ اوهان جو منو "رام نام" وسي رهيو آهي، سا ويچاري ڳري ڪمزا تي ويئي آهي ۽ اوهان جي وڇوڙي ۾ ڪن ڪسن ورهيه جيان جائي، ملڻ لاءِ ماندي ٿي رهي آهي. اوهان کي وار وار نمسڪار چيا اٿس ۽ هي ڪنگڻ اوهان لاءِ نشانيءَ طور ڏنو اٿس ۽ هٿ ٻڌي وينتي ڪئي اٿس ته مون داسيءَ کي متان وساريو. سوامي! راوڻ ڏاڍو ظالم آهي. سندس اشوڪ واٽڪا جي ڪوٺ ۾ ماتا ڏاڍين ڪشٽن ۾ آهي. دراچاري راوڻ کيس ڏاڍو ستائي رهيو آهي- ماتا سيتا مرڻ لاءِ تيار آهي، مگر هن ڏانهن اک کڻي به نٿي نهاري." پريم وچان اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي هنومان شري رامچندر کي ماتا سيتا جو حال ٻڌائڻ لڳو ۽ منڍ کان آخر تائين لنڪا ۾ وڃڻ، پيبيشڻ سان گڏجڻ، اشوڪ واٽڪا ۾ ماتا جي درشن ۽ گرفتاري ۽ لنڪا جلائڻ جو سربستو احوال ڪري ٻڌايائين.

شري رامچندر سربستو احوال ٻڌڻ بعد سگريوَ کي لنڪا تي چڙهائيءَ لاءِ چيو. سگريو چيو ته "فقط اوهان جي آگيا جي دير آهي." ۽ ائين چئي سينا کي حڪم

ڪري اچي پنهنجن ساٿين انگد ۽ ٻين سان گڏيو ۽ سيئي شري رام چندر کي حال ٻڌائڻ لاءِ هڪدم واپس وريا.

باب سورهون - پائرن ۾ پيهه

(ا)

سگريو جڏهن ويچار ڪري رهيو آهي ته مهنو اچي پوري تيڻ تي پهتو آهي ته اچا سندس موڪليل دوت ماتا سيتا جو ڪو پتو ڪو نه لهي آيا آهن، تڏهن شري رام چندر کي مدد ڪرڻ جو وچن ياد ڪري ڏاڍو چنتا ۾ پئجي ويو. اينتري ۾ ڪن بانرن ڊوڙي اچي جامونت، هنومان ۽ انگد وغيره جي اچڻ جي سڌ سڻايس. سگريو به انهن سان گڏجڻ ۽ پڇڻ بنان ئي سڌو شري رام چندر جي شيوا ۾ وڃي حاضر ٿيو، چاڪاڻ ته کيس پڪ هئي ته جامونت، انگد ۽ هنومان پارا منهنجا ساٿي ڪڏهن به ڪارج سڌ ڪرڻ بنان موٽڻ وارا ڪين آهن.

”هي سوامي! پرڀوءَ جي ڪرپا سان اوهان جو ڪم ڪامياب ٿيو آهي.“ سگريو اچا خوشيءَ وچان شري رام چندر کي اهي لفظ مس چيا ته جامونت وغيره بانرن اچي شري رامچندر، لڪشمڻ ۽ سگريو جي چرنن ۾ سر نمايو. شري رامچندر بلڪل انتظاريءَ مان پڇڻ لڳو ته ”سڀ خوش ته آهيو؟“

”سوامي! جن تي پرڀوءَ جي ڪرپا آهي، سي دک ڪيئن ٿيندا؟ رگهونندن! هنومان جي ڪهڙي ساراهه

لڻو آهي.“
”هي ٻهادرو! ٻڌايو ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ راوڻ درٻارين کان پڇيو.
وزيرن ڪلي وراڻيو ته ”ڪين شايد ڪٿيءَ ڪنيو آهي.“ اَتيڪايه ۽ ٻيا درٻاري ٻه ڏاڙون هڻي چوڻ لڳا ته ”اسان کي آگيا ڪريو ته هنن کي مزو چکايون.“
”پتا سمان پائو! پرائي ناريِ ماءُ سمان آهي. اُن کي پاڻ وٽ رکڻ نقصانڪارئي آهي. اوهان لاءِ واجب ته ائين آهي ته هينئر ٻه پنهنجي بري ڪم جو پڇتاءُ ڪريو ۽ سريِ رامچندر جي امانت واپس ڪريِ ڪانئس معافيِ وٺي اچو. ان ۾ ئي اوهان جو ۽ ڪل جو ڪلياڻ آهي.“ راوڻ کي سندس ننڍي ڀاءُ ڀيبشڻ هٿ جوڙي وينتي ڪئي.
”مهاراجن! ڀيبشڻ جا اِهي هتڪاري وچن بلڪل امرت سمان آهن.“ ماليونت نالي هڪ چتر وزير ڀيبشڻ جي پٺڀرائي ڪندي چيو.
”آهي ڪير جو هنن مورکن کي منهن جي درٻار مان ڪڍي ٻاهر ڪري، جي منهن جي سامهون منهنجي ويريءَ جي واکاڻ ڪري رهيا آهن.“ راوڻ بلڪل ڪروڌ مان چيو.
اهي وَچن ٻڌندي ئي ماليونت ته هڪدم درٻار ڇڏي گهر هليو ويو مگر ڀيبشڻ کان رهيو نه ٿيو، تنهن وري وينتي ڪئي ته ”دنيا ۾ مٺا وچن چوندڙ ۽

ڏنائين. هڪدم لنڪا ڏانهن لشڪر اُسهيو ۽ ٿوري ئي وقت اندر اچي سمنڊ جي ڪناري تي پهتو.

(٢)

”هڪڙي جهنگلي اِنسان ۾ ايتري طاقت ٿي سگهي ٿي جو سمنڊ پار ڪري هيڏي پهري هيٺ لنڪا ۾ گهڙي اچي، اشوڪ واٽڪا ۾ وڃي منهنجو باغ اُجڙ ڪري، منهنجي پٽ ۽ لشڪر کي ماري يا هڻن لنڪا کي باهه ڏيئي هليو وڃي!“ هنومان جي ڪمن جو خيال ڪندي راوڻ پنهنجي محلات ۾ ويچاري رهيو هو.

”منهنجا پران آڌار پتي ديوَ! ڏسو ته هڪڙي شري رامچندر جي دوُت لنڪا ۾ ڪيترو نه هراس پيدا ڪيو آهي ۽ لنڪا جو ڪهڙو نه برو حال ٿيو آهي! اچا جي شري رامچندر سان جنگ لڳي ته الائي ڇا ٿيندو؟ مون کي ته سڀني سڻا ڪين ٿا لڳن.“ راوڻ جي استري مدودريءَ هٿ ٻڌي ڪيس چيو.

”استري ذات هميشه ڏڄڻي ٿيندي آهي. ڇري مون ڪان خود ديوتائون ڪنبي رهيا آهن ته پوءِ اِهي مٺ جيترا آدمي ڇا ڪندا؟“ بلڪل ايمان مان راوڻ پنهنجي استريءَ کي اهي لفظ چئي وڏيڪ ساڻس ڳالهائڻ ڪانسواءِ ئي دربار ۾ هليو ويو.

”جئه لنڪا پتي!“ چوندي ڪي سپاهي راج دربار ۾ آيا ۽ نمسڪار ڪري چوڻ لڳا ته ”شري رامچندر جو شاهي لشڪر سمنڊ جي ڀرينءَ پر اچي

(۳)

ڏکڻ هندستان جي ڪناري تي لنڪا جي اورئين طرف سمنڊ لهرون ماري رهيو هو. سگريو جو اٿاهه لشڪر شري رامچندر ۽ لڪشمڻ سوڌو ڪناري تي لٿل هو. لنڪا طرفان هڪ راج ڪل جو آدمي ايندو ڏسي جاسوس ڊوڙي آچي، شري رامچندر کي حال سڻايو. لڪشمڻ هڪدم چيو "آگيا ڪريو ته مان ڪيس هينئر ئي هڪدم جم پوري ۽ پهچائي ڇڏيان."

"جاچ ۽ سوچ بنان ڪو به ڪم ڪرڻ واجب ڪين آهي. ڪيس اچڻ ڏيو." شري رامچندر فرمايو.

لنڪا رهواسي هڪدم شري رامچندر جو پيائي اچي سندس پيرن تي ڪريو ۽ وينتي ڪيائين ته "مان راوڻ جو ننڍو ڀاءُ ويڀيشڻ آهيان. مون پنهن جي ڀاءُ کي بري ڪم کان باز اچڻ لاءِ سمجهايو ته هن هٿائين مونکي ديش نيڪالي ڏني آهي. مان اوهان جي شرن ۾ آيو آهيان مونکي پنهنجو اچهو ڏيو."

"مهاراج! مثان سمجهو ته هي اسان جي فوج جو پيد لهڻ آيو آهي. لنڪا ۾ هيءُ ئي شريف ۽ نيڪ مرد آهي، جو راوڻ کي سمجهائيندو رهيو آهي ته سيتا واپس ڪري." هنومان ويڀيشڻ کي سڃاتو ۽ شري رامچندر کي هٿ ٻڌي ائين چوڻ لڳو.

شري رامچندر ويڀيشڻ کي اُٿاري گلي سان لاتو ۽ مٿي تي تلڪ ڏيئي چوڻ لڳس ته "توکي لنڪا جو راجا

جاپلوس گهڻيئي تين ٿا، مگر هتڪاري ڪوڙا لفظ چوڻ وارا ڪي ٿورا تيندا آهن. اوهين هن وقت ڪونہ سمجهہ جي وس ٿي دشمن ڪي دوست ۽ دوست ڪي دشمن سمجهي رهيا آهيو. انڪري ٿي مان وري بہ اوهانکي اها سهڻي صلاح ٿو ڏيان تہ ديس جا دشمن نہ تيو ۽ امانت موٽائي ڏيئي اچو."

هنن لفظن باهہ ۾ گيهہ پوڻ جو ڪم ڏنو. راوڻ جي اکين مان چڻڪ ٿلا ٿي نڪتا. چياءِ "ٻيبيشڻ! تون گيدي آهين. لڙائيءَ کان ڊڄين ٿو تہ وڃي گهر ۾ لڪي ويهہ. لنڪا پلي ناس ٿي وڃي، مگر مان ڊڄڻ وارو ڪين آهيان. تون شينهن جي گهر ۾ گدڙ پيدا ٿيو آهين. تنهنجو جيڪر هن وقت ٿي سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيان، مگر پنهنجو ڀاءُ ڄاڻي توتي ديا ڪري توکي جيئدان ٿو ڏيان. هاڻي هڪدم لنڪا مان نڪري وڃ."

راوڻ نہ فقط ڪروڌ وچان ڀاءُ کي اهڙيءَ طرح گهڻ وڌ ڳالهائڻ لڳو مگر سندس بي عزتي ڪري کيس دربار مان ڪڍڻ لڳو. ان هوندي بہ شانت سروپ ٻيبيشڻ آخر ۾ هٿ جوڙي چيو تہ "سوامي! اوهين ڌرم اڌرم جي هينئر پرک ڪري نٿا سگهو، پرائي استري چورائڻ ۽ ان ۾ بري نظر رکڻ جي ڦل جي اوهان کي هينئر سمک نٿي پوي، مگر ياد رکجو تہ پاپ آخر اوهان کي جلائي ڇڏيندو. چاڪاڻ تہ جتي ڌرم آهي اتي فتح ٿئي ٿي." ائين چوندو ٻيبيشڻ راج دربار ڇڏي هليو ويو.

ديش اندر دشمن ڪاهي آيو آهي، ان جو مقابلو ڪيئن ڪيو وڃي؟"

سيني پاسن کان آواز اچڻ لڳو ته "بي فڪر رهو، اسين ڪيس ڪن ۾ ناس ڪري ڇڏينداسون".

"ڪيڏيون نه ٻٽاڪون هڻي رهيا آهيو! هڪڙيئي هنومان سيني جا ڇهه ڇني ڇڏيا هئا، هرڪو ٿي پنهن جي پاڇي پر ڊنو، نگري اجڙ ٿي ويئي، تڏهن هئي ڪنهن کي همت جو ان جو مقابلو ڪري؟ شري رامچندر ۽ سندس سينا جو مقابلو ڪرڻ ڪا ڪچي ڳالهه ڪانه ٿي آهي. ان ڪري مناسب ته ائين آهي ته ماتا سيتا کي عزت سان ڏوليءَ ۾ چاڙهي وڃي سندس حوالي ڪري اچو، جنهن ۾ اوهان جو جس به ٿيندو ۽ ماڻهن ۾ ڪل جي رکيا به ٿيندي." هڪ ٻڍي وزير پرهست ناليءَ ادب مان اٿي چيو.

"تو جهڙو شير به گيدڙن جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. تون اسان هنسن ۾ ڪانءُ ٻڌيو آهين؟" راوڻ چيو.

"موت ويجهي هئڻ وقت جيئن بيمار کي ڪابه سٺي دوا ڪين وڻندي آهي، تئين توهانکي به منهنجي سهڻي صلاح خراب ٿي لڳي."

راوڻ پنهن جي سمجهو وزير پرهست جا اهي لفظ ٻڌا اڻ ٻڌا ڪري ڪچهريءَ مان اٿيو. هو جيتوڻيڪ رواجي ريت بي پرواهه هو ته به سندس اندر کي آرام ڪونه هو. هو محلات مان مدودريءَ کي ساڻ ڪري

تاڻيو وڃي ته. راوڻ کي ماري توکي ئي لنڪا سونپي ويندي.”

باب ارڙهون- ايلچيءَ سان آرڏائي

(١)

سڄي سينا سمنڊ تي پل ٻڌڻ کي لڳي ويئي. نل ۽ نيل سگريو جي انجنيرن پنهنجي ڪاريگريءَ جي جوهر ڏيکارڻ ۾ ڪين گهٽايو. ڪن ڏينهن اندر ئي هڪ مضبوط ۽ عاليشان پل ٻڌجي راس ٿي ويئي. شري رامچندر کي سڌ ڏني ويئي جو پل ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ آگيا ڪيائين ته پل تان پار هلڻ کان اڳ پرڀوءَ جو پوڄن، ڪيرتن ۽ سمرن ٿيڻ واجب آهي، ڇو ته هر ڪنهن ڪارج جي راس ڪرڻ وارو اهو ئي ناٿ آهي.

ان لاءِ اُتي ئي ڪيترا رشي مني گهرائي ايشور آراڌنا ڪئي ويئي ۽ ان جڳهه تي ”راميشور“ نالو رکيو ويو، جنهن کي اڄ به هندو هڪ وڏو تيرٿ آستان ڪري سمجهن ٿا.

ايشور پوڄا بعد شري رامچندر جي آگيا سان سارو لشڪر پل تان لنگهي پار پيو ۽ شري رامچندر کان موڪل وٺي سڄيءَ سينا لنڪا جي ٻاهران ٻيلن وڻن مان خوب ميوا پٽي کاڌا ۽ جيڪي راوڻ جا راکسا ڪين روڪڻ لڳا تن جا نڪ، چپ ڪپي ڀڄائڻ لڳا، جي روئندا راوڻ جي دربار ۾ دانهون ڪٽي ويا.

راوڻ راڄ دربار ۾ وزيرن کان پڇڻ لڳو ته ”بهادرو!

” نيچ! تون آهين ڪير جو منهن جي دوست جو پٽ تو چوائين؟“ راوڻ چِڙ ڪري چوڻ لڳو.

” مان ويسر بــاليءَ جو پٽ آهيان، انگد منهن جو نالو آهي.“

”اڙي تون بانر باليءَ جو پٽ آهين، جنهنکي مون ڪيترا دفع پنهن جي سيناپتيءَ ٻنجڻ لاءِ چيو هو. اي ڪل ڪلنڪ! تون ڄمنديئي ڇو نه مئين، جو پيءُ جي ناموس تو وڃائين.“

هي ٻڌي انگد کي بــاهه وٺي ويئي. ”مان ڪل ڪلنڪ آهيان ۽ تون ڪل جي سوڀيا! اها ڳالهه ڪهڙو انڌو ۽ ٻوڙو قبول ڪندو؟“

”توکي دوست سمجهي ڌرم ۽ نيتيءَ موجب ڇڏي ٿو ڏيان نه ته هڪدم ٻڪ جو سبب سيکاريانءِ.“ ائين راوڻ ڪروڌ مان چوڻ لڳو.

”ڌرم نه اوهان ۾ اهو آهي جو پرائي استري چورائي اچي بند ۾ رکي اٿو. نيتي نه اها رهي اٿو، جو شري رامچندر جي دوت جي رکيا ڪرڻ بدران ان کي پڇ ٻڌي باهه ڏياريو. واهه اوهان جو ڌرم ۽ نيتي!“

انگد راوڻ کي ڪيترو سمجهايو نه هٿ ڇڏي ڏي نه نه تون ۽ تنهنجو سڀو ڪل ناس ٿي ويندو، مگر راوڻ ڪين مڃيو ۽ ويو هٺائين وڌيڪ ڪروڌ ۾ پيو ۽ حڪم ڪياءِ نه ”متان هڪي ڇڏيندا آهيو.“

انتي انگد راوڻ جي هٿ پڪڙڻ لاءِ چيو نه ”پڌين

سندر پربت تي اڏيل عاليشان آکاڙي ۾ هليو ويو، جتي راڳ گاني، کائي پيئي ۽ عيش آرام سان دل کي وندرائڻ لڳو.

(٢)

صبح جو وقت هو. شري رامچندر جي ڇاوڻيءَ ۾ سڀا ڪوٺائي ويئي. شري رامچندر پڇيو ته "هاڻي ڇا ڪيو وڃي؟"

"سوامي! اوهين ته عقل جا ڀنڊار آهيو پر منهنجي سمجهه ۾ اچي ٿو ته راجنيتيءَ جي نيم موجب هيڪر ٺاهه لاءِ راوڻ وٽ ضرور عيوضي موڪلڻ گهرجي ۽ اهو ڪم انگد ئي پوريءَ ريت سرانجام ڪري سگهندو." جامونت هٿ جوڙي چيو.

سڀني انهيءَ رٿ جي پٺڀرائي ڪئي. شري رامچندر حاضرين جي صلاح موجب انگد کي آگيا ڪئي، جو هڪدم لنڪا ڏانهن اُسهيو. انگد جڏهن دربار ۾ پهتو، تڏهن سندس حشمت ۽ دهشت ڏسي سڀ درباري اُٿي بيٺا، جنهن تي راوڻ کي ڏاڍو غصو لڳو.

"مان شري رامچندر جو دوت آهيان. منهنجي پيءُ جي اوهان سان گهري دوستي هئي، انڪري اوهانجي ڀلي واسطي مان اوهان وٽ آيو آهيان. هاڻي به ويئي ڪانه آهي. ماتا کي عزت سان شري رامچندر کي پهچائي ڏيو ۽ کانئس معافي وٺو ته هو اوس ئي اوهان تي ديا ڪندو." انگد هٿ جوڙي چيو.

جي رکيا لاءِ لشڪر موڪليو. خوب جنگ لڳي ويئي. شري رامچندر جي سينا ڀڄرائين ڏينهن راوڻ جي لشڪر کي ٿوڙا ڇڏائي، جنهن ناد وڃائيندي موٽي ۽ وڃي تنبن ۾ آرامي ٿي.

(٢)

”تنهن جي اجائي هٺ سبب ڪيترو نه نقصان ٿي چڪو آهي. اڪيچار لشڪر مارجي ويو آهي. هاڻي به ڪجهه ويچار ڪر.“ سوير صبوح جو راج دربار ۾ راوڻ کي سندس ڀڏو ناڻو مالهوونت چوڻ لڳو.

اڳئين ڏينهن جي هار تيڻ ۽ گهڻي لشڪر مارجي وڃڻ ڪري راوڻ ڏاڍي دک ۽ سوچ ۾ هو، سو ناني جا هي لفظ ٻڌي باهه ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته ”اي نيچ! تنهنجي ڪا مت ماري آهي. ٽري وڃ منهنجي منهن کان، نه ته هينئر جو هينئر ئي لوڪ ڀڄائي ڇڏيندو سانءِ.“

”بابا! اڄ مان تو جنگ ۾ وڃان ۽ انهن ٽپسوين کي ضرور پوپٽيون پڙهائيندس.“ ائين چئي ميگهناد پيءُ کي آٿت ڏيئي، ناني جي ڳالهه کان ڌيان هٽائي ڇڏيو.

شري رامچندر جي سينا جو تڪ رات جو ننڊرا ديوي ڇورائي چڪي هئي. هينئر بانر سينا بيٺي ٻل ۽ اُتساه سان وري شينهن جهڙي گجگوڙ ڪندي لنڪا ڏي ڪاهي پيئي. ميگهناد به ڪال جو روپ ڌاري آيو هو، سو شري رامچندر، لڪشمڻ، هنومان، انگد، نل، نيل، جاموونت ۽ ٻين جا نالا وٺي للڪارون ڪرڻ لڳو ۽ بانر

ڇاتي تو؟ آهي ڪو تنهن جي درٻار ۾ جو فقط منهنجو پير چوري سگهي؟ جيڪڏهن ڪو به ائين ڪري سگهيو ته لڙائي ڪانه ٿيندي ۽ سيتا ماتا ورڻ ڪانسواءِ ئي اسين موٽي ويندا سين."

هي ٻڌي انگد جي پير هٽائڻ لاءِ واري سان ميگهناد ۽ ٻيا ڪيترا ڪوشش ڪرڻ لڳا پر ڪو به ڪامياب ڪين ٿيو. تڏهن خود راوڻ اٿيو جنهن تي انگد چيس ته "مونکي پيري پوڻ مان توکي ڇا نصيب ٿيندو؟ پر پڙ ۽ جي چرڻن کي ڇهه ته ڪو نيتارو ٿئيئي." ائين چئي انگد پير ڪٽي پري ڪيو. راوڻ شرم ۾ ٻڏي وڃي تخت تي وينو.

انگد ڏٺو ته هتي کهڙي به ستي سکيا اوندڙي دلي تي پاٽيءَ وجهڻ برابر ٿيندي، سو موٽي شري رامچندر وٽ آيو.

هيڏانهن راوڻ به مايوس من سان محلات ۾ ويو، جتي مدودري کيس وري وري سمجهائڻ لڳي مگر اُن جو اثر راوڻ تي ڪتي تي ٿيو.

باب اُٺويهون - جبري جنگ

(١)

انگد جي واپس موٽڻ بعد سيناپتين جي صلاح سان شري رامچندر سينا جا چار ڀاڱا ڪري، لنڪا جي چئني دروازن کان ڪاهه ڪرڻ جي آگيا ڏني. صبوح ٿيندي ئي لنڪا تي چڙهائي ٿي ويئي. هوڏانهن راوڻ به قلع

جون ٻوٽيون ڏنيون. سو هو ڪيتريون ٻوٽيون ڪٽي واپس وريو. جنهن وقت اهو وايو پان ايوڌيا ٻاهران رات جو اچي لنگهيو ته ان وقت مهاراج ڀرت، جو جاڳي رهيو هو، تنهن ڪنهن دشمن جو هوائي رٿ سمجهي، ان کي تير هڻي ڪيرائي وڌو. هنومان رٿ ۾ "شري رام" چوندو اچي پٽ تي پيو. "شري رام" جو نالو ٻڌي ڀرت ڊوڙي ويو ۽ هنومان کان وچي حال پڇيائين جنهن سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايس، جا ٻڌي ڀرت ڏاڍو دکي ٿيو ۽ پنهنجي وايوپان ۾ هنومان کي هڪدم روانو ڪيائين.

"اڃا هنومان ڪين آيو آهي. اڌ رات ته گذري چڪي آهي. مان ڪهڙي منهن سان ماتا سمترا وٽ ويندس؟ تو منهنجي سڪ لاءِ ماءُ، پيءُ، گهر سڀ سڪ ٿياڳيا ۽ بن جا ڏک ڏٺا." ائين چئي ڳوڙها ڳاڙهي وري وري شري رامچندر لڪشمڻ کي چمي رهيو هو. ٿڌهن گهڻي انتظار ۾ ويٺل جي وچ ۾ هنومان اچي لٿو ۽ ٻوٽيون آڻي راج وئديه سشيڻ اڳيان حاضر ڪيائين، جنهن گهربل ٻوٽيءَ جي رس پياري لڪشمڻ کي سرجيت ڪيو، جنهن تي شري رامچندر ۽ سندس سينا ۾ خوشي ڇانئجي ويئي. شري رامچندر سشيڻ جا تورا ٻجا آندا ۽ هنومان کيس راتو وَاهه وچي سندس گهر ڇڏي آيو.

(۴)

ٽئين ڏينهن وري جنگ جاري ٿي. ايڪادشيءَ ڏهاڙي هنومان **ڌومرا** نالي راوڻ جي مشهور سيناپتيءَ

سينا ۾ ڏاڍو ڪٽڪو وجهي ڇڏيائين. هنومان ٻه اڳئين ڏينهن جيان سنڌس رٿ ٽڪر ٽڪر ڪري وڌو، سنڌس ڪوچوان ۽ گهوڙو ماري ڇڏيو ۽ ٻيا ڪيترا سنڌس ساٿي موت جي سيجا تي ليٽائي ڇڏيا. تڏهن ميگهناد وري هوائي رٿ ۾ چڙهي ٻاهر وسائڻ جا هٿيار هلايا پر ميگهناد جي چالاڪي ناڪامياب ٿي. نيٺ ميگهناد لڪشمڻ کي سامهون لڙڻ لاء للڪاريو جو ٽڪري نرروار ٿيو. ٻئي مست هاٿين جيان خوب لڙيا. خود ميگهناد لڪشمڻ جي ٻل جي پنهنجي دل ۾ ساراهه ڪرڻ لڳو ۽ نيٺ ساڻس زور آزمائي ڪري رهڻ بعد اوچتو وٺي ڪيس ڇاتيءَ ۾ زهري تير هنيائين، جنهن جي لڳڻ سان لڪشمڻ بيهوش ٿي ڪري پيو. جنهن تي هنومان لڪشمڻ کي کڻي شري رامچندر اڳيان آڻي رکيو. ڪيس سجاڳ ڪرڻ جا گهڻا حيلا هلايا ويا پر سڀ اجايا ٿيا. تڏهن جامونت جي صلاح سان هنومان لنڪا ۾ ويو، رات جو سشيڻ نالي مشهور راج وئديه کي وٺي آيو.

”اڄوڪيءَ رات اندر پهاڙ تان ٻوٽي آندي وڃي ته لڪشمڻ بچي سگهندو.“ سشيڻ جي انهيءَ چوڻ موجب هنومان کي هڪدم وايويان (هوائي جهاز) ۾ چڙهي پهاڙ تان ٻوٽي آڻڻ لاء چيو ويو جو هڪدم راهي ٿي ويو.

(٣)

پهاڙ تي پهچي هنومان ڪيترين ئي ساڳين نمونين

ماندا ٿيا.

ڀڀيشڻ شري رامچندر کي ٻڌايو ته "ميگهناد جي وڏي تپسيا ڪيل آهي ۽ هن کي ان ڪري ور مليل آهي ته جنهن ٻارهن ورهيه پورڻ برهمچريه جو پالن ڪيو هوندو، تنهن کانسواءِ ٻيو ڪو به هنکي ماري ڪين سگهندو. سو اهو ڪم لڪشمڻ کان ئي ٿي سگهندو."

هي ٻڌي لڪشمڻ هڪدم تيار ٿيو ۽ شري رامچندر جي چرڻن ۾ سر نمائي جنگ جي ميدان ۾ آيو. ڏاڍي جنگ لڳي ۽ آخر لڪشمڻ اهڙو تير ڇوڙيو جنهن جي چالڻيءَ ۾ لڳڻ سان ميگهناد جهڙو زبردست جوڌو به هميشه لاءِ دنيا مان ڪوچ ڪري ويو!

(٥)

لنڪاپري، جا ٿورا ڏينهن اڳ ويرن جوڌن جو آستان هئي، جتي عيش آرام ۽ ڌن دولت ميو هئي، اُتي اڄ روڄ ۽ راڙو آهي، هراس آهي ۽ بهادر سڀ جنگ ۾ مارجي چڪا آهن. مهاراجا راوڻ جنهن جو شان ۽ دٻدٻو چوڏس چوڌار چمڪي رهيو هو، سو اڄ اڪيلو دکي ۽ ديوانو آهي. مگر بهادر ٻنهن جي چال ڪٿي ٿو ٿياڳي؟ راوڻ نه فقط بهادر، مگر مهاگياني هو پر ڪم نصيبيءَ سبب هو ڪنهن به مٽر جي صلاح نه مڃي، موت طرف تکو وڌي رهيو آهي.

صبوح جو سندر سمو هو. انڌاريءَ ۽ نراسائيءَ کي سورج جي سوجهري اچي ڍڪي ڪڍيو هو. اڄ ڀاءُ،

کي ماري وڌو. ان کان پوءِ **اڪنپ** نالي سپهه سالار خوب لڙائي ڪئي، جنهن کي انگد ڪال سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ روانو ڪري ڇڏيو. نيل وري **پرهست** کي پرلوڪ پهچايو. **مهودر** جون اکيون هنومان هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيون. انهن ڏينهن جي لڙائيءَ بعد **اڌڪاير** راوڻ جو سپهه سالار به مارجي ويو. **ڪنڀ ۽ نڪنڀ** به لڙڻ ۾ ڪين گهٽايو مگر پنجن ڏينهن بعد ڪين به يمپوريءَ جي ٽڪيٽ وٺڻي پيئي. ايترن سردارن جي مارجڻ جو ٻڌي راوڻ ڏاڍو ماندو ٿيو ۽ پنهنجي پراڪرمي ڀاءُ **ڪنڀ ڪرڻ** وٽ مدد لاءِ لنگهي ويو، جنهن پهريائين ڪيس سيتا کڻي اچڻ تي ڇينيو پر راوڻ جي نيزاريءَ ڪرڻ تي سندس پاران لڙڻ قبوليائين. ڪنڀ ڪرڻ جنگ جي ميدان ۾ اچي ڏاڍيءَ بهادريءَ سان لڙيو. نل، نيل، انگد، سگريو ۽ ٻيا ڪيترا يوڌا به سندس ڌڪن سان بيهوش ٿي زمين تي پئجي رهيا هي ڏسي خود شري رامچندر وڏي جنگ جي ميدان ۾ آيو. ٻنهي ويرن جي خوب لڙائي لڳي. آخر شريِ رامچندر ڪنڀ ڪرڻ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو ۽ ٻيا ڪيترائي وير راوڻ جا ماري وڌا. چوڌاري ”شري رامچندر جي جئه“ جا آواز ٿيڻ لڳا. شام جو ٻئي ٿڪل سينائون جنگ بند ڪري وڃي آرام ڪرڻ لڳيون.

ٻئي ڏينهن ميگهناد ومان ۾ چڙهي آسمان مان هٿيار هلائي، ڪيترن کي بيهوش ڪري ڇڏيو ۽ بانر ڏاڍا اچي

ٿي هندو اهو ڏينهن اڄ تائين هر سال دسهڙو ڪري ملهائيندا آهن.

(٦)

”منهن جا بهادر مترو! اوهان منهنجي واسطي وطن ڇڏيو، سک تياڳيا ۽ جنگ ۾ ڪيترا ڪشٽ ڏٺا، اوهان سڀني سچي متر جا ناتا نباهيا آهن، جنهن لاءِ مان اوهان سڀني جو ٿورائتو آهيان. اوهان سڀني جي مدد کانسواءِ هيڏي وڏي سوڀ ٿيڻ مشڪل هئي.“ شري رامچندر پنهنجي ڪٿي ٿيل سينا کي ڏاڍي پريم مان چوڻ لڳو. سگريو، انگد، جامونت، هنومان، ڀڀيشڻ ۽ ٻيا سڀ سيناپتي، وير ۽ سينا جا ٻانر سپاهي هي ٻڌي شري رامچندر جي جئه منائڻ لڳا. مٺيان وچن چوندي شري رامچندر جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. لڪشمڻ هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته ”ڪرپانڌان! هي ڇا؟ هن فتح ۽ خوشيءَ جي موقع تي هي دک ڇو؟ هاڻي ته دکن جا ڏينهن پورا ٿيا، تڏهن اوهين هيئن ڳوڙها ڇو ڳاڙي رهيا آهيو؟ دَيا ڪري ٻڌايو ته ڪهڙي گهٽتائي ٿي آهي ته آءٌ انهيءَ جي پورائيءَ لاءِ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيان.

جواهري ئي جواهر جي پرک ڪري ڄاڻندا آهن. گياني ئي گيانيءَ جو قدر سڃاڻندا آهن. ويرن کي ئي ويرن جو قدر هوندو آهي. سو شري رامچندر گهٽيل گلي سان چوڻ لڳو ته ”پيارا لڪشمڻ! اڄ ٻيءَ ڳالهه جو دک ڪونه اٿم. فقط افسوس اٿم جو دنيا جي لکتي ٽان نه

پٽن ۽ ڀين سيني ماڻهن جي مارجڻ ۽ پيڻ جي لڪ چپ
وڌڻ جي وير وٺڻ لاءِ راوڻ پاڻ باقي سڀ سينا وٺي
کيهر شينهن جيان ڪاهي آيو آهي ۽ هوائي رٿ ۾
چڙهي آسمان مان باهه ۽ زهر جا تير ڇوڙي رهيو آهي،
جنهن ڪري شري رامچندر جي سينا ۾ هاهاڪار مچي
ويو آهي. هي ڏسي خود شري رامچندر جنگ ڪرڻ
لاءِ ڪاهي آيو. ٻنهي پاسي تيرن جو وسڪارو ٿيڻ لڳو.
راوڻ اهڙي ڦڙ لڳ سان تير وسايا، جو خود شري رامچندر
به بيهوش ٿي ويو. راوڻ تلوار کڻي سندس گلي ڪپڻ
لاءِ وڌڻ تي هو ته سگريو اٿي وڌي سندس سيني تي
اهڙو ته گڙ هنيو، جو هن جو هوش خطا ٿي ويو. ايتري
۾ شري رامچندر به هوش ۾ آيو ۽ وري ٻنهي ويرن جي
لڙائيءَ جو شور مچي ويو. شري رامچندر راوڻ کي اهڙا
ته تير هنيا جو خود راوڻ جو رٿوان راوڻ کي مئل سمجهي
رٿ لنڪا ڏانهن ڀڄائڻ لڳو. مگر راوڻ وري وات تي
ٿي سجاڳ ٿيو ۽ وري جنگ جي ميدان ۾ اچي اگني ٻاڻ
ڇوڙڻ لڳو. جن سبب شري رامچندر جي سينا پيڙا سبب
ڏاڍو شور مچائڻ لڳي. هاڻي وري شري رامچندر راوڻ
جي سامهون آيو ۽ هڪ زبردست تير سندس ڇاتيءَ ۾
هڻي، سندس ڪم تمام ڪري ڇڏيائين. راوڻ جي مارجڻ
سان چوڌاري شري رامچندر جي جئڪار سان آسمان
ڦاٽڻ لڳو. باقي راوڻ جي سينا ڀڄي ويئي. لنڪا ۾ راوڻ
جي محلات ۾ روج ۽ راڙو مچي ويو. راوڻ جي مارجڻ

جي چرڻن ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ هلڻ لڳي. ماتا جو درشن ڪري بانر سينا "شري رامچندر ڪي جئه"، "شري سيتا ماتا ڪي جئي" جا نعرا هڻي رهي آهي. سيتا شري رامچندر جي اڳيان هٿ جوڙي بيهي ويئي. سندس اکين مان خوشيءَ جا لڙڪ وهي رهيا هئا.

"پياري سيتا! تون ستي آهين. تنهنجي واسطي ئي مون راوڻ سان هيڏي جنگ جوٽي سندس انت آندو. هنن منهنجن مترن سگريو، هنومان ۽ ٻين جي مدد سان ئي مان هيڏي سوڀ پائي سگهيو آهيان. هاڻي وڇوڙي ۽ ڏک جو وقت ويو."

شري رامچندر ائين چوندي ڇوڏاري نهاريو ۽ ماڻهن ۾ سس پس ڏسي وري چوڻ لڳو "منهنجو تنهن جي پتور تا هئڻ ۽ پنهنجي قدم تي پڪي هئڻ ۾ ذري جو به شڪ ڪونهي، مگر هي رواجي لوڪ ذرا سمجهن پيا ته هيترو وقت راوڻ جهڙي زبردست عيش پرست وٽ رهي تون ڪئن پنهنجو ست قائم رکي سگهي هوندينءَ؟ ان ڪري ٿو ڪي پنهنجي ست جي پريکيا ڏيڻ لاءِ اگني ڪنڊ (باهه جي مچ) مان لنگهڻو پوندو."

سيتا گهري ڪنڊ ن جي مٿ وڃي رهي هئي. راوڻ جي اشوڪ واٽڪا ۾ ٻکن ۽ اڃن ۾ وقت ڪاٽي موت جي انتظار ۾ جيوت گذاري ڇڙهي هئي ۽ اڄ پنهنجي پران آڌار پتيءَ جي ملڻ سان پنهنجي سيني دکن ڪان ڇٽڻ جي اميد ۾ هئي، سا هي وچن ٻڌي حيران ٿي ويئي.

فقط هڪ بهادر جوڌو گذاري ويو، مگر هڪ وڏو ودوان، وڏو گياني، هڪ وڏو راڄنيتيءَ جو ڄاڻو ويندو رهيو، جنهنجي جاء ڪو ورلي ڀري سگهندو."

"سوامي! اهو ڪيئن؟"

"لڪشمڻ! راوڻ ڪي فقط ايمان اندو نه ڪري ها ته هنجهو دنيا ۾ ڪو ثاني مشڪل هو." شري رامچندر فرمايو.

شري رامچندر جي آگيا سان ڀڀيشڻ ۽ ٻين گڏجي راوڻ جو پتا يوگيه سنسڪار ڪيو ۽ لڪشمڻ ۽ ٻين گڏجي لنڪا ۾ وڃي، ڀڀيشڻ کي راڄ تلڪ ڏيئي تخت تي وهاريو.

باب اُڻويهون - اگني پريکيا

(ا)

هنومان نمي نمسڪار ڪيو. هٿ ٻڌي شري رامچندر جي فتح جو سماچار ٻڌايائين ته ڳريل سرير ۾ ائين نئين جان اچي ويئي، جئن ڪومايل ٻوٽي کي پاڻي ايندو آهي ته ان ۾ نئون ساهه پوندو آهي. اڄ سيتا ماتا ٻـ راوڻ جي مارجڻ جو ٻڌي جهري تي اُتي. ڀريوءَ جا تورا مچيائين. هنومان جي آندل رٿ ۾ ترجٽا کي ساڻ وٺي شري رامچندر جي ڇانوڻيءَ ۾ آئي. وڇوڙي جي رات غائب ٿيڻ تي هئي ۽ ميلاپ جو روشن ڏهاڙو ٿيڻ وارو هو. سيتا جي خوشيءَ جو بيان ڪير ڪري؟ ڇانوڻيءَ ۾ ايندي ئي رٿ تان لٿي ۽ پيرين پيادي شري رامچندر

جا نعرا ڇوڏاري لڳي ويا. شري رامچندر وڏي سيتا
کي پيار سان گلي لڳايو.

(٢)

"هيترا سال بنن جا ڏک ڏٺا اٿؤ. راوڻ سان جنگ ۾ ڪيڏي نه جفاڪشي ڪرڻي پيئي اٿو. سوامي! مون داس تي ڪرپا ڪريو. لنڪاپريءَ ۾ پنهنجا چرن گهمائي هلي ان کي پوتر ڪريو. ديا درشٽي ڌاري هلي ڪجهه آرام جا ڏينهن ڪاٽيو." ٻڀيشڻ شري رامچندر جي چرنن تي ڪري وينتي ڪرڻ لڳو.

"پيارا ٻڀيشڻ! پتا جي آگيا موجب مون کي چوڏهن ورهيه بنواس ۾ گذارڻو آهي ۽ ڪنهن به نگر ۾ پير نه رکڻو آهي. اسان کي هاڻي ترت واپس ورڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته چوڏهن ورهيه اڄي پورا ٿيڻ تي بينا آهن ۽ جيڪڏهن اسين وقت تي ايوڌيا نه پهچنداسين ته پيارو ڀرت وڇوڙي ۾ شايد وڌيڪ جئرو نه به رهي سگهي." شري رامچندر اهڙيءَ طرح ٻڀيشڻ کي سمجهائي پنتي ورڻ لاءِ آگيا ڪئي.

راوڻ جي استري **مندودري** به شري رامچندر وٽ آئي، جنهن کي پڻ شانتيءَ ۾ رهڻ ۽ ڌرم جو اُپديش ڪري لنڪا ۾ رهائي ۽ ترت ئي تياري ڪري واپس وريا. ٻڀيشڻ کين ترت مسافري ختم ڪرڻ لاءِ راوڻ جو "پشپڪ ومان" (آسمان ۾ اُڏامندڙ هوائي جهاز) سوکڙي ڏنو جنهن تي شري رامچندر پنهنجن مکيه ساٿين سان

”پران ناٿ! اگني پريکيا! اگني پريکيا!! سا ٻه رواجي لوڪن جي شڪ دور ڪرڻ لاءِ؟ هائو، جا اوهان جي آگيا پريکيا اوس ئي ڏيندس. مون ڪي وشواس آهي ته جنهن پريوءَ مون کي راوڻ جي قيد ۾ لوڀن لالچن، ڀين، ڏڪن ۽ سختين جي کوري مان بچائي پار ڪيو آهي سو اوس ئي هن اگني پريکيا مان به بچائي وٺندو.“ ائين چوندي سيتا ماتا شري رامچندر جي اڳيان سر نمايو.

ڪانئين جو وڏو ڍير ڪٺو ڪيو ويو ۽ ان کي باهه ڏني ويئي. باهه اهڙا ته پڙڪا ڏيئي رهي هئي جو ان جو ڌوءُ ڪيتري پنڌ تي ماڻهن کي ساڙي رهيو هو. شري رامچندر جي اشاري ملڻ تي سيتا ماتا اُٿي. ”اگني ماتا! تون پرڪاش ڪرڻ واري آهين. تون ئي زندگيءَ جو سهارو آهين. تو ۾ ئي سون جي پرک ٿيئي ٿي. ماتا! جيڪڏهن مون من، وچن يا ڪرم سان ڪنهن به ٻئي پرش جو خيال ئي ڪيو هجي ته مون کي جلائي ختم ڪج.“

ائين چوندي سيتا اڳئين کان وڌيڪ تيجسوي ۽ مرڪندڙ مک سان اگنيءَ ڏانهن ڏوڪڻ لڳي. اڃا باهه جي مچ ۾ نيڻ تي هئي ته ڪئين ماڻهو ڀڄندا آيا ۽ اگنيءَ جي چوڌاري بيهي ويا. ”ماتا! تنهنجي اگني پريکيا ٿي چڪي. تون ستي آهين.“ ائين چوندي ڪيس زوريءَ باهه ۾ نيڻ کان روڪيو ويو. ”ستي سيتا ماتا جي جئه“

چوڌاري خوشي ڇوليون ڏيڻ لڳيون. شري رامچندر اچي ٿو، شري رامچندر اچي ٿو“ هيءُ وائي هر هڪ نر ناريءَ جي وات ۾ هئي. سڄو شهر سينگاريل جي ويو. اڪيچار نر ناريون ٻار ٻچا، سنت مهاتمائون، وزير، غريب شري رامچندر جي آجيان لاءِ گهڻو پنڌ شهر کان ٻاهر اچي ڪنا ٿيا هئا. پشپڪ وِمان ۾ آڪاش مان اچي لٿو. ”شري رامچندر جي جيءَ“ جي آواز سان آسمان ڦاٽڻ لڳو. شري رامچندر وِمان مان لهندي ئي وسشٽ ۽ ٻين ٻين وڏن کي پرڻام ڪري ڀرت کي ڪڇي گلي سان لڳايو. ٻنهي جي اکين مان پريم جا ڳوڙها وهي رهيا هئا. رام ڀرت ميلاپ جو نظارو ڪير چٽي سگهندو؟ شري رامچندر ڀرت جو پران هو ۽ ڀرت شري رامچندر جو پيارو هو. وڇڙيا مليا. ماتا ڪوشليا، ڪيڪئي ۽ سمترا جي وڇوڙي جو وقت پورو ٿيو. چوڌاري شادمانا ٿي ويا. ڀڄن، ڪيرتن، شنکن، نادن، نغارن، ڍولن دمامن ۽ شرناين جا مٺا آواز اچڻ لڳا. سڄي رات اهڙيءَ ريت آنند سان گذري.

(٢)

ٻئي ڏينهن سڄي ايوڌيا ۾ يگيه هوَن ڪيا ويا. شري رامچندر جي گاديءَ تي وهارڻ لاءِ وزيرن ۽ وسشٽ مهاراج نيڪ تياريون ڪرايون. راج دربار سينگاري وئي. شري رامچندر راجائي ويس ۾ راج دربار ۾ پڌاريو. اڄ سندس سونهن سيني کي موهي رهي هئي. دربار ۾ سڀ پنهنجين پورين جاين تي ويٺل هئا. رشين ۽ براهمڻن

گڏ چڙهي ايوڌيا ڏانهن هليو. شري رامچندر وانت لــي سيتا کـي اهي جايون ڏيکاريندو هليو، جن جن هنڌ پاڻ ترسيو هو. سمنڊ تي پل، جنايوءَ جي ڪنيا، سگريو جي راجڌانـي ڪشڪنداپـــري ۽ ٻين رشين منين جا آستان گهمائيندو ترت ئي اچي ايوڌيا جي اوڏو ٿيو.

باب ويهون - رام راڄ

(ا)

ايوڌيا جي ٻاهران هڪ ڪنيا ۾ هڪ تپسوي مرڳ چالا لي ڌيان ۾ مگن آهي. ڳري هڏن جو پڃرو ٿي ويو آهي. هن تپسيا کي چوڏهن سال اچي ٿيا آهن. شري رامچندر جي آگيا سان هنومان اڳواٽ ئي ان تپسويءَ جي ڪنيا ۾ ٻوڙي شري رامچندر جي اچڻ جو سنيهو سڻائڻ ويو آهي. تپسويءَ جي مک مان "شري رام، شري رام" جو آواز اچي رهيو آهي. هيءُ ڏسي هنومان جي اکين مان پريم وچان لڙڪ لڙي پيا. "مهاراجا پرت! تـون جنهنجي يادگيريءَ ۾ تڙقي رهيو آهين، سو شري رامچندر اچي رهيو آهي" هنومان جا اهي لفظ ٻڌي پرت جون اکيون کليون ۽ چوڌاري نهارڻ لڳو ته مان سپنو ته ڪو نه لهي رهيو آهيان. پر هنومان کي سامهون ڏسي ڏاڍو گد گد ٿيو ۽ کيس گلي سان لڳائي شري رامچندر جو سارو احوال پڇيائين. پرت هنومان سان گڏ شري وسشٽ مهاراج وٽ ويـو ۽ کيس هيءُ شڀ سماچار ٻڌايـو ويو. سڄيءَ ايـوڌيـاپريءَ ۾ هيءَ خبر بجليءَ جيان ڦهلجي ويئي.



No 609 अयोध्यापति राम S.S.B.

ويد منتر اُچاريندي وڏيءَ موجب شري رامچندر کي سيتا ماتا سميت راڄ گديءَ تي وهاري راڄ تلڪ ڏنو. نيٺي ڀائر سندس پير ۾ وهاريا ويا ۽ هنومان سندس شيوا ۾ حاضر رهيو. اهو کهڙو نه آننددائي نظارو هو! راڄ تلڪ ٿيڻ تي هيڪر وري راڄ دربار "سياور رامچندر جي جيء" جي آواز سان ڀرجي ويئي. رشين منين ۽ براهمڻن شري رامچندر کي آسيس ڏني ۽ کين دل گهريو دان ڏنو ويو. سڄي شهر کي خوب ڪارايو پيارايو ويو. رات جو سڄي شهر ۾ ايتري ته روشني ڪئي ويئي، جنهن چنڊ جي چانڊاڻ کي لڄي تي ڪيو. ان کي "ديپ مالها" يا "ڏياري" ڪوٺيو ويو، جا اڄ تائين هر سال ساڳي ڏينهن ملهائي وڃي ٿي.

(٣)

ڏکن جي ڪن به ورهين ٿيو پوي ۽ خوشيءَ جي وقت گذرندي ويرم ئي ڪانه لڳي. سو سڄا سارا ڇهه مهنا ايوڌيا ۾ اچڻ بعد اهڙيءَ ريت گذري ويا، جو ڪل ئي ڪانه پيئي. شري رامچندر مهاراج، سگريو، انگد ۽ ٻين ٻانر ويرن کي گهرائي چيو ته، "مترو! آءٌ اوهانجي متر تا جي نائي نباهڻ جي ڪهڙي واکاڻ ڪريان؟ اوهين گهر ٻار تياڳي سر ترِيءَ تي رکي مون لاءِ وڙهيا ۽ اڄ سوڌو گهر ٺڙ ۽ وطن وساري ويٺا آهيو."

"مهاراج! اسان ته فقط فرض پاليو آهي. اسان جي سارا ڪرڻ نيڪ ڪين آهي. آئينده به جا آگيا ڪريو

سا ڀالڻ لاءِ تيار آهيون." سيني ٻانرن چيو.

"مترو! اوهان جا ٻار ٻچا اوهانجي وڇوڙي ۾ پيا ٿڙقندا هوندا، انڪري هاڻي پنهنجي وطن وڃو. اوهين اسانکي پيارن ۾ پيارا آهيو ۽ جڏهن ٻه ياد ڪندا، تڏهن اوهان وٽ هليا ايندا سين."

شري رامچندر جا اهي وچن ٻڌي سگريو، انگد ۽ ٻين جي مٿان ڄڻڪ ٻجلي اچي ڪڙڪي. انهن نمي وينتي ڪئي ته اسان کي پاڻ کان جدا نه ڪريو. شري رامچندر کين سمجهائي باز آندو ته "منهنجو پيار سدائين اوهان لاءِ رهندو. اوهين ڪو ٻه خيال نه ڪريو." اهڙيءَ ريت سيني کي سمجهائي سوکڙيون پاکڙيون ڏيئي رٿن ۾ چاڙهي ڪشڪنداپريءَ ڏانهن روانو ڪيو ويو. باقي هنومان سندن شيوا ۾ ئي رهيو.

(٤)

شري رامچندر جي راڄ گديءَ تي وهڻ بعد چوڌاري سک شانتيءَ جو اچي واسو ٿيو. سيئي بلڪل خوش گذارڻ لڳا. ماڻهن مان وير ورود ۽ ونجوڳ نڪري ويو. ڪوڙ ڪپٽ، پاکنڊ، چوري، جوا، ڪڪرم وغيره ڏوهن جو نالو ٻه ڪو نه هو. اهو ڪو ٻه ڪو نه رهيو جو سزاياب ٿئي. ويدن جي آگيا موجب سڀ لوڪ هلڻ لڳا. ديا ڌرم جو هر ڪنهن جي دل ۾ واسو ٿي ويو ۽ هر ڪو هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ پنهنجو ڌرم ڄاڻڻ لڳو. منداڻتا مينهن پوڻ لڳا. هر طرح ملڪ ۾ آنند جي ڌارا

سنڌي ساهتيہ سڀا جا ١٩٦٠ جا ڪتاب

١- سنڌو- (اصلوڪو ناول) لکندڙ- شري رام جي هنگوراڻي قيمت ٢-٠٠ هن ناول ۾ پنو جنم جو سڌانت دلچسپ نموني سمجهايل آهي- پرنسيپال ايل- ايچ اجواڻي- پنهنجي علماڻي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ هن ناول سنڌي ساهتيہ ۾ نئون ورق ورايو آهي- سندس اثر ڏرق ڏيا ڏجاڻيل واڳيان آهي سنڌ جي شخصيت شعاع ڏري آهي، وڇيندڙ جي مغز مان نڪري واچيندڙ جي مغز ۾ چلڪامت ٿي ڪري- بمبئي ۽ سڪر جي نظارن جا الهاسي احوال دل ٿا بهار ڪن.

٢- گهرو ڊاڪٽر- هن پستڪ ذريعي ڊاڪٽر ڏي- وي ٿاراڻي پنهنجي ٣٥ سالن جي آزمودي جو فائدو عام کي گهرو ٽوٽڪن جي صورت ۾ ڏنو آهي هن سان گڏ گهرو هوميو پٿي رهبر بہ ڏنل آهي جو ڊاڪٽر پوهومل خلق جي خدمت لاءِ سڀني کي لکي ڏنو آهي ٢٢٥ صفحن جي پڪي جلد سان دان ملط ڪري قيمت ١-١٢-٠ رپيو رکيل- باقي ٿورڙيون ڪاپيون بچيل آهن.

٣- جپ صاحب- ٽيڪا لکندڙ ديوان چئنراءِ بولچند آڏواڻي مهاڳ لکندڙ ڊاڪٽر رگهومل موٽواڻي ١٠٠ صفحا پيٽا ٧٥ نوان پئسا- ٿورڙيون ڪاپيون بچيل آهن.

٤- پورب جوتي- دنيا ڀر جي مشهور ڪتاب Light of Isia جو ترجمو سنڌ جي برک ليکڪ پروفيسر جيٺمل پرسرام جو ڪيل- هن پستڪ ۾ ڀڳوان گوتم ٻڌ جي جيون ڪٿا سليس ٻوليءَ ۾ ڏنل آهي- دان ملط ڪري هڪ سؤ ١٦٤ صفحن جي قيمت ١-٤-٠ رپيو رکي وئي آهي.

وهي هليِ.

ڪجهه سالن کان پوءِ شريِ رامچندر کي **لؤ ۽ ڪش** نالي ٻه سندر سور وير پٽر پيدا ٿيا، جي والميڪ رشيءَ جي آشرم ۾ رهي هرطرح جي وديا وٺي هوشيار ٿيا. جنهن بعد "اشوميڌ" يگيه ڪري شريِ رامچندر سڀني راجائن کي پنهنجي تابع ڪري سڄيءَ دنيا کي هڪ ئي سلطنت جي ڏاڍي ۾ هڪ ڪيو ۽ **"رام راڄ"** جو ڏاڪو اهڙو نه وڄائي ڇڏيو جو اڄ به هرڪو "رام راڄ، رام راڄ" پيو پڪاري.

سماپت



۵- **ڪٺ اُپنشد** - (ٽيڪا سان) لکندڙ ڊاڪٽر رگھومل مونواڻي. اُپنشد هندن جو اعليٰ خزانو آهن تن ۾ هيءُ مکيه ڪٺ اُپنشد آهي، هن پستڪ ۾ آتمڪ وديا جي سمپورڻ ۾ نچڪيتا ۽ يمراج جو سنواد تمام چڱيءَ طرح ۽ سمجھائيندڙ روپ ۾ ڀريل آهي دان ملڻ ڪري پستڪ جي قيمت ۶۲ نوان پئسا رکي وئي آهي.

۶- **شاريرڪ جيون ۽ آسڻ** - ليکڪ سرڳواسي ڪندنمل ڏيپچند هن پستڪ ۾ شرير جي رکيا بابت هر هڪ پهلوءَ تي روشني وڌل آهي. ڪاڌي جي باري ۾ اَن، ميوي، ڀاڄين جا گڻ ڏنل آهن برهمچريه بابت به سمجھاڻي ڏنل آهي گھرو اسڌا پڻ ڏنل آهن. دان ملڻ ڪري ۴۰، صفحن جي قيمت هڪ رپيو رکي وئي آهي.

۷- **مانسڪ جيون** - ليکڪ سرڳواسي ڪندنمل ڏيپچند شوداساڻي، من کي ايڪاگر ڪرڻ جي طريقن جو ورڻن درشٽانتن سان سندر نموني ۾ ڪيل آهي. قيمت هڪ رپيو.

۸- **آتمڪ جيون** - ليکڪ سرڳواسي ڪندنمل ڏيپچند شوداساڻي هن پستڪ ۾ روحاني راز مثالن سان ٻڌايل آهن. جي پڙهڻ سان هردي ۾ آنند جون لهرون اُٿن ٿين ٿيون. قيمت هڪ رپيو.

۹- **ڀيشم پتامهه** - ترجمان پروفيسر ايشوري جوتواڻي ايم- اي. هن پستڪ ۾ ڀارت جي مهان وير برهمچاري ڀيشم پتامهه جي جيون جو بيان ڪيل آهي. ڀيٽا ۷۵ نوان پئسا.

۱۰- **اُٿي اَلکھ ڏي اور** - ليکڪ گ. ش. اُلمچنداڻي ۳۱ سندر ويچار پرارٿنائن جي روپ ۾. ڀيٽا ۲۵ نوان پئسا.

۱۱- **گرشبد مالها** - چونڊ گرو گرنٿ صاحب جا پدن. قيمت هڪ روپيو.

۱۱ ڪتابن جي سيٽ جي قيمت ڏهه رپيا

سنڌي ساهتيه مالها جو ٻيو سال

سال ١٩٦١ ۽ ١٩٦٢

سنڌي ساهتيم سميتيءَ
پاران هن سال هيٺيان ڪتاب ڏيڻ ۾ ايندا.

١. روحل جو ڪلام- ڊاڪٽر رگهومل موٽواڻي
٢. سنڌ ۽ رامائڻ- شري ديپچند ترلوڪچند
٣. شريمد ڀڳوت گيتا- پرنسپال نانڪرام ٿڌاڻي
(شعر ۾)
٤. گهرو رواجي علاج- شري پهلاجراءِ واسواڻي
٥. نازڪ گلڙا- سري نانڪرام ڌرمداس
٦. سوامي رام تيرٿ- شري وشن ڄيٺياڻي
٧. ڪرسٽ جي پيروي- شري پرمانند ميوارام
(مان چولڊ وچن)

وڌيڪ ڪتابن جي پڌرائي بعد ۾ ڪئي ويندي.

سالياڻو چندو ١٢½ روپيا. ولايت لاءِ ١٥ روپيا.

سنڌي ساهتيه سميتي
سيٺ ماڊل هاءِ سڪول بلڊنگ،
ڪينيڊي برج، گرانٽ روڊ، بمبئي ٧.